

# سچي محبت

آرل آف بِيڪَنسفِيلڊ

شمس العلماءِ ميرزا قليچ بيگ

سنڌي ادبي بورڊ

# سچي محبت

سنڌيڪار:

**شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ**

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

2006ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون سال 1959ع تعداد ٻه هزار
ڇاپو ٻيو سال 2006ع تعداد پنج سؤ

قيمت: هڪ سؤ رپيا
[ Price Rs. 100-00 ]

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
**Email Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي زبان بيشڪ شاهوڪار ۽ زرخيز ٻولين مان هڪ آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ادبي زرخيزيءَ جو اندازو پرڏيهي ادب مان ڪيل ترجمي مان بہ لڳائي سگهجي ٿو، جو ترجمو ڪيل پرڏيهي ادب، سنڌي ادب ۾ اهڙو تہ جذب ٿي سمائجي ويو آهي، جو پتو ئي نہ پوندو تہ ڪو هيءُ ڌاري ٻوليءَ مان ترجمو ڪيو ويو آهي. ترجمو ڪيل پرڏيهي ادب جي ڇپرايل ادبي شهپارن جو پرو ڪڍبو، تہ اهو سنڌي ادبي بورڊ وٽان ظاهر ٿيندو. جنهن اداري سنڌي ادب سميت پرڏيهي ادب جي اشاعت و طباعت تي مستقل مزاجيءَ سان ڪم ڪيو آهي. ان ڪان هر اهلِ علم ۽ ادب شناس ماڻهو واقف آهي، تہ اهو سنڌي ادبي بورڊ ئي آهي. هيءُ اهو واحد ادبي ادارو آهي، جنهن رنگ، نسل، مذهب ۽ قوميت جي فرق کي ختم ڪري فقط ئي فقط ادب جي خدمت ڪئي آهي، ان جو رڪارڊ شاهد آهي.

ڪنهن بہ ٻوليءَ جو ادب ايستائين عالمي ادب سان ڪلهو نہ ٿو ملائي سگهي، جيستائين ان ادب جو ڌارين ٻولين ۾ ترجمو ۽ ميڊيائي پروپيگنڊا سگهاري نہ ٿي ٿئي. سنڌي ادب جي ڪيتر ۾ تہ اعليٰ درجي جو ڪم ٿيو آهي، پر اُن جي ڌارين ٻولين ۾ ترجمي ڏانهن اجا ايترو توجهہ نہ ڏنو ويو آهي. ادب رڳو قومن جي احساساتي ۽ تخيلاتي تصورن جي اظهار جو نالو نہ آهي، پر اهو مجموعي طرح قومن جو هڪ ڊگهو تهذيبي ۽ ثقافتي سفر جو ريڪارڊ بہ آهي، جنهن ۾ قومن جي منزلن جا نشان ۽ سمورا پيچ و تاب سمايل هجن ٿا. ڌارين ٻولين جو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جو مقصد بہ اهوئي آهي، تہ جيئن اسان پنهنجي ادب جي ترقي ۽ معيار جو ڪاٿو پرڏيهي ادب سان ڪيل تقابلي

جائزي مان لڳائي سگهون ۽ اهو ڏسي بخوبي راءِ قائم ڪري سگهون تہ اسان جو ادب جو معيار ڪٿي پهتل آهي.

سنڌي زبان ۾ پرڏيهي ادب جي شروعاتي ترجمي نگارن جا پيرا ڳولبا تہ انهن ۾ سنڌ جي نامياري عالم ۽ سنڌي ادب جي محسن، شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ جا نظر ايندا. ميرزا قليچ بيگ سنڌي ادب جي اُفق جو اهو تارو هو، جنهن پنهنجي پوري روشنيءَ جي لاٽ سان ڏيهي توڙي پرڏيهي ادب کي منور ڪيو.

ڪنهن بہ لکندڙ لاءِ تخليق ڪان وڌ ترجمي جو ڪم محنت طلب ٿئي ٿو، ڇو تہ هن ڪم واسطي لکندڙ جو مڙني ٻولين تي دسترس هجڻ ۽ وٽس تخليقي ۽ فني طرح مهارت جو هجڻ تمام ضروري آهي.

هيءُ ڪتاب شمس العلماءُ ميرزا قليچ بيگ جي پرڏيهي ادب مان ترجمو ڪيل هڪ شاندار ڪتاب آهي، هن ڪتاب جي ترجمي جو معيار ۽ مواد ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو تہ اسان جي اوائلي عالمن جي ادب سوجهڻ واري پرک ۽ ڪسوٽي ڪا گهٽ درجي جي نہ هئي. 'سچي محبت' انگريزي ڪتاب "هنرئيٽا ٽيمپيل" جو سنڌي ترجمو آهي. جيڪو "آرل آف بيڪنسفيلڊ" جو لکيل آهي. مسٽر آرل انگلينڊ جو جڳ مشهور سياستدان ۽ اديب ٿي گذريو آهي. ميرزا قليچ بيگ صاحب اُن جو ترجمو ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪي ۾ ڪيو، جو بورڊ اُن جو پهريون ڇاپو سنہ 1959ع ۾ ڇپي پڌرو ڪيو ۽ هينئر سنہ 2006ع ۾ هن ڪتاب جو ٻيون ڇاپو ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. اميد آهي تہ پڙهندڙن کي پسند ايندو.

**(اعجاز احمد منگي)**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄامر شورو، سنڌ
ڇنڇر، ٢٧- رمضان المبارڪ ١٤٢٧هجري
بمطابق 21- آڪٽوبر 2006ع

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون | آرمن جو قديم خاندان | 7 |
| باب ٻيون | گلئسٽن بيري ۽ آرمن جي ڪٽنب جو زياده احوال | 10 |
| باب ٽيون | لنڊن جو سير | 15 |
| باب چوٿون | گلئسٽن بيري ۽ سر رٽنڪلف جي گفتگو | 17 |
| باب پنجون | فرڊننڊ جي تياري ۽ روانگي | 19 |
| باب ڇهون | فرڊننڊ جو مالٽا ۾ رهڻ ۽ موٽي انگلينڊ ۾ اچڻ | 21 |
| باب ستون | مس هينرئيٽا ٽيمپل سان واقفيت | 25 |
| باب اٺون | ملاقات جو اثر | 31 |
| باب نائون | ڊوسي بائوئر ڏي وڃڻ | 33 |
| باب ڏهون | ڊوسي بائوئر ۾ ٻيو ڏينهن | 39 |
| باب يارهون | آرمن ڏي موٽڻ ۽ لڪچوريءَ ڊوسيءَ ۾ وڃڻ | 42 |
| باب ٻارهون | عشق جو اظهار | 46 |
| باب تيرهون | ٻنهي جي محبت جو مقابلو | 50 |
| باب چوڏهون | آئيندي لاءِ رٿ | 54 |
| باب پندرهون | هنرئيٽا جو آرمن ڏي وڃڻ | 56 |
| باب سورهون | ڊوسيءَ ۾ عجيب اتفاق | 60 |
| باب سترهون | محبت جي لڪپڙهه | 63 |
| باب ارڙهون | ليڊي بليئر جو ڊوسي ۾ اچي مهمان ٿيڻ | 65 |
| باب اوڻيهون | ليڊي بليئر جي گفتگو ۽ هنرئيٽا جي نااميدي | 68 |
| باب ويهون | گلئسٽن بيري ۽ فرڊننڊ جي گفتگو | 73 |
| باب ايڪيهون | فرڊننڊ جي بيماري ۽ سندس مائٽن جو اچڻ | 77 |

| | | |
|---|---|---|
| باب ٻاويهون | فردننڊ ۽ ڪئٿرائن هڪٻئي جا حال- ياڻي | 81 |
| باب ٽيويهون | لارڊ مانٽفرڊ سان مسٽر ۽ مس ٽيمپل جي معرفت | 86 |
| باب چويهون | پيو عشق جو اظهار | 89 |
| باب پنجويهون | ٽيمپلن ڪي اوچتو ياڳ لڳڻ ۽ حالتن جي ڦيرگهير | 93 |
| باب ڇويهون | گلئسٽن بيريءَ جو هنرئيٽا کي ڏسڻ ۽ پوءِ فردننڊ کي ٻڌائڻ | 96 |
| باب ستاويهون | فردننڊ جي هنرئيٽا سان ملاقات | 99 |
| باب اٺاويهون | فردننڊ بابت لارڊ مانٽفرڊ ۽ هنرئيٽا جي رٿ | 103 |
| باب اوڻٽيهون | فردننڊ کي ڦاهڻ جي ڪوشش | 106 |
| باب ٽيهون | لارڊ مانٽفرڊ ۽ گلئسٽن بيريءَ جي مصلحت | 108 |
| باب ايڪٽيهون | فردننڊ قرض جي پيسن جو بندوبست ڪري ٿو | 110 |
| باب ٻٽيهون | ڪئٿرائن ۽ هنرئيٽا جي گفتگو | 113 |
| باب ٽيٽيهون | فردننڊ ۽ مسٽر بانڊ شارپ | 116 |
| باب چوٽيهون | فردننڊ ۽ هنرئيٽا جي محبت جي زياده صفائي | 118 |
| باب پنجٽيهون | هنرئيٽا ۽ سندس پيءُ | 126 |
| باب ڇٽيهون | فردننڊ ۽ سندس پيءُ | 129 |
| باب سٽيهون | فردننڊ جيل ۾ ۽ انهيءَ لاءِ هنرئيٽا جو ارمان | 132 |
| باب اٺٽيهون | فردننڊ سان ڪائونٽ مرابل جي ملاقات | 136 |
| باب اوڻيتاليهون | فردننڊ جي آزادي | 138 |
| باب چاليهون | فردننڊ جي لاءِ خوشيءَ جي مجلس | 143 |
| باب ايڪيتاليهون | پڇاڙي | 147 |

## باب پهريون

# آرمن جو قديم خاندان

"آرمن" جو خاندان نهايت قديم هو. "نارمنديءَ" وارو بادشاهه "وليم"، جنهن انگلينڊ فتح ڪيو هو، تنهن سان گڏ اُتي آيو. انهيءَ ڪان پوءِ اينڊڙن بادشاهن جي راڄ ۾ انهيءَ خاندان گهڻا لاها چاڙها ڏٺا ۽ جنگين ۾ گهڻي بهادري ڏيکاريائين. اصل اهو خاندان "رومن ڪئٿولڪ" مذهب جو هو، پوءِ راڻيءَ ايلزبيٿ جي ڏينهن ۾ "پراٽسٽنٽ" ٿيو، پر وري جيمس ٻئي جي راڄ ۾ ڪئٿولڪ ٿيو. هميشہ انهيءَ خاندان مان "نائيٽ" ۽ "بئرونيٽ" ٿيندا آيا. پڇاڙيءَ وارو مشهور شخص جو انهيءَ خاندان مان پيدا ٿيو، سو "سر فرڊ ننڊ آرمن" هو. هو خوبصورت، جوان، قابليت ۽ همت ۽ طبع وارو ماڻهو هو. تجويزن ۽ اٽڪلن ۽ ٻين ملڪي حرڪتن ۽ تدبيرن جي ڪري، ملڪ ۾ مشهور هو: ٻلڪ هڪڙي ڀيري تہ پولنڊ جي بادشاهه ٿيڻ جي بہ ڪوشش ڪئي هئائين، پر جڏهن انهيءَ ۾ فتحياب نہ ٿيو، تڏهن راڻيءَ وڪٽوريا جي شاهي نوڪري ڇڏي، قسطنطنيہ ڏي هليو ويو ۽ اُتي وڃي سلطان جي نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. جنهن ماڻهوءَ انگلنڊ ۾ پراٽسٽنٽ ٿيڻ نٿي گهريو، سو هتي مسلمان سڏائڻ ۽ اُتي جي پوشاڪ ڍڪڻ لڳو ۽ نيٺ ترڪي لشڪر جو سپهہ سالار ٿي آسٽريا تي ڪاهي ويو ۽ اتي جي لشڪر کي شڪست ڏنائين. انهيءَ ڪان پوءِ سگهو ئي وري اوچتو ئي اوچتو هو اچي انگلينڊ ۾ پيدا ٿيو ۽ ڏاڍي مان شان سان گذارڻ لڳو. پوءِ جڏهن فرانس ۾ حڪومت جي ڦير گهير ٿيڻ لڳي، تڏهن "سر فرڊ ننڊ" اتي وڃي "بونا پارٽ" جو طرفدار ٿيو ۽ نيٺ همت ۽ بهادري ڏيکاري پنهنجو سر ڏنائين ۽ ٻين فسادين وانگي قتل ڪيو ويو.

هن جو پٽ "سر رئٽڪلف آرمن" هو، جنهن کي پيءَ اصل ڪونہ ڏنو هو ۽ جو گمناميءَ جي حالت ۾ پلجي ۽ پئي وڏو ٿيو. سندس ماءُ، "ليڊي باربرا رئٽڪلف"، هن جي سنڀال ڪندي هئي. پيءُ جي مرڻ مهل هو مس بالغ ٿيو هو. "آرمن" واري جاگير ۽ جائداد، جا پيءُ - ڏاڏي جي ورثي ۾ هن کي ملي هئي ۽ جنهن تي گهڻو قرض جو بار پيل هو، تنهن جي سنڀالڻ ۽ قائم رکڻ جو هن پنهنجيءَ دل ۾ پڪو نهراءُ ڪيو. جيتوڻيڪ ان جي ياگي نيڪال ڪرڻ سان هو

اُهو قرض جو بار هلڪو ڪري سگهي ها، تہ بہ هن پنهنجيءَ جاگير کي گهٽائڻ نہ گهريو. اڏاريون رقمون ڪٽي ۽ ڪا جائداد گروي رکي، هن قرض لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. سندس ساليانيءِ پيدائش ٽي سؤ پائونڊ هئي، جا هو پنهنجيءَ ماءُ جي اڳيان وجي رکندو هو. انهيءَ طرح ڪن ڏينهن گذارڻ کان پوءِ، هو پنهنجي پيءُ جي ترار ڪٽي اسپين ڏي هليو ويو ۽ وجي اتي شاهي فوج ۾ داخل ٿيو. اتي هن ٿورو گهڻو آزمودو حاصل ڪيو. اگرچ تعليم گهٽي ڪانہ مليل هيس، مگر اتي هن کي هڪڙو خير خواهہ دوست ۽ استاد ملي ويو، جنهن جي صحبت ۾ هن گهڻو ئي ڪي پرايو. اهو هو - "ائڊرين گلئسٽن بيري"، جو سندس ماءُ جو پادري هو. اهو "آرمن" جي خاندان جو قديم واقف هو ۽ هميشہ احوال پيو گڏ ڪندو هو- انهيءَ لاءِ، تہ انهيءَ قديم خاندان جي تاريخي احوال جو ڪتاب لکي. اهو هن جوان "بئرونيٽ" جي تمام چڱي سنڀال ڪندو هو ۽ سندس سڀ ڪم ڪار ۽ خرچ پڪو هن جي حوالي هوندو هو.

"رئٽڪلف" کي اسپين ۾ ٽي ورهيہ مس گذريا، تہ پنيائنس سندس ماءُ مري ويئي. انهيءَ وقت "گلئسٽن بيري" وٽس موجود هو. انهيءَ "سر رئٽڪلف" کي ڏاڍيءَ غمگينيءَ سان اها خبر لکي ۽ هن کي صلاح ڏنائين تہ اسپين ڇڏي پنهنجي وطن هليو اچ. هن ائين ڪيو: انگلنڊ ۾ اچي، پنهنجي جاگير جي پوريءَ پنيءَ پيدائش تي گذران ڪرڻ لڳو. هڪڙو سڪر ماڻهو، جو ڪئٿولڪ هو ۽ جنهن سان اسپين ۾ معرفت ٿي هيس، تنهن وٽ اچڻ وڃڻ لڳو. انهيءَ جو نالو "لارڊ گرئنڊيسن" هو. رفتي رفتي انهيءَ جي ڌيءَ، "ڪانسٽنس" سان هن جي محبت پيدا ٿي ۽ نيٺ انهيءَ لارڊ جي اجازت سان هنن جي شادي ٿي.

شاديءَ کان پوءِ "آرمن" واريءَ جاگير جي محلات ۾ رهڻ لڳا، جنهن جو نالو "آرمن پئليس" هو. "رئٽڪلف" جي پيءُ، "سر فرڊيننڊ"، انهيءَ قديم عمارت جو ڪو ڀاڱو ڍهرائي وري نئين ڍول جا ڪمرا نهرايا هئا، باقي جايون ائين ئي اڻ نهيل رهيون پيون هيون ۽ مينهن واچ جي اثر کان خراب حال ۾ هيون. پر جيڪي نوان نهيل ڪمرا هئا ۽ جن ۾ "سر فرڊيننڊ" رهندو هو، تن ۾ ڏاڍو عمدو سامان پيل هو ۽ عمارت جي آسپاس گهڻي پنڌ تائين مزي جهڙي ساوڪ هئي ۽ وڏا وڏا درخت بيٺل هئا - ڇڻ تہ باغ بہ هو ۽ بيلو بہ هو، جن جي گلزاري ڏسي ۽ خوشبو سنگهي روح کي ڏاڍي راحت پئي آئي. هڪڙيءَ ڪنڊ کان ڍنڍ بہ هئي، جنهن ۾ هنس ۽ هنج ۽ ٻيا پاڻيءَ جا پکي هئا.

اها ئي عمارت هئي، جنهن ۾ هينئر گهوٽ ڪنوار رهڻ لڳا. تي چار جايون جيڪي ڪم جهڙيون هيون، تن کي ”ليڊي آرمن“ ڏاڍو سينگاريو. هوءَ لياقت ۽ قابليت واري زال هئي. ساري يورپ جو سير ڪيو هئائين ۽ چڱي تعليم ۽ گهڻو آزمودو حاصل ڪيو هئائين. نيڪ ۽ خدا پرست ۽ خوش خُلق هئڻ ڪري، هر دلعزيز هئي. اهڙيءَ زال جي صحبت ۾ ”سر رئنٽڪلف“ جي دل جي ملولائي ۽ غمگيني - جا خانداني مصيبتن ۽ خانگي حالت جي اثرن ۽ مسڪينيءَ ۽ گوشي نشيني پيدا ڪئي هئي - سڀ گم ٿي ويئي، نه ته به گهٽي گهٽجي ويئي، انهيءَ ڪري مڙس جو پيار هن سان حد کان زيادهه هو. امڪان هو ته اهڙيءَ زال کي بيو ڪو بهتر ۽ زيادهه شريف مڙس ملي سگهي ها، پر ”ليڊي آرمن“ کي ”سر رئنٽڪلف“ جي خوبصورتيءَ ۽ عالي دماغيءَ، تيز فهميءَ، مسڪينيءَ ۽ غمگينيءَ جي حالت جي همدرديءَ ۽ اصلوڪي عالي خاندانيءَ، ڇڪي پاڻ ڏي نيو. انهن ڳالهين ڪري هن جي به هن سان حد کان زياده محبت هُئي ۽ هن پڪو ارادو ۽ سعيو ڪيو ته انهيءَ خاندان جي حالت سڌاري ۽ جهڙو اوج اڳي هوس اهڙو ئي وري آڻي. هڪڙو قديم نوڪر ۽ سندس زال، جي اڳي انهيءَ زمين جي سنڀال ڪندا هئا، سي هنن هينئر ڪٽي پنهنجا خانگي نوڪر ڪيا ۽ ”ليڊي آرمن“ پنهنجن مائٽن مان هڪڙي ٻي زال گهرائي پنهنجي حاضريءَ ۾ خدمتگاريءَ جي لاءِ ڪٽي رکي ۽ انهيءَ جو ياءُ وري گهوڙن جي سنڀال لاءِ مقرر ڪيائين. پوءِ گهر جي نزديڪيءَ ۾ هڪڙي باغيچي رکڻ جو بندوبست ڪيائين: مطلب ته شاديءَ کان پوءِ ٽن ڇئن مهينن جي اندر هنن گهڻو ئي سڌارو ڪيو. جيتوڻيڪ آسپاس رهڻ وارن ماڻهن سان گهٽي آمد رفت نه ڪيائون - فقط اتي جي پادريءَ سان رستو رکيائون - انهيءَ هوندي بہ هو هڪبئي جي محبت ۾ اهڙو خوش گذاريندا هئا، جو ٻئي ڪنهن جي صحبت جي پرواهه ڪانه رکندا هئا. مگر پنهنجي قديم خير خواهه ۽ سچي دوست ”گلئسٽن بيريءَ“ کي وساري نه ڇڏيو هئائون، اها خواهش هين ته هينئر هو اچي ساڻن گڏ رهي ته وري به سندن وقت زيادهه خوش گذري. انهيءَ ڪري، زال جي چوڻ تي، ”سر رئنٽڪلف“، ”گلئسٽن بيريءَ“ ڏي خط لکي موڪليو ۽ اچي ساڻن رهڻ لاءِ گهڻو تاڪيد ڪيائينس.

---

## باب ٻيو

# گلئسٽن بيري ۽ آرمن جي ڪتبن جو زياده احوال

”ائڊرين گلئسٽن بيري“ ڀ هڪڙي قديم خاندان جي ننڍن پُٽن مان هڪڙو هو ۽ فرانس جي هڪڙي ”جيزيسُوٽ ڪاليج“ ۾ تعليم ورتي هئائين. ننڍي هوندي کان هو جدا جدا هنڌن جي ديولن ۽ قديم عمارتن ڏسڻ جو شوقين هوندو هو، انهيءَ ڪري نقاشيءَ ۽ سنگتراشيءَ ۽ اهڙن عمدن هنرن جي گهڻي تعريف ۽ قدرداني ڪندو هو ۽ انهن جي شوق ۾ پاڻ ڀ انهن هنرن جي استعمالي ڪندو هو. ايڪيهين ورهين جي ڄمار ۾ هن کي هڪڙي چاچي جي ميراثي هٿ لڳي، جنهن تي هو خانگي طرح خبرداريءَ سان گذارڻ لڳو. چَرچ، يا پادرين جي ڪاتي جي نوڪريءَ جي خواهش هيس، پر فلحال اجا اهڙو ڪو بندوبست نہ ٿي سگهيو هو. تيستائين هُو اٽليءَ ۽ سئٽزرلنڊ جون قديم عمارتون ۽ ديوليون گهمندو وتيو ۽ ”پوپ“ جي ڀ قدمبوسي حاصل ڪيائين. نيٺ هو لئنڪشائر جي هڪڙي ڪئٿولڪ ڊيُوڪ وٽ اچي نوڪر بيٺو ۽ هن جي ڪتبخاني جي سنڀال ڪرڻ لڳو. ڊيوڪ جي غير حاضريءَ ۾ هو انگلنڊ جي الهندي وارن قديم عمارتن جي ڏسڻ لاءِ گشت ڀ ڪندو رهيو. هن جي لياقت ۽ قابليت ۽ خوش طبعيءَ هن کي هر دلعزيز ڪري ڇڏيو. جتي ويندو هو، اتي سڀڪو زور ڪري پنهنجو مهمان ڪندو هوس ۽ گهڻو مانُ ۽ آڌرڀاءُ ڏيندو هوس. علم ۽ فلسفي، حڪمت ۽ رَاڳ، شعر گوئيءَ ۽ مضمون نويسيءَ ۾ چوڏاري مشهور ٿي ويو.

اُتان ”گلئسٽن بيريءَ“ کي ”سر رئٽڪلف“ جي ماءُ گهرائي ٻار جي تعليم لاءِ پاڻ وٽ رکيو، جو تڏهن انن ورهين جي ڄمار جو مس هو. انهيءَ وقت کان وني هن جي هن خاندان سان محبت ٻَجهي ويئي. ڪن خانگي سببن ڪري ”سر رئٽڪلف“ جي شاديءَ تي حاضر ٿي نہ سگهيو هو، مگر هنن وٽ وڃڻ لاءِ پيو وجهہ ڳوليندو هو. سو، هاڻ جڏهن ”سر رئٽڪلف“ جو خط مليس، تڏهن خوشيءَ سان هنن ڏي وڃڻ جي رٿ ڪيائين.

مڙس ۽ زال شام جي مهل، گاهہ تي ڪرسيون وجهيو وينا هئا تہ اوچتو پري کان ڪو ماڻهو ايندو ڏٺائون. جڏهن هو ويجهو آيو تڏهن ”سر رئٽڪلف“ هن کي سڃاڻي ورتو. ڊوڙ پائي وجي ڏاڍيءَ محبت ۽ تعظيم سان گڏيس ۽ وني

پنهنجيءَ زال وٽ آنداڻينس. جا پڻ هن کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي. ڪجھ صحبت ڪرڻ کان پوءِ وجي ماني کاڌائون ۽ جيڪا جاءِ هن جي لاءِ اڳي ئي تيار ڪري ڇڏي هئائون، تنهن ۾ وٺي وجي وهاريائونس. ”گلئسٽن بيري“ بہ هنن جي محبت ۽ آڌرڀاءُ ڏسي، ائين ٿي سمجهيو تہ ڄڻ آءُ پنهنجي گهر ۾ آيو آهيان. ”آرمن“ جي محلات يا قلعي جي وڏي دروازي جي ويجهو، ٽُلهہ ۾، هڪڙي اڪيلي جاءِ هئي - اها ”گلئسٽن بيريءَ“ پنهنجي لاءِ پسند ڪئي، جتي هن پنهنجو سامان آڻي رکيو. هن گهر جي مالڪن کي باغ يا جاءِ جي سڌاري ۾ گهڻي مدد ڏني، جنهنڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ اهي سڌاري جون نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون ۽ هن جي صحبت جو اثر بہ گهر جي مالڪن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو.

انهيءَ طرح ٻہ ورهيہ گذري ويا. ”ليڊي آرمن“ کي پٽ ڄائو، جنهن پاڻ هنن سيني جي وندر وڌائي. اُنهيءَ ٻار جو نالو ”فرڊيننڊ“ رکيو هئائون. انهيءَ جي پالي وڏي ڪرڻ ۽ تعليم ڏيڻ ۾ سيئي مشغول ٿيڻ لڳا. هو ٻئي ڪنهن پاسي ڪين ويندا هئا. رڳو سال ۾ هڪڙو ڀيرو ليڊيءَ جي پيءُ، ”لارڊ گرئنڊيسن“ وٽ ملاقات لاءِ ويندا هئا. جيتوڻيڪ ٻين ڳالهين ۾ ”سر رئٽڪلف“ جي حالت اڳي کان بهتر هئي، مگر پيسي توڙي ملڪيت جي نسبت بهتري ڏسڻ ۾ ڪانہ آئي. جاگير اڳي وانگي گروي پيل هئي ۽ قرضخواهن پاڻ زيادهہ ڪوشش پئي ڪئي. سندس ڪار باريءَ اها ئي صلاح پئي ڏني تہ ڪو ڀاڱو وڪڻجي، تہ قرض بہ لهي ۽ ٻيو پيسو بہ بچي پر ”سر رئٽڪلف“ جي دل ائين ڪرڻ نٿي گهريو.

ڏهن ورهين تائين تہ ڪارخانو ائين پئي هليو ۽ مائٽن جو سارو ڌيان ننڍڙي ”فرڊيننڊ“ جي پرورش ۽ تعليم ۾ هو، جو سامائجي وڏو ٿيو. هو اهڙو ناز پروردو ۽ لاڏلو هو، جو ڳوٺ جا ماڻهو هن کي ننڍو شاهزادو ڪري سڏيندا هئا. ”گلئسٽن بيريءَ“ جهڙي اُستاد وٽ هن هر قسم جي علم ۽ هنر جي فضيلت ۽ لياقت حاصل ڪئي. ڳائڻ وڄائڻ، نچڻ، شڪار ڪرڻ، سواري ڪرڻ، نقش ڪڍڻ- انهن سيني ۾ هو قابل ٿيو. طبيعت ۽ اخلاقن ۾ بہ هو چڱو ٿيو. عبادت ۽ خدا پرستي، خدا ترسي ۽ فيض رساني ، رحمدلي ۽ انصاف پسندي ۽ اهڙيون ٻيون وصفون بہ هن ۾ پيدا ٿيون. پيءُ واري عالي دماغي ۽ اصل نسل جو فخر بہ هن ۾ هو، جنهنڪري هن کي پنهنجن خانداني نشانين ۽ يادگارن قائم رکڻ جو انتظار رهندو هو. محلات جي اندر جيڪي سندن وڏن جون

تصويرون رکيل هيون، تن سيني مان هن کي پنهنجي ڏاڏي ”سر فرڊننڊ“ جي تصوير گهڻو وڻندي هئي ۽ جنهن کي هو هميشہ ڏسندو ۽ ساراهيندو رهندو هو. نالو بہ انهيءَ جو مٿس هو ۽ مهانڊا بہ اُنهيءَ جهڙا هئس - بلڪ چئجي تہ طبيعت بہ اُنهيءَ جهڙي هيس تہ بجا آهي.

انهيءَ طرح کي ورهيہ گذري ويا. ننڍو ”فرڊننڊ“ جيڪڏهن کنهن پاسي گهمڻ ويندو هو، تہ ”گلئسٽن بيريءَ“ سان گڏ ويندو هو. سال ۾ هڪڙو ڀيرو پنهنجي ناني وٽ وڃي ٿورا ڏينهن رهندو هو. ”لارڊ گرئنڊيسن“ هميشہ سندس مشتاق رهندو هو ۽ سندس تعريف ڪندو هو. هميشہ جڏهن هو موٽي پنهنجن مائٽن ڏي ايندو هو، تڏهن نانس هڪڙو ڏهن پائونڊن جو نوٽ خرچي ڏيندو هوس. انهيءَ ڪري ماءُ ويچاري تہ خوش ٿيندي هئي ۽ ڀانئيندي هئي تہ ناني جي لاڏلي هئڻ ڪري سندس پار کي پس پيش ملڪيت جو فائدو رسندو پر ”سر رئٽڪلف“ زيادہ آزمودگار ماڻهو هو، تنهن کي پنهنجي سهري ۾ اهڙيءَ سخا ۽ مهربانيءَ جي اميد ڪانہ هئي.

هڪڙي ڀيري تہ انهيءَ ڳالهہ بابت زال مڙس جي وچ ۾ ٿورو تڪرار بہ ٿي پيو. ”ليڊي آرمن“ جو چوڻ هو تہ ”اسان جو فرڊننڊ“ پنهنجي ناني جو لاڏلو آهي، سو ضرور هو سندس لاءِ ڪي ڪجهہ ڪندو“. ”سر رئٽڪلف“ ورندي ڏني تہ ”پياري ڪانسٽنس، مون کي لاڏلي جو لفظ وڻندو ئي ڪين آهي، خدا تنهنجي پيءُ کي وڏي حياتي ڏئي پر هيئن ڪ هونئن تہ شايد پنجاهہ گنيون بہ مس ورثي ۾ ڏيندس، يا ڪو گهوڙو يا ڪا سوني واچ - بيو مڙيو ئي خير“. ليڊيءَ چيو تہ ”ڀاڙهي وينو ڏسجئين. مون کي پڪ آهي تہ فرڊننڊ بابي کي ڏاڍو ٿو وڻي.“ هن چيو تہ ”برابر وڻي ٿو، جو هو چالاڪ ڇوڪر آهي. گذرئي ڀيري جڏهن ملاقات جي لاءِ پاڻ وٽس هليا هئاسين، تڏهن مون ڀاڻيهي ٻيحيا ٿي ڳالهہ ڇوري ۽ چيم تہ ”سائين، فرڊننڊ هينئر پندرهن ورهين جو ٿيو آهي، مون کي اوتري وسعت يا هلندي ڪانهي، نہ تہ جيڪر هن کي نوڪري وناٽي ڏيان، ايتري چوڻ تي بہ پاڻ انهيءَ بابت ڪي ڪين چيائين تہ اهو ڪم آءٌ ٿو ڪريان، يا اهو بار آءٌ ٿو کڻان“.

اتي ”گلئسٽن بيري“، جنهن بيني زال مڙس جي اها گفتگو ٻڌي، سو موڪلائي ٻاهر نڪرڻ لڳو. تنهن تي ”سر رئٽڪلف چيس تہ ”پيارا گلئسٽن بيري“ اسان جو خانگي جهيڙو ٻڌي ڀڄي ٿو وڃي ڪيئن؟ اسان جو ڳجهہ ڪو

تو کان لکل ناهي". ليڊيءَ بہ چيس تہ "مسٽر گليڊسٽن بيري، مهرباني ڪري وڃ نہ، جي پائيندو هجين تہ اسين جهيڙو ٿا ڪريون تہ ڏس، وري بہ تنهنجي اڳيان ٿا پرچون". ائين چئي، اُٺي مڙس کي چمي ڏنائين، جنهن گهڻو پيار ڪري چيس تہ "ساهہ کان پياري ڪانسٽنس، مون کي پيسي يا درجي جي ڪا بہ طمع ڪانهي، جيڪا ڳڻتي اٿم سا اها تہ تون سکي رهين ۽ عزت آبروءَ سان گذارين، جڏهن تو کي اهڙي حال ۾ نٿو ڏسان، تڏهن تو ارمان ٿئيم". ليڊيءَ ورندي ڏني تہ "پيارا رئٽڪلف، آءٌ ڪا بہ دولت يا عزت تنهنجي محبت جي مَٽ نٿي پائيان. جي تنهنجي محبت مون سان آهي، تہ مون وٽ سڀڪجهہ آهي. مون کي جيڪا ڳڻتي آهي سا پنهنجي ٻار جي پر مون کي اميد آهي تہ اُنهيءَ کي خدا ڪين ڇڏيندو. مون کي يقين آهي تہ اُهو اسان جي خاندان جو وري نئين سر نالو نشان ڪيندو."

"گليڊسٽن بيريءَ" چيو تہ: "آمين، آمين، بيشڪ خدا اهڙي وڏي ۽ نيڪ ۽ خدا پرست خاندان کي ڪڏهن ڪين ڇڏيندو".

ٻئي پيري جڏهن "ليڊي آرمن" مڙس کي غمگين ۽ ملول ڏٺو ۽ اڳي وانگي کلندڙ ۽ خوش طبع نہ ڏٺو، تڏهن هن کي چوڻ لڳي تہ: "پيارا رئٽڪلف، تون کي هاڻ ڇا ٿيو آهي، ڇو اهڙين ڳڻتين ۾ اچي پيو آهين؟ خدا تي رک... پاڻ کهڙا بہ غريب ۽ مفلس ڪٿي ٿيون تہ بہ جي پنهنجي محبت قائم آهي تہ اسين خوش پيا گذاريندا سين. جيڪڏهن تون هميشہ اهڙو ملول ۽ غمگين گذاريندين تہ آءٌ وڏيڪ جيئري رهي ڪين سگهنديس. جي مون تي ڪو قياس پوئي تہ خدا جي واسطي خوش گذار. جيڪڏهن شادي ڪرڻ کان پوءِ تون پنهنجي زمين يا ان جو پاڱو ڪٿي نيڪال ڪرين ها تہ جيڪر خوش گذاريون ها ۽ موچاريءَ چڱيءَ وسعت وارا هجون ها - پوءِ جيڪر تون اهڙو غمگين نہ گذارين ها. هينئر بہ هو نياڱو بئگسٽر، جو توکي هزار ٿو لهڻي، سو جيڪر خوشيءَ سان آرمن جي جاگير وٺي".

"سر رئٽڪلف" خفي مان ورندي ڏني تہ: "ڇا، هڪڙي بئرسٽر کي آءٌ پنهنجي زمين وڪڻي ڏيان! واهہ، ڪانسٽنس، واهہ - چڱي تي صلاح ڏين!... اميد آهي تہ آءٌ انهيءَ پنهنجيءَ زمين مان مري نڪرندس- اڳي نہ!" "ليڊي آرمن" چيو تہ: "تڏهن ڪنهن ٻئي کي ڪٿي ڏيندا سين. ڪنهن بہ طرح، سڀ قرض لٿي،

ويهہ ٽيهہ هزار پائونڊ بچي پوندا. پوءِ آسانيءَ سان پنهنجي فرڊننڊ کي نوڪري ونني ڏيئي سگهنداسين. جي ٻئي هنڌ ڪو بندوبست نہ ٿي سگهيو، تہ مــن اسپين ۾ ٿي سگهي، جتي اڳي ئي تو نوڪري ڪئي آهي. پوءِ پاڻ سڀ هلي مئڊرڊ ۾ رهنداسين ۽ خوش پيا گذاريندا سين".

"سر رئٽڪلف" چيو تہ: "پيـاري ڪانسـٽنس، تـون سـچ پـچ منهنجـي لاءِ هڪڙو ملائڪ آهين. تو جهڙي زال هڪڙو وڏو خزانـو ۽ وڏو ڀـاڳ آهـي. انهـيءَ ڪري تہ هميشہ مـون کي اهو ارمـان ٿـو رهـي تہ جيڪڏهن تـون زيـاده سـکي گذارين تہ ڪهڙو نہ چڱو!"

"ليڊي آرمن ورندي ڏني تـہ: "رئٽڪلف، ائيـن نـہ چـؤ. تنهنجي مـون سـان محبت آهي، تہ مون جهڙي سُـکي ٻي دنيا ۾ ڪانہ هوندي!"

"سر رئٽڪلف" وري چيو تہ: "جي ڪٿي ائين ڪريون، جيئن تون چئين ٿـي ۽ ٻئي ڪنهن پاسي نہ وڃون، هتي انگلنڊ ۾ ٻي ڪا زمين ونـي رهـي پئون، يـا خود لنڊن ۾ ئي رهي پئون، ... تہ پوءِ ڪيئن؟"

ليڊيءَ چيو تہ: "ائين بہ چڱو، پر چو نہ ٻابي جن کي ويجهو هلي رهون؟"

سر رئٽڪلف چيو تہ: "وري بہ اُهي اڳوٽا خيال! مونکي مفت جا هـرڻ جـا گوشت، ميون جون ٽوڪريون ۽ کير مکڻ ڪيـن گهرجـن. نـہ نـہ! آءٌ جيئـندس بـہ پنهنجي آرمن ۾ ۽ مرندس بہ پنهنجي آرمن ۾!"

تنهن تي "ليڊي آرمن" چيو تہ: "جيئن تو کي وڻـي، تيئـن چڱـو. مـون کـي اميد آهي تہ انهيءَ وچ ۾ خدا ڪو چڱو سبب ڪندو. مون انهيءَ رات خواب ڏٺو هو تہ فرڊننڊ هڪڙيءَ اهڙيءَ زال سـان شـادي ڪئـي آهـي، جنهـن کـي ورثـي ۾ ڏاڍي دولت ملـٺي هئي... جي اهو خواب ڪٿي سچو ٿئي تہ پوءِ!"

هن چيو تہ: "ڀلي سچو ٿئي، تہ بہ هو پنهنجي پـيءُ کـان زيادہ ڀـاڳ وارو ڪين ٿيندو. هاڻ، پياري خدا حافظ. آءٌ وڃيو ٿو سمهان، تون بہ وڃي سمهہ."

---

## باب ٽيون

# لنڊن جو سير

اُنهيءَ جي ٻئي ڏينهن، گلئسٽن بيري پنهنجن انهن دوستن کي صلاح ڏني تہ: ”فرڊننڊ اڳي ڪڏهن لنڊن جو شهر نہ ڏٺو آهي، بهتر آهي تہ انگلينڊ جي گاڏيءَ جو هنڌ هلي گهمي اچي، آءُ وجي گهمائي ايندوسانس“. اها رٿ هنن کي گهڻو پسند آئي ۽ انهيءَ لاءِ تياري ڪرڻ لڳا. ”فرڊننڊ“ تہ خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ئي نٿي ماپيو. جيڪي ٽي ڏينهن تياريءَ جا هئا، تن ۾ هن کي رات جو ننڊ ئي پوري نہ آئي. ماءُ سان انهيءَ بابت ذري ذري پئي ذڪر ڪيائين ۽ اتي جو پئي احوال پڇيائين. هن کي ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ اهي ٽي ڏينهن گذرندا ئي ڪين، پر نيٺ اُهي گذريا ۽ هلڻ جو ڏينهن آيو. سامان گاڏيءَ ۾ وجهي، روانا ٿيا. گاڏيءَ ۾ گهڻا ٻيا بہ مسافر هئا. گهوڙا تڪا ڊوڙڻ لڳا. مزي جهڙين ٻنين ۽ ٻوٽن، ميدانن ۽ ٻيلن مان لنگهي، شام ڌاري اچي رستي جي پر واريءَ هڪڙيءَ مهمانسراءِ يا هوٽل ۾ پهتا. اتي ماني تيار هئي. سيني لهي ماني کاڌي. ماني بہ ڪهڙي؟ هر قسم جا طعام هئا، جي کائي هو ڏاڍو خوش ٿيا.

ماني کائي، وري بہ ساڳيءَ گاڏيءَ ۾ چڙهيا: ”گلئسٽن بيريءَ“ جي چوڻ تي ”فرڊننڊ“ سمهي پيو. چڱي ننڊ ڪيائين ۽ مزي مزي جا خواب پئي لڌائين. ٽن چئن ڪلاڪن کان پوءِ هو اچي ٻيٺا. سيئي اکيون مهٽي اٿيا. ٻين ماڻهن جو آواز بہ ٻڌڻ ۾ آيو. ”فرڊننڊ“ پڇيو تہ: ”هيءَ لنڊن آهي ڇا؟“ مسٽر ”گلئسٽن بيريءَ“ ٻڌايس تہ: ”اها لنڊن آهي، مگر اجا اسان کي بہ ٽي ميل پنڌ ڪرڻو پيو آهي“.

ٻي ننڍي ياڙي جي گاڏي سڏي، هو ٻئي انهيءَ ۾ چڙهي ويٺا ۽ پنهنجو سامان بہ ان ۾ رکيائون. سگهو ئي اچي ”مارلي“ جي هوٽل ۾ لٿا. گهٽين جي گوڙ مان لنگهندي، ”فرڊننڊ“ کي حيراني لڳي ويئي. وري هوٽل جو بندوبست ۽ ماڻهن جي آمد رفت ڏسي، زيادہ حيران ٿيو. نيٺ هو ڪائي پِيي سمهي رهيا ۽ رستي جي ٿڪ کان تمام چڱي ننڊ ڪيائون.

صبح جو سوير ناشتو ڪائي، هو شهر گهمڻ نڪتا ۽ ”هائوس آف پارليامينٽ“، ”ويسٽ منسٽر ائبي“ ۽ ٻيون عجيب غريب عمارتون ڏسي، نهايت خوش ٿيا. پوءِ مسٽر ”گلئسٽن بيريءَ“ پنهنجي واچ ڏسي چيو تہ ”هاڻ منهنجي

مرضي آهي تہ پنهنجي هڪڙي دوست جي ملاقات تي هلون، جو "سينٽ جيمسز اسڪوائر" ۾ ٿو رهي، اهو اسان کي ڏسي خوش ٿيندو".

سگهو ئي اتي آيا. اهو هڪڙي ڊيُوڪ جو گهر هو. "گلئسٽن بيريءَ" پنهنجو ڪارڊ ڏياري موڪليو ۽ جهٽ ۾ مٿي ماڙيءَ تي وني وين. ڊيوڪ جي ساري ڪٽنب جا ياتي گڏ ٿيا وينا هئا. ڊيوڪ، ڊچيس، انهن جا پٽ ۽ پوٽا، ڏيون ۽ ڏهٽيون - سڀ حاضر هئا. هنن جي ڏاڏي آدر ڀاءُ ڪيائون. "گلئسٽن بيريءَ" جو انهيءَ ڪٽنب سان گهڻو رستو هو ۽ وٽن گهڻو رهيو هو، تنهنڪري گهڻن ڏينهن کان پوءِ هن کي ڏسي خوش ٿيا. ڊيوڪ چوڻ لڳس تہ "گلئسٽن بيري، تو کي ڏسي آءٌ گهڻو خوش ٿيو آهيان. تون ڪٿي آهين؟ جيئري ئي پاڻ کي پوري ڇڏيو اٿئي!" وري "فرڊننڊ" کي چيائين تہ "مسٽر آرمن، تون خوش ڇگو ڀلو تہ آهين؟ تنهنجو ڏاڏو منهنجو دوست هو. سر رئٽڪلف ۽ ليڊي آرمن تہ خوش ڇگا ڀلا آهن؟" وري "گلئسٽن بيريءَ" کي چيائين تہ "پيارا گلئسٽن بيري، مون کي اميد آهي تہ تون اسان وٽ گهڻا ڏينهن رهندين. اسين تنهنجي جوان سنگتيءَ کي خوش رکنداسين. هي ايدان ۾ پڙهندڙ آهي ڪيئن؟ هن جو ڏاڏو، سر فرڊننڊ، تہ پڙهندو هو. ڏاڍو مزي جهڙو ماڻهو هو!"

مطلب تہ جيڪي ٿورا ڏينهن هو اتي رهيا، سي هنن خوش گذاريا. "فرڊننڊ" ڏهاڙي ماءُ ڏي تعريف ۽ خوشيءَ جا خط پئي لکيا. هن اڳي ڪڏهن بہ اهڙو خوش نہ گذاريو هو. انهيءَ وچ ۾ "گلئسٽن بيري، جو اتي فقط پنهنجي دوست جي نوڪريءَ جي بندوبست ڪرڻ لاءِ آيو هو، تنهن ڊيوڪ سان ڳالهہ چوري. هن امير ماڻهوءَ بہ انهيءَ خاندان جي پست حالت بڌي همدردي ظاهر ڪئي ۽ "گلئسٽن بيريءَ" جي چوڻ تي، انجام ڪيائين تہ آءٌ "فرڊننڊ" کي سرڪاري فوج ۾ علمداريءَ جي جاءِ وني ڏيندس. "گلئسٽن بيريءَ" کي حيرت تڏهن لڳي، جڏهن ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ ڊيوڪ کان معلوم ٿيس تہ هن اهو بندوبست ڪيو آهي ۽ هڪڙي پلٽڻ هڪدم مالٽا ڏي وڃڻي آهي، تنهن سان گڏ "فرڊننڊ آرمن" کي بہ دير کان سواءِ وڃڻو ٿيندو. "گلئسٽن بيريءَ" ويچاري، ڪجھ رقم پنهنجيءَ هٿ مان ڪڍي، خرچ ڪري، "فرڊننڊ" جو نالو داخل ڪرايو ۽ ڪميشن - سنَدَ هن کي وني ڏني، گزيٽ ۾ "فرڊننڊ" جي جاءِ مقرري تي هئي، سا وني، آرمن ڏي ڏياري موڪليائين. تنهن کان پوءِ، هو خوشيءَ ۾ آرام سان وقت گذارڻ لڳو.

---

## باب چوٿون

# ”گلئسٽن بيري“ ۽ ”سر رئٽڪلف“ جي گفتگو

جنهن جهاز ۾ پلٽڻ مالٽا ڏي وڃڻي هئي، سو پندرهن ڏينهن ڪان پوءِ روانو ٿيڻو هو. تنهنڪري ”گلئسٽن بيري“ ۽ ”فردننڊ“ لنڊن مان موڪلائي آرمن ڏي آيا. گزيٽ اتي پهتي هئي، تنهن جي ٻئي ڏينهن هي ٻه وڃي پهتا. ”سر رئٽڪلف“ ڏاڍي خوشيءَ مان وڃي هنن کي گڏيو. ”فردننڊ“ لنڊن جي احوال ڏيڻ کان ڍائوئي نٿي. ڊيوڪ توڙي ٻيا ماڻهو، جن سان معرفت پيدا ڪئي هئائين، تن جو مفصل بيان مانيءَ کائيندي ڪري ٻڌايائين. ”سر رئٽڪلف“ جيتوڻيڪ پٽ جي نوڪري ملڻ ڪري گهڻو خوش هو ۽ انهيءَ جي لاءِ ٻين اڳيان سرسريءَ طرح ”گلئسٽن بيريءَ“ جي شڪر گذاري ٻه ڪئي هئائين، ته ٻه انهيءَ بابت هن کي گهڻو ئي ڪي چوڻو هو، جنهن جو وجهه نٿي مليس. خوشيءَ سان گڏ، هن جي هانءَ تي ڳرو بار ٻه هو. طبيعت جي ڪري عالي دماغ ۽ فخر وارو ماڻهو هو، پر مفلسيءَ جي ڪري ڪنڌ پڳو ۽ دل ڊني پيئي هيس. خبر هيس ته اهڙيءَ نوڪريءَ جي ڪميشن وٺڻ ۾ ڪيترو خرچ ۽ ڪيتري رقم هلندي گهربل آهي. اهي ڪٿان آيا- اهي پيسا ”گلئسٽن بيريءَ“ پاڻ خرچيا، يا ڊيوڪ خرچيا؟ پنهنجي دوست جو احسان کڻڻ وري ٻه هن کي آسان ٿي لڳو- جيتوڻيڪ هن جي ٻه خبر هيس ته گهڻو دولتمند ناهي- پر ڊيوڪ جي احسان کان هو گهڻو شرمندو ٿي ٿيو. جڏهن مانيءَ کاڌي کان پوءِ گڏجي باغ ۾ هلڻ لڳا، تڏهن، ”سر رئٽڪلف“ جي ڳالهه چورڻ تي، ”گلئسٽن بيريءَ“ خاطري ڏنيس ته ڊيوڪ انهيءَ ڪم تي ڪو ٻه پيسو ڪونه خرچيو آهي، تنهنڪري ”سر رئٽڪلف“ خوش ٿيو ۽ پنهنجي دوست جو هٿ ونئي چوڻ لڳس ته: ”منهنجا پيارا گلئسٽن بيري، آءُ تنهنجو گهڻو شڪر گذار آهيان، جو تو اسان جي لاءِ پاڻ کي نقصان ۾ وڌو آهي تنهنجي احسان کڻڻ کان آءُ عارڪو نه ٿو ڪريان، جو چاڻان ٿو ته تون چاليهن ورهين کان اسان جي خاندان جو خيرخواهه رهندو آيو آهين. نڪي مغروري ڪري اهڙي احسان کڻڻ کان پاسو ٿو ڪريان، بلڪ تو تي ۽ تنهنجي دوستيءَ تي فخر ٿو ڪريان“. تنهن تي ”گلئسٽن بيريءَ“ هن کي تسليءَ جهڙو جواب ڏنو.

پوءِ، هلندي هلندي، قلعي جي دروازي نلهه ۾ آيا، جتي ”گلئسٽن بيري“ رهندو هو. اُتي هي ٻئي ڄڻا ويهي رهيا. ”گلئسٽن بيريءَ“ پنهنجي پيتي کولي

هڪڙو ڪاغذ ڪڍي "سر رئٽڪلف" کي ڏئي چيو: "اهو منهنجو وصيتنامو آهي، پڙهي ڏسو. انهيءَ مان معلوم ٿيندو ته منهنجي جيڪا به ملڪيت آهي، سا سڀ مون فرزنند کي ورثي ۾ ڏني آهي - جو نه رڳو اوهان جو پٽ آهي، پر منهنجو به آهي".

"سر رئٽڪلف" وصيتنامو ڏسي ۽ پنهنجي سچي دوست ۽ خيرخواهه جا اهي لفظ ٻڌي، اکين ۾ پاڻي آڻي چوڻ لڳو ته: "پيارا گلئسٽن بيري، شل انهن ورثن جي ملڻ کان اڳي فرزنند تمام گهڻي عرصي تائين جيئرو رهي! تو اسان جي ڪم نصيب ۽ لتڙيل خاندان جي لاءِ پنهنجي قيمتي حياتي وجائي آهي ۽ ان جي لاءِ هيتري خود قرباني ڪئي آهي، پر ائين ڪرڻ جي لاءِ تو کي ڪو به واجبي سبب ڪونهي ۽ نه اسين ايتريءَ مهربانيءَ جا لائق آهيون".

"گلئسٽن بيريءَ" ورندي ڏني ته: "سر رئٽڪلف، ائين نه چوءُ. آءٌ فقط پنهنجي دوستيءَ جو حق ادا ٿو ڪريان ۽ خدا کان دعا ٿو گهران ته مون کي زيادهه طاقت ۽ وسعت ڏئي ته انهي کان زيادهه حق ادا ڪريان. مرڻ گهڙيءَ تائين اوهان جو خير خواهه رهان، اوهان سان گڏ رهان ۽ اوهان کي پنهنجي اصلوڪي اوج ۽ تجمل ۾ ڏسان!"

"سر رئٽڪلف" وري به اکيون اگهي چيو ته: "پيارا گلئسٽن بيري، اوهين نهايت مهربان، رحمدل ۽ مروت وارا آهيو. خدا ڪري ته اسين ايتريءَ مهربانيءَ ۽ مروت جا لائق ثابت ٿيون ۽ اوهين ڪڏهن انهيءَ مهربانيءَ کان پشيمان نه ٿيو".

تنهن کان پوءِ ٻئي اٿيا ۽ وري ٻاهر نڪتا.

## باب پنجون

# "فرڊننڊ" جي تياري ۽ روانگي

انهيءَ وچ ۾ "فرڊننڊ" جي سفر جي تياري ٿيڻ لڳي. نهراءِ اهو ٿيو تہ سندس پيءُ ساٿس گڏجي بندر تائين ويندو ۽ هن کي جهاز ۾ چاڙهي روانو ڪري ايندو. پڻ جي جلد جدا ٿيڻ ڪري "ليڊي آرمن" کي ڏاڍو ڏک هو، تڏهن بہ هن ماٺ ڪيو هن جي سامان سڙي تيار ڪرڻ جو بندوبست پئي ڪيو. خود "فرڊننڊ" بہ انهيءَ ڏک کان آجو نہ هو. جيئن اُهو روانگيءَ جو ڏينهن ويجهو پوندو پئي ويو، تيئن سندس دل تنگ ۽ ملول ٿيندي ويئي. جن جاين تي هو ننڍي هوندي کان پئي گهميو، سي ڏسي هينئر هن کي ڏاڍو ارمان ٿيڻ لڳو، جو جاتائين تي تہ وري ورهين تائين انهن جاين کي ڏسڻ نہ ٿيندو.

نيٺ پڇاڙيءَ جو ڏينهن اچي پهتو. "فرڊننڊ" پنهنجي گهر جي جاءِ جاءِ ڪري گهميو ۽ پنهنجي استاد "گلئسٽن بيريءَ" کان موڪلايائين ۽ ان کان دعا گهريائين. ماءُ بہ هن کي گهڻي پيار سان نصيحتون ڪيون. سڄو ڏينهن انهيءَ طرح گذريو. پوءِ سڀني کان موڪلائي وڃي ستو، جو صبح جو سوير روانو ٿيڻو هو.

سُتي کان پوءِ بہ سندس ماءُ اوڃتو وٽس لنگهي آئي ۽ کيس ڀاڪر پائي، روئي، دعائون ڪيائينس ۽ موڪلايائينس. ماءُ جي محبت ۽ درد واري حالت ڏسي، "فرڊننڊ" پاڻ روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ "امان، مون کي اڳي ئي ههڙا پيارا مائٽ ۽ ههڙو گهر ڇڏڻ لاءِ دل نٿي چوي: نوڪري وڃي ڪڏ ۾ پوي، آءٌ هتي خوش پيو گذاريان". پر ماءُ وري بہ سمجهايس ۽ دعائون ڪري وري بہ موڪلائي هلي ويئي. پوءِ "فرڊننڊ" سمهي پيو.

جڏهن صبح ٿيو ۽ هو اٿيو، تڏهن ڪپڙا ڍڪي تيار ٿيو تہ سگهو ئي گاڏي اچي در تي بيٺي. پڻس اڳ ئي تيار ٿيو گاڏيءَ وٽ بيٺو هو ۽ سامان سڀ گاڏيءَ ۾ پيو هو- رڳو چڙهڻ جي دير هئي. ارادو ڪيائين تہ وڃي ماءُ کان موڪلائي، پر پڻس اها موڪل نہ ڏنيس، جو سڄهيس ٿي تہ هن کي انهيءَ جدائيءَ جي ڏک کان رات جو ننڊ ئي نہ آئي هوندي ۽ اڳ ئي ڇڙي ڇڏيو هئائينس تہ هلڻ مهل هن سان نہ گڏجي، رات جو ئي موڪلائي ڇڏي، تنهنڪري پڻ کي چيائين تہ دير ٿي ٿئي. انهيءَ موجب، ٻئي چڙهي وينا ۽ گاڏي اتي

هلي، تہ بہ ويچاري ماءُ رهي ڪين، مٿان دريءَ مان جهاتي پائي، رومال لوڏي، پٽ کان موڪلايائين.

هو لنڊن ڏي تي هليا، ... پر "فرڊننڊ" جي لاءِ اڳيون سفر هن سفر کان گهڻو نہ تفاوت وارو هو: اڳي لنڊن ڏي تي ويو تہ گهڙيءَ نہ خوشيءَ سان ٿي ويو ۽ اتي جي ڪيتري نہ تعريف ٿي ڪيائين ۽ هن ڀيري بہ ويو لنڊن ڏي ٿي، پر گهر ۽ ڳوٺ ۽ مائٽ مٽ ڇڏڻ ڪري گهڻو نہ رنج ۽ غمگين هو.

نيٺ هو لنڊن اچي پهتا. ڊيوڪ ڪنهن پاسي ويل هو، تنهن کي ڏسي نہ سگهيا. هوٽل ۾ ڏينهن گذاري، پوءِ "گرئنڊيسن" ڏي ويا. لارڊ گرئنڊيسن، جنهن ڏنو تہ سندس پيسي خرچڻ يا ٻيءَ تڪليف کڻڻ کان سواءِ سندس ڏهٽي کي فوجي کاتي جي نوڪري ملي آهي، تنهن هن جي نهايت گهڻي آڌر ڀاءُ ڪئي، جيڪي ماٺهو وٽس وينل هئا، تن وٽ جهڙي پنهنجي نانيءَ جي تهڙي پنهنجي ڌيءَ جي ۽ تهڙي پنهنجي ڏهٽي جي تعريف ڪيائين ۽ حد کان زياده محبت ظاهر ڪيائين، ڏاڍا عمدا طعام کارايائين ۽ قيمتي قيمتي شراب پيارايائين.

جڏهن "فرڊننڊ" موڪلايو، تڏهن ٻڍو لارڊ ايترو خوش ٿيو، جو هڪ سؤ پائونڊن جو نوٽ هن کي خرچي ڪري ڏنائين. "فرڊ ننڊ"، جنهن کي ويهن پائونڊن جي ملڻ جي بہ مشڪل اميد هئي، سو پنهنجي ناني جي هيتري سخا ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پڪ ٿيس تہ ناني جي مون سان تمام گهڻي محبت آهي ۽ نيٺ پنهنجو وارث مون کي ڪندو. نانس هلڻ مهل گهڻو ئي نصيحتون ڪيس ۽ خط لکڻ ۽ سندس يادگيري ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪرڻ کان پوءِ موڪل ڏنائينس.

تنهن کان پوءِ پيءُ ۽ پٽ "فالموٿ" جي بندر تي آيا، جتي جهاز بيٺل هو. هنن جي جدائيءَ جو وقت اچي پهتو. "سر رئٽڪلف" پٽ کي ڀاڪر پائي مليو. پٽ ئي اهو هڪڙو هوس، ٻيو اولاد بہ ڪونہ هوس، انهيءَ سان تمام گهڻي محبت هيس، اُهو بہ هينئر وڏي سفر تي ٿي ويو، وري الائجي ڪڏهن گڏجڻا هئا، تنهنڪري البت هن کي گهڻو ڏک ٿيو. جيڪي ضروري ڳالهيون هيون، تن بابت هن پٽ کي نصيحت ڪئي.-پوءِ موڪلائي هن کي جهاز تي چاڙهيائين ۽ پاڻ موٽي هليو آيو.

---

## باب ڇهون

# ”فردننڊ“ جو مالٽا ۾ رهڻ ۽ موٽي انگلينڊ ۾ اچڻ

”فردننڊ“ فوج ۾ داخل ٿي مالٽا روانو ٿيو. تنهن کي پنج ورهيہ گذري ويا. انهيءَ پلٽڻ کي ايتريءَ مدت کان پوءِ وري انگلنڊ ۾ موٽي اچڻ جو حڪم مليو. ”ڪئپٽن آرمن“ هينئر هڪڙيءَ ڪمپنيءَ يا پلٽڻ جو ڪمانڊنگ آفيسر هو. انهيءَ وچ ۾ ”فردننڊ آرمن“ هڪڙو پيرو موڪل تي پنهنجي وطن آيو هو، جڏهن سندس ماروٽ ”آگسٽس“ مري ويو هو، جو ”گرئنڊيسن“ جي جائداد جو وارث هو. جڏهن بيو مرد وارث ڪونہ رهيو هو، تڏهن سيني کي گهڻو امڪان ڏسڻ ۾ آيو تہ ”آرمن“ جي ڪٽنب کي فائدو رسندو. خود مسٽر ”رئٽڪلف“، جو هميشہ اهڙي اميد ڪانہ رکندو هو، تنهن کي بہ مناسب ڏسڻ ۾ آيو تہ پٽس پنهنجي ناني کي روبرو وڃي يادگيري ڏياري. انهيءَ ارادي سان، هو موڪل وني وچ ۾ آيو هو. ”لارڊ گرئنڊيسن“ ڏاڍي آڌرڀاءُ ڪيس ۽ ڏاڍي محبت ڏيکاريائينس. بلڪ اهڙا دلاسا ۽ اشارا بہ ڏنائينس تہ اميد آهي تہ سگهو چرڪو ڪيس ايتري ملڪيت هٿ ايندي جو ”آرمن“ واري محلات بہ ساري نئين جوڙائي سگهندو ۽ جاگير بہ گرويءَ مان ڇڏائي سگهندو. اهڙن اشارن ۽ محبت جي نشانين مان ”فرڊ ننڊ“ کي پڪ ٿي تہ ناني جو وارث آءٌ ئي آهيان.

مالٽا ۾ رهندي ”فردننڊ“ ڏاڍو نالو ڪڍيو ۽ هر دلعزيز ٿي ويو. جوان ۽ خوبصورت، خوش طبع ۽ نيڪ اخلاق هو. تنهنڪري مڙس توڙي زالون سڀ سندس صحبت جا خواهان هئا. هيستائين هو پنهنجي پيءُ جي خرچ تي تعلق ٿي رهيو. انهيءَ جي نوڪري تي ٿي حڪم هلايائين ۽ انهيءَ جي گهوڙن ۽ گاڏين تي ٿي چڙهيو. پر هينئر پنهنجا پيسا هئس، پنهنجا نوڪر هئس ۽ پنهنجا گهوڙا هئس، سو انهيءَ جي لذت وري بي آهي. مالٽا جي گورنر کان وني سندس پلٽڻ جي ڪرنل ۽ بين ننڍن آفيسرن تائين، هو مزي جو ماڻهو شمار ڪيل هو. مجلسن ۾، رانديڻ ۾، چرچن گهٻن ۾ - سيڪنهن هنڌ، هن جي اچڻ ڪري، جيڪي ماڻهو نہ اچڻ وارا هوندا هئا سي بہ هليا ايندا هئا، تہ من هن سان ڳالهائڻ ۽ صحبت ڪرڻ جو ڪو وجهہ ملين. وري راڳ ڳائڻ، نقشن ڪڍڻ ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ جو پڙ هو، تنهنڪري پاڻ سندس سنگت وڏندي

ويئي. پاڻ ٻين وٽ ماني وجي کائيندو هو ۽ ٻين کي پاڻ وٽ دعوت ڏيئي ماني کارائيندو هو. انهيءَ طرح، "فرڊ نند" جو خرچ وڌندو ويو. پگهار پورو ٿيڻ نہ لڳو، قرض کڻڻ لڳو. جنهن جي ملڻ ۾ هن کي ڪا بہ مشڪلات ڪانہ ٿي. جڏهن اهو بار ڳرو ٿيڻ لڳو، تڏهن پنهنجيءَ دل کي اهو دلاسو ڏيندو آيو تہ جي پيو ڪو اپاءُ ڪونہ ٿيو تہ من انگلنڊ ڏي موٽڻ مهل پنهنجي ڪميشن وڪڻي، ٻئي کي ڏيئي، پيسا وٺي، انهن مان قرض لاهيان! پر ٻيءَ خلق تہ ڇاتو ٿي تہ هي خانداني ماڻهو آهي ۽ جهڙو پنهنجي پيءُ جو وارث آهي تهڙو ناني جو، تنهنڪري جيڪي ٿي هن گهريو سو ملي ٿي سگهيس - ۽ هن جي عيش عشرت بہ ويئي روز بروز زيادهہ ٿيندي. جواني ديواني آهي - هن جي نظر ۾ رڳو ڏينهن هو، رات هئي ڪانہ. هلندڙ وقت جي مشڪلات هئي، مگر آئيندي جي اميد اها هڪدم لاهيو ٿي ڇڏي. آسپاس جي ملڪن ۾ بہ فرصت جي وقت سير لاءِ پيو ويندو هو ۽ مزا ماڻيندو هو. هڪڙي اهڙي گشت ۾ تہ ڪنهن هنڌان ڪا خوبصورت ڳائڻ واري بہ گهلي آيو هو جنهن سان عيش عشرت ۾ گذاريندو رهيو.

انهيءَ خوشيءَ جي وقت ۾ اوچتو هن کي خط رسيو تہ سندس ناني "لارڊ گرئنڊيسن" وفات ڪئي ۽ پاڻ انهيءَ جو وارث نہ ٺهريو: ٿوريون ٿوريون رقمون انهيءَ لارڊ جي ڏيڻن ۽ انهن جي مڙسن کي مليون ۽ ٻي سڄي جائداد هن پنهنجي باقي رهيل پوٽيءَ "ڪئٽرائن" کي ڏني، جا سندس ننڍي پٽ جي ڌيءَ هئي ۽ تازي مئل "آگسٽس" جي پيڻ هئي.

هيءَ خبر پڌي، "فرڊننڊ" ويچاري جا ڏند مڙي ويا. جنهن شي تي ايترو پروسو رکيو هئائين ۽ جنهن جي ڏڍ تي هيتريون خالي ماڙيون اڏيون هئائين، سا تہ هينئر هٿن مان ويئي هلي، باقي اهو آسرو وڃي رهيس تہ جي "ڪئٽرائن" سان شادي ڪندس، تہ پوءِ اها سڀ ملڪيت منهنجي ٿيندي - ۽ انهيءَ ۾ ڪا مشڪلات ڏسڻ ۾ نہ آيس. آرسيءَ جي اڳيان بيهي جڏهن پنهنجي خوبصورت شڪل ڏٺائين، تڏهن سڀ انتظار لهي ويس. دل ۾ چوڻ لڳو تہ "منهنجي ماروٽ "ڪيٽ" منهنجي زال ٿيندي....واه! هڪڙي ڪري تہ تمام چڱو، جو مال ملڪيت هٿ ايندو، ٻيءَ ڪري چوندا آهن تہ اهڙيءَ ويجهيءَ ماٽيٽيءَ سان محبت نہ لڳندي آهي. آءٌ ڪن ورهين کان هن جي صحبت ۾ نہ رهيو آهيان ۽ سندس گهٽو

واقف ناهيان، پر انهيءَ هوندي به مون جهڙي عزيز جوان کي هوءَ ناپسند نه ڪندي... پٺي خير جي گذرندي.“ انهن خيالن ۾ هو جاءِ ۾ پسار ڪرڻ لڳو.

”فرڊننڊ“ کي ناني جي مرڻ جي خبر ملي، تنهن کان مهينو کن پوءِ هن جي پلٽڻ کي انگلينڊ ڏي موٽڻ جو حڪم مليو. هن جي لاءِ اها ڳالهه چڱي هئي، ڇالاءِ جو نانس جي مرڻ جي خبر اجا اتي عام طرح پکڙي نه ويئي هئي، نه ته جيڪر سندس قرضي ڏاڍي ڇڪتاڻ ڪنس ها، جو انهن کي معلوم ٿئي ها ته هو ناني جو وارث نه ٿيو. تنهنڪري، فلحال وقت ٽپائي، هنن کي موٽي اچڻ جا دلاسا ڏيئي، ”فرڊننڊ“ اتان روانو ٿيو. ”فالموٿ“ بندر تي پهچڻ مهل هن کي معلوم ٿيو ته سندس ماءُ پيءُ ”باٿ“ ۾ آيل آهن، جتي سندس ماسي رهندي هئي، جنهن سان گڏ سندس ماروٽ ”مس گرئنڊيسن“ رهيل هئي. اها بيمار هئي، تنهنڪري اهو وجهه چڱو ڄاڻي، ٽورن ڏينهن جي موڪل وٺي، هو اتي ويو.

سندس ماروٽ ”ڪئٿرائن“ سندس ئي عمر جي هئي. خوبصورت، خوش طبع ۽ خوشدل زال هئي، ماتم جي ڪارن ڪپڙن ۾ ته پاڻ سندس حسن زياده ڏسڻ ۾ ٿي آيو. هن جي پنهنجيءَ پڦيءَ، ”ليڊي آرمن“ سان ڏاڍي دل هوندي هئي، انهيءَ ڪري، ”فرڊ ننڊ“ جي تعريف ٻڌي، هوءَ انهيءَ جي اچڻ ۽ ملڻ لاءِ منتظر هئي. پنهنجي ڏاڏي، ”لارڊ گرئنڊيسن“، کان ته اڳي ئي هن جي تعريف ٻڌي هئائين. تنهنڪري، جڏهن ”فرڊننڊ“ آيو ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ کي ملڻ کان پوءِ پنهنجي ماروٽ ”ڪيٽ“ سان گڏ گذارڻ لڳو، تڏهن هوءَ هن جون مزي جهڙيون ڳالهيون ۽ منيون ٻوليون ۽ چرچا گهڻا ٻڌي ڏاڍي خوش ٿي. ائين نٿي معلوم ٿيو ته انهيءَ گهر جا ڀاتي ڪنهن ماتمداريءَ ۾ آهن. مطلب ته ٻن ڇئن ڏينهن جي اندر هو ٻئي هڪٻئي جي محبت ۾ ڦاسي ويا. آزمودگار ماٺهن کي ”فرڊننڊ“ ۾ ٿورو گهڻو ڏيک ۽ ڍونگ ۽ ٺڳي ڏسڻ ۾ اچي سگهي ها، پر ”ڪئٿرائن“ ويچاري تمام ساده مزاج هئي، سا هن جي دام ۾ جهٽ ڦاسي ويئي. سگهوئي ”فرڊننڊ“ خلاصگيءَ ۾ پنهنجي دل جو ارادو، شاديءَ ڪرڻ بابت، هن کي ٻڌايو. هن شرم ۽ حيا سان سندس ڳالهه قبول ڪئي. انهيءَ کان پوءِ ”فرڊننڊ“ کي پڪ ٿي ته آءٌ اڳي ئي پرٽيو وينو آهيان. ناني جو ورثو به مليم، ۽ سڀ قرض به لٿم!

”فردننڊ“ کي ”باٿ“ ۾ ٻه مهينا رهڻا پيا. انهيءَ وچ ۾ هنن پاڻ ۾ اهو نهراءُ ڪيو ته ”لارڊ گرئنڊيسن“ جي وفات کي جڏهن هڪڙو ورهيه گذرندو، تڏهن هنن ماروئن جي پاڻ ۾ شادي ٿيندي - تيستائين ”آرمن“ ۽ ”گرئنڊيسن“ ٻئي ڪٽنب گڏجي ڪي ڏينهن ”آرمن“ ۾ هلي گذارين. هيءُ به نهراءُ ڪيائون ته ”فردننڊ“ فوج جي نوڪري ڇڏي ڏئي ۽ پنهنجي ڪميشن وري وڪڻي ڇڏي. انهيءَ ڪم جي لاءِ ”فردننڊ“ موڪلائي لنڊن ۾ آيو ۽ اتان ٿي وري ”آرمن“ ۾ آيو، انهيءَ لاءِ ته پنهنجي استاد ۽ خانداني دوست ”گلئسٽن بيريءَ“ کي به ملي ۽ پنهنجو وطن به گهمي ڏسي، جيسين ڪ سندس مائٽ ”باٿ“ مان موٽي اتي اچن. ”گلئسٽن بيري“، جنهن کي هو پيار ڪان پيءُ جي بجاءِ سمجهندو هو، سو هن کي ڏسي ۽ هن جو احوال ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. هن سچي دوست جي خوشي رواجي نه هئي، حد ڪان زياده هئي، بلڪ ديوانگيءَ جهڙي پئي ڏسي. جهڙو هن توڙي اتي جي ماڻهن، ائين پئي ڄاتو ته سگهو ٿي ”آرمن“ جي جاگير قرض ۽ گرويءَ ڪان آزاد ٿي اصلوڪن ڌڻين کي ملندي ۽ ٻئي خاندان گڏجي پوندا ۽ هميشه لاءِ سک ۽ سانت ۾ رهندا.

---

## باب ستون

# مس "هينرئيٽا ٽيمپل" سان واقفيت

جڏهن "فرڊننڊ" پنهنجي ڏاڏاڻي. گهر ۾ رات جو چڱي خاصي ننڊ ڪري اٿيو ۽ دري پٽي آسپاس جي ساوڪ ۽ باغ ۽ ٻنين تي نظر ڪيائين. تڏهن سرهائيءَ ڪان ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيو. مالٽا. فوج جي نوڪري. "باٿ" جي ملاقات ۽ "مس گرئنڊيسن"- اهي سڀ ڳالهيون خواب وانگي هن کي خيال ۾ آيون. دل ۾ چيائين تہ آءٌ "ڏاڍو نصيب وارو آهيان. جو پنهنجي ڏاڏاڻي جائداد ۽ ملڪيت وري آزاد ڪيم ۽ پنهنجي خاندان جو گم ٿيل نالو وري ظاهر ۽ مشهور ڪيم! مون کي خوش ٿيڻ جي لاءِ سبب ڪونهي ڇا؟ "ڪيٽ" خوبصورت جوان ۽ غريب سياءُ جي آهي. منهنجي محبت ۾ قاتل آهي. باقي آءٌ... تنهنجي بہ ساڻس ياڻيان ٿو تہ محبت آهي. نہ تہ بہ ظاهري ڪري منهنجي هن سان اهڙي محبت ڏسجي ٿي. جهڙي اڳي ڪڏهن ڪنهن ٻيءَ زال سان نہ ٿي هيم. خير. ڪنهن بہ طرح. هن جي لاءِ مون کي گهڻي محنت ڪرڻي نہ پئي ۽ گهڻو عشق جو عذاب سهڻو نہ ٿيو: آءٌ هن تي عاشق ٿيان. تنهنجي بدران اهڙي اٿل ۽ چالاڪي ڪيم جو هوءَ مون تي عاشق ٿي...!"

سگهو ئي پوءِ "گلئسٽن بيري" آيو ۽ ٻنهي گڏجي ناشتو ڪاڌو. پوءِ گهمڻ ويا. "آرمن" جي قلعي ۽ محلات جي باقي رهيل ياڳي کي نئين سر نهرائڻ ۽ سينگارڻ. نيون تصويرون ڪڍائڻ ۽ ٻيو سڌارو ڪرڻ- انهن ڳالهين تي هنن پاڻ ۾ گفتگو ڪئي. "گلئسٽن بيريءَ" بہ انهيءَ ڳالهہ تي خوشي ظاهر ڪئي ۽ مبارڪ ڏنائينس تہ تنهنجي ئي معرفت "آرمن" جو قديم خانگي قلعو پنهنجي اصلوڪي اوج کي پهچڻ وارو آهي. پر. جڏهن "فرڊننڊ" هوا ڪائي پنهنجي جاءِ ۾ آيو ۽ اڪيلائيءَ ۾ اڳيان پويان خيال دل ۾ اچڻ لڳس. تڏهن سندس خيالي اُس تي ڪي ٿورا ڪارا ڪڪر بہ اچڻ لڳا. دل ۾ چوڻ لڳو تہ "دولت ۽ اختياري. درجو ۽ عزت -اهي سڀ دنيا ۾ چڱيون شيون آهن ۽ خوشي پيدا ڪن ٿيون. پر جا خوشي دل کي محو ڪري ڇڏي سا ڪنهن ٻيءَ شي ۾ هوندي- هي سڀ رواجي خوشيون آهن. عشق. جنهن جي هيتري تعريف ڪتابن مان يا زبانن مان معلوم ٿئي ٿي. سو رڳو ڪوڙو قصي هوندو ڇا؟ ان جي لذت. جي سچي

هوندي تہ اور هوندي. "ڪيٽ" سان محبت ڪرڻ ۾ اها لذت تہ مون کي نہ آئي. پڪ اٿم تہ دنيا ۾ هن کان زيادھ حسين زالون بہ پيون هونديون، جن جي صحبت ماڻهوءَ جو عقل چرخ ڪري ڇڏيندي هوندي. ڪي زيادھ حسين تہ مون ڏٺيون بہ آهن، بلڪ ڪن تہ مون کي نڳاري گمراھ ۽ گنهگار بہ ڪري ڇڏيو هوندو. حقيقت ڪري عشق پيدا ٿيندو هوندو تہ اهڙين لاثاني زالن جي لاءِ، نہ رواجي زالن جي لاءِ... ۽ حياتي اهڙي عشق کان سواءِ ڪهڙي ڪم جي آهي؟ انهيءَ لذت ۽ خوشيءَ کان سواءِ، دولت ۽ عزت ۽ درجو ۽ نالو ناموس، سڀ اجايا آهن - ڄڻ تہ شيشي جي ڇت ۾ جواهر لڳل آهن. ڌهڙو شڪ تہ منهنجو نامور ڏاڏو، جنهن جي نالي پنيان آءٌ ٿو سڏجان ۽ جنهن جي هي قلعو هڪڙي وڏي نشاني آهي، تنهن جو بہ اهڙو ساڳيو حال هوندو ۽ انهيءَ جا بہ اهڙا ساڳيا خيال هوندا، جهڙا مون کي ٿا اچن. ڪهڙو شڪ تہ هن اسان جي خاندان جي خرابيءَ جو سبب ٿي اهڙيءَ شي جو نہ هئڻ هوندو، ڏسجي تہ منهنجيءَ قسمت ۾ ڇا آهي:..!"

هو انهن خيالن ۾ محو هو، تہ قلعي جي ٻاهران ٿوري پنڌ تي ڪتن جي ڀوُنڪ ۽ ٻاهوڙ ٿي. تنهن تي هي پنهنجي خيال ۽ خواب کان سجاڳ ٿيو ۽ بندوق هٿ ۾ ڪٽي سماءَ لاءِ ٻاهر نڪتو. جڏهن جهنگ جو گهاٽ لنگهي ٻاهر ٿيو، تڏهن هڪڙي ڪليل ساوڪ واري ميدان تي هڪڙي ليڊي سواريءَ جي پوشاڪ ۾ ڏٺائين، جنهن آسپاس جي بيٺل درختن ڏي ڀٽي نهاريو - ڄڻ تہ انهن جي تعريف پئي ڪيائين. هوءَ پنهنجي منهن هئي... "فردننڊ" هن جي شڪل ڏسي، حيران ٿي ويو. هن سمجهيو تہ اوچتو سج ڇانوَ مان نڪري ظاهر ٿيو آهي، جنهن ڏي نهاريندي اکيون ڀورجيو پئي ويون. هن جو منهن، هن جون اکيون، هن جا وار، هن جو قد، هن جي پوشاڪ - هن جو سارو ڊول انهيءَ مهل هن کي اهڙو ڏسڻ ۾ آيو، جو هن سمجهيو تہ ڪا حُور يا پري آهي، جا آسمان مان لهي زمين تي اچي بيٺي آهي! جيتوڻيڪ اُها جوان ليڊي ارڙهن ورهين عمر جي مس ٿي ڏٺي، تہ بہ قد ۽ شڪل ۾ انهيءَ کان زيادھ قداور ۽ خوبصورت ٿي ڏٺي.

عشق جو دستور آهي تہ هميشہ پهرينءَ نظر سان پيدا ٿيندو آهي ۽ ٻنهي طرفن جي دل ۾ محبت جي باھ دُکائي ڏيندو آهي. جو عشق درجي بدرجي پيدا ٿيندو آهي ۽ سرد دل تي گرمي وڌائيندو آهي، اُهو جٽاءُ ڪين ڪندو آهي.

جڏهن اهڙو سچو عشق اوچتو ڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ پيدا ٿيندو آهي، تڏهن هو ڄاڻندو آهي تہ دنيا ۾ جيڪي آهي سو اُهو محبوب آهي. هن جي محبت جي ڪري هو پنهنجو سک، پنهنجي دولت، پنهنجي حياتي - سڀ وساري ڇڏي ٿو، سڀ صدقي ڪري ٿو. ماڻهن جي ڪل ننوليءَ ۽ پنهنجيءَ ڪمبختيءَ ۽ خراب حالت جي هن کي ڪا بہ پرواهہ ڪانہ ٿي ٿئي - بشرطيڪ هن جو محبوب ساڻس خوش هجي.

"فرڊننڊ آرمن" جو هينئر اهو حال هو. هن جي دل ۾، انهيءَ جوان زال جي ڏسڻ ڪان پوءِ، انهيءَ ساڳيءَ باهہ اوچتو پڙڪو ڏنو هو. هن جي ڏسڻ ڪان پوءِ ٿورو هٽي بٺي پاسي ويو، پر دل ۾ اهڙي ڪشش پيدا ٿيس ۽ اهڙا خيال اچڻ لڳس، جن ورهين جون خيالي آڏيل ماڙيون ڊاهي ڇڏيس ۽ ٻين شوق وارن خيالن جو اندر ۾ طوفان آڻي ڪڙو ڪيس. جڏهن سامت ۾ آيو، تڏهن وري لڙي انهيءَ پاسي هليو ۽ وري بہ انهيءَ جوان زال ڏي نهاريائين، جا اجا بہ اُتي بيني هئي- رڳو پاسو مٽايو هئائين، ۽ هڪڙو گل پٽي انهيءَ جي سونهن پٺي دل ۾ ساراهيائين.

اِتي "فرڊننڊ" ڪنهن مڙس ماڻهوءَ جو آواز ٻڌو، جنهن سڏ ڪري چيو تہ "هنرئيٽا"... ۽ هڪدم هڪڙو وچوليءَ عمر جو چڱن مهاندن وارو ماڻهو ظاهر ٿيو، جنهن جي پٺيان "فرڊننڊ" جي ڪٽن مان هڪڙو پوئنڪندو لڳو آيو. اُهو شخص چوڻ لڳو تہ "هنرئيٽا، هتي تہ آءٌ ڪو باغائي يا ٻيو ماڻهو ڪونہ ٿو ڏسان، بهتر آهي تہ پاڻ وري گهوڙن تي چڙهون".

ليڊيءَ چيو تہ "افسوس آهي تہ هتي گهوڙا ڪونهن، نہ تہ جيڪر هي هنڌ مزي جهڙو آهي، گهمي ڏسون ها".

ان تي "فرڊننڊ" ظاهر ٿي چيو تہ: "آءٌ اوهان کي گهمائي ڏيکاريان؟" ليڊيءَ ڇرڪ ڀريو ۽ انهيءَ شخص "فرڊننڊ" کي سلام ڪري چيو تہ "آءٌ ڀانيان ٿو تہ اسان هتي بيجا دخل ڪيو آهي، پر هن وڏي در تي هڪڙيءَ زال اسان کي ٻڌايو تہ قلعي جا ياتي ٻاهر ويل آهن، هتي ڪين آهن، ۽ سندس مڙس هتي باغ ۾ ملي سگهندو".

"فرڊننڊ" ورندي ڏني تہ "برابر، اسان جو ڪٽنب هتي ڪين آهي، پر تڏهن بہ سر رئٽڪلف اوهان جي هتي گهمڻ ڪري ڏاڍو خوش ٿئي ها. آءٌ هتي جو چڱو واقف آهيان، اوهان کي هي هنڌ گهمائي ڏيکاري سگهندس".

هن شخص چيو ته "اوهان جي گهڻي مهرباني".

هن ليڊيءَ به مرڪيو... ۽ اُهو مرڪڻ "فرڊننڊ" کي ائين ڏسڻ ۾ آيو، جيئن سج جهڙ مان ڪني ڪڍندو آهي. انهيءَ مرڪڻ ڪري جي هن جي گلابي ڳلن ۾ کڏون پيون، ۽ ڳاڙهن چپن مان ڏندن جي اڇاڻ نڪتي، تن هن کي اصل ماري ڇڏيو.

پوءِ ته هو ٽئي گڏجي آهستي آهستي هلڻ لڳا. "فرڊننڊ" هنن کي عجيب ساوڪ ۽ وڻن جي ٻوٽن ۽ چمنن جو سير ڪرائيندو آيو. ڍنڍ ۽ پکي ۽ ٻيون مزي جون شيون ڏيکاريندو. قلعي تائين وني آين ۽ هنن جي مرضيءَ معلوم ڪرڻ تي، اندر قلعي جي حد اندر وني هلين. هن شخص اهو عذر ڏنو ته "اسان اڇي اوهان جي شڪار ۾ رولو وڌو". "فرڊننڊ" چيو ته "انهيءَ جي حرڪت ڪانهي، آءٌ ڪنهن به مهل تترن جو شڪار ڪري سگهان ٿو، پر ههڙا دل وٽندڙ سنگتي هر روز نٿا گڏجن".

پوءِ قلعي جو ٻاهريون دروازو ڪولي اندر وني وين، ۽ جيڪو نئون اڏيل ڀاڱو هو سو به گهمائي ڏيکاريائين، جيڪو پراڻو ويران ٿيل ڀاڱو هو، سو به ڏيکاريائين ۽ انهيءَ بابت جيڪي سمجهاڻو هو سو به سمجهايائين. جاين ۾ جيڪي عجيب غريب قديم خانداني نشانيون ۽ تصويرون رکيل هيون، سي سڀ به هڪڙي هڪڙي ڪري ڏيکاريائين ۽ انهن جو مختصر احوال ٻڌايائين. خاص طرح، وڏي "سر فرڊننڊ آرمن" جي وڏي تصوير به ڏيکاريائين ۽ انهيءَ جيڪي فتحون ڪيون هيون ۽ بهادريون ڏيکاريون هيون سي بيان ڪري ٻڌايائين. انهيءَ تي ليڊيءَ چيو ته "مون اڳي ئي انهيءَ سر فرڊننڊ جي گهڻي تعريف ٻڌي آهي. بيشڪ، هو هڪڙو عجيب انسان هوندو". جيڪي عجيب غريب استادن جي هٿ جون نڪتل تصويرون گڏ ٿيل ۽ رکيل هيون، سي ڏسي هنن کي حيراني وني ويئي، هو انهن جي تعريف ڪرڻ لڳا. ۽ انهيءَ خاندان جي بزرگ، وڏي "سرفرڊننڊ" جي خوش نصيبيءَ نالي ناموس جو ذڪر ڪرڻ لڳا. انهيءَ تي "فرڊننڊ" چيو ته: "هو برابر انهيءَ تعريف جو لائق هو، مگر هن جا پويان يعني سندس اولاد اهڙيءَ خوش نصيبيءَ ۽ ناموسيءَ واري حالت ۾ ناهي، نه ته هي رهيل ڀاڱو محلات جو ههڙي حال ۾ نه هجي ها". تنهن تي هن ليڊيءَ چيو ته: "انهيءَ ۾ ڇا ٿيو؟ ماڻهوءَ جي قابليت ۽ لياقت ۽ شرافت، دولت تي ناهي. جي

آءُ آرمن جي گهراڻي مان هجان ها ۽ ورثي ۾ فقط هڪڙو قلعو سجو سڪٺو مليم ها. تہ بہ جيڪر خوش ٿيان ها ۽ انهيءَ تي فخر ڪريان ها".وري جڏهن وڏي "سرفردنند" جي تصوير تي آيا. تڏهن هنن انهيءَ تصوير جا ۽ هن "فردنند" جا مهاندا هڪجهڙا ڏٺا. جو ذري انهيءَ تصوير ڏي تي ڏنائون ۽ ذري هن ڏي. ائين ڏسي ڏسي، هن ليڊيءَ جو لڄ کان منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ اکيون ذري ذري ڪٽي هيٺ تي ڪيائين ۽ هن شخص نيٺ ايترو چيو تہ "آءُ ڀانيان ٿو تہ اوهين بہ هن بزرگ جي اولاد مان آهيو".

"فردنند" ورندي ڏني تہ: "برابر آهيان، پر هن پنهنجي ڏاڏي جي خوبصورتيءَ جي ڪا پتي بہ مون ۾ ماڻهن کي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. جن هن کي ڏٺو هو، سي چون ٿا تہ آءُ هن جي مقابلي ۾ بدشڪل آهيان!"

هنن ٻنهي مرڪيو ۽ هن شخص ايترو چيو تہ: "آءُ هتان فقط ڏهہ ميل پري ٿو رهان، تنهنڪري ڀاڻ کي اوهان جو ڀاڙيسري سڏي ٿو سگهان: جي اوهين تڪليف وٺي ڪڏهن "ڊُوسي بائوئر" ۾ ايندؤ تہ اسين اوهان جي خدمتگاري ڪري گهڻو خوش ٿينداسين. اسان وٽ هڪڙو قلعو ۽ هڪڙي محلات ڪانهي، سادو سودو گهر ۽ باغ آهي. منهنجو نالو "ٽيمپل" آهي ۽ هيءَ منهنجي ڌيءَ آهي. مون کي خبر هئي تہ سر رئنڪلف آرمن کي ڪو پٽ آهي، پر مون ٻڌو هو تہ اهو ٻاهر ويل آهي".

"فردنند" ورندي ڏني تہ: "برابر آءُ ٻاهر هوس، ٻہ مهينا ٿيندا جو انگلنڊ ۾ موٽي آيو آهيان ۽ هتي آرمن ۾ آئي تہ فقط ٻہ ڏينهن ٿيا اٿم. آءُ ڏاڍو خوش نصيب آهيان، جو ٻاهران وطن موٽڻ کان پوءِ ترت مس ٽيمپل ۽ اوهان جي معرفت ۽ ملاقات جو شرف حاصل ڪيو اٿم. هاڻ جڏهن اوهان هتي تشريف آندي آهي ۽ هيتري پنڌ تان سواري ڪري آيا آهيو، تڏهن هلي ڪي ٿورو ڪائي پي تازا ٿيو". پر اها ڳالهہ هنن قبول نہ ڪئي. ڪو عذر ڏيئي، شڪر گذاري ڪري، نڪتا. "فردنند" وري بہ باغ مان گهمائيندو ۽ مزي مزي جا گل ڏيکاريندو وٺي وين. جڏهن ليڊي گلن جي تعريف ڪرڻ لڳي، تڏهن "فردنند" هڪڙو نئين قسم جي گلاب جو گل پٽي هن کي ڏنو، جنهن جي هن گهڻي ساراهہ ڪئي ۽ چوڻ لڳي تہ: "اوهين هڪڙي بهشت ۾ ٿا رهو!" جنهن تي "فردنند" چيو تہ "آرمن اڳي بهشت تہ ڪين هو، اڄ ٿيو آهي...!" "مس ٽيمپل"

وري چيو تہ: ”ٻهراڙيءَ جي گشت ۾ سچ روشنائيءَ جو ضرور آهي ۽ اسان جي خوش قسمتيءَ سان اڄ اها بہ پيدا ٿي آهي“. ”فرڊننڊ“ چيو تہ: ”سچ جي روشنائيءَ کان بہ زيادھ سوجهرو ظاهر آهي، جنهنکري آسپاس جو ملڪ اهڙو فرحت جهڙو ڏسڻ ۾ ٿو اچي...“.

اتي هو گهوڙن وٽ اچي پهتا ۽ هو چڙهي روانا ٿيا. هلڻ مهل مسٽر ”ٽيمپل“ چيو تہ: ”ڪئپٽن آرمن“، هينئر پاڻ واقف ٿياسين، هڪٻئي کان حجاب ڪونہ ڪرڻ گهرجي: جڏهن اوهين هتي اڪيلا آهيو، تڏهن ڇو نہ سياڻي مهرباني ڪري شام جو اسان وٽ اچي ماني کائو! جي سوير آيؤ، تہ هلي ڪي پکي بہ گڏجي مارينداسين“. ”فرڊننڊ“ چيو تہ: آءٌ خوشيءَ سان ايندس، اوهين جيڪي بہ چوندؤ سو قبول ڪندس“.

## باب انون

# ملاقات جو اثر

جڏهن هو نظر کان نڪري ويا، تڏهن "فرڊننڊ" چوڻ لڳو تہ: "مس ٽيمپل!... واه، واه، بيشڪ نهايت حسين موهيندڙ انسان آهي- نہ نہ، انسان ناهي، ملائڪ آهي! او "هنرئيٽا"، ڪهڙو نہ تنهنجو نالو مٺو آهي! تو کان سواءِ حياتي ڪهڙي ڪم جي!... تو کان سواءِ سيڪا شي ڪهڙي نہ بيسوادي پيئي لڳي - چڻ تہ سج هينئر لٿو آهي ۽ اونداهي ڪاهي آئي آهي! ڪهڙي نہ عجيب شڪل!... ڪهڙو نہ سريلو آواز! اجا اها مٺي ٻولي منهنجي ڪنن ۾ پيئي ٻُري...! هاڻي سياڻو الائجي ڪڏهن ٿيندو، تہ وري هن جو منهن ڏسان ۽ هن سان ڳالهيون ڪريان!... پر آءٌ ڇا ٿو چوان؟... آءٌ "فرڊننڊ آرمن" ناهيان ڇا؟ اڳي مگيل ۽ قاتل ناهيان ڇا؟ ڪهڙو شڪ تہ مون کان اڳي منهنجا مائٽ منهنجي مگينديءَ سميت ڪوٺ ۾ آيا هوندا، يا جلد ايندا... جي آيا، تہ آءٌ هن سان ڪين ڳالهائيندس! آءٌ اصلي ارمن ڇڏي ڀڄي ويندس! آءٌ فقط پنهنجي ڪٽل خاندان کي بهتر ڪرڻ لاءِ پاڻ کي سوريءَ تي ڪين چاڙهيندس- اها شادي ڪانہ ڪندس! هاءِ هاءِ، ويچاري آرمن! ٻئي خاندان جي ڏياڻي، سندس مالڪياڻي ٿيندي- اها تہ دغابازي ٿيندي! پر... هن کان سواءِ منهنجو جياپو مشڪل آهي، هن کان سواءِ آرمن منهنجي نظر ۾ جهنگل ۽ بيابان بلڪ قبرستان آهي!... پر وري هن سان بہ آءٌ قابو ٻڌو پيو آهيان - چڻ زنجير پيا آهن ۽ انهن جو ڪڙڪو پيو ٻڌان: هيءَ عزت ۽ عشق جي وچ ۾ جنگ ٿي - ڏسجي تہ ڪير کٽي... "بت ۽ خدا جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو - ضرور بت جي پوڄا ڇڏڻي ٿيندي!"

اهڙن ديوانگيءَ جي خيالن سان، "فرڊننڊ" موٽي پنهنجي گهر آيو. باغ ۾ "گلئسٽن بيريءَ" پئي وڻ ناهيا، سو مليس ۽ خبر چار پڇيائينس ۽ ٻڌايائينس تہ مانيءَ جي مهل ٿي آهي. وڃي مانيءَ تي ويٺا. "گلئسٽن بيريءَ" سهي ڪيو تہ هن جو منهن ملول آهي، تنهنجو سبب پڇيائينس. هن چيو تہ" شايد گهڻو پنڌ ڪيو اٿم، تنهنڪري ائين آهي."پوءِ ڳالهين ڪندي، "فرڊننڊ" هن کان پڇيو تہ: "سائين، هن ويجهڙائيءَ ۾ ٽيمبل نالي ڪو سڪر ماڻهو رهندو آهي؟" هن ورندي ڏني تہ آءٌ ڀانيان ٿو تہ مون ٻڌو هو تہ مسٽر "ڊوسيءَ" پنهنجو باغ وارو گهر،

”ڊُوسي باٿوٿر“. ڪراٿي تي انهيءَ نالي واري ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏنو آهي“. هن پڇيو تہ: ”خبر اٿَو تہ اهو ڪير آهي؟“ هن ورندي ڏني تہ ٻي تہ خبر ڪانہ اٿم، باقي هڪڙي ٻيري مون ٻڌو هو تہ اهو مسٽر ٽيمپل، اسان جي ملڪ جو سفير يا وڪيل تي، يورپ جي ڪنهن ٻئي ملڪ جي بادشاهہ ڏي ويو هو“.

ماني ڪائيندي، شراب پيئڻ مهل جڏهن ”گلئسٽن بيريءَ“ چيو تہ: ”آءٌ هي جام تنهنجي ۽ ”مس گرئنڊيسن“ جي صحت جي لاءِ نوش ٿو ڪريان“، تڏهن ”فرڊننڊ“ جي واتان دانهن نڪري ويئي، ڇڻ تہ اوچتو ڪو ڏنگ لڳو هجيس. ٻڍي پڇيس تہ: ”خير آهي؟ ڇا ٿيو؟“ هن چيو تہ: ”الائجي ڏينيو هو، يا مڇر هو. يا ڪو ٻيو جيت هو- تنهن چڪ هنيو“. تنهن تي ٻڍو ڊوڙي دوا جو تيل ڪٽي آيو، پر ”فرڊننڊ“ چيو تہ: بس، هاڻ سور لهي ويو- “.

سگهو ئي ماني ڪائي بس ڪياٿون ”گلئسٽن بيريءَ“ جي چوڻ تي، ”فرڊننڊ“ ڳائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڇگو نہ ڳاياٿين ۽ ڪيتريون ئي ڇڪون ڪياٿين- تنهن جي لاءِ مٿي جي سور جو عذر ڏناٿين. پوءِ تہ موڪلاڻي وٺي ستو، پر ننڊ ڪانہ آيس، خيال پچائيندي ۽ پاسا اٿلائيندي رات گذارياٿين. جنهن محبوب جو خيال دل ۾ هوس، تنهن جي شڪل شباهت ۽ انهيءَ جون ٻوليون ياد ڪري پئي دل خوش ڪياٿين. نيٺ اسر ڌاري ننڊ آيس ۽ مس مس سندس بت ۽ دماغ کي آرام آيو.

---

## باب نائون

# ’ڏُوسي بائوئر‘ ڏي وڃڻ

نيٺ ”فرڊننڊ“ جي لاءِ صبح ٿيو. گهڻي انتظار ۽ خوشيءَ جي ڪري هن کي صبح ٿيڻ جي اميد ڪانہ هئي... پر نيٺ صبح ٿيو. اها اميد ٿيس تہ پنهنجي محبوب کي وري ڏسندس ۽ ساڻس ڳالهائيندس. سندس مائٽن، توڙي سندس مڱينديءَ جي اچڻ ۾ اڃا دير هئي. انهيءَ ڏينهن خط آيو هو، جنهن مان معلوم ٿيو تہ اڃا هفتي کن جي دير آهي. ”فرڊننڊ“ جي لاءِ اهو ڏاڍو مزو ٿيو. گهوڙو گهرائي، هڪدم ٽپو ڏيئي چڙهي، ”ڏوسيءَ“ ڏي روانو ٿيو.

مسٽر ٽيمپل“ هڪڙي سکر خاندان جو ماڻهو هو ۽ ننڍو پٽ هو، جنهنڪري گهڻو ورثو ڪونہ مليس. رواجي تعليم وٺڻ کان پوءِ هن ملڪي ڪمن ۾ هٿ وڌو ۽ پنهنجي خانداني‌ءَ نظر تي جرمنيءَ جي بادشاه ڏي سفير يا وڪيل ٿي ويو. ڪن ورهين کان پوءِ موٽي آيو. جيڪا هوشياري ڏيکاري هئائين ۽ سرڪار جي خدمتگذاري ڪئي هئائين، تنهن لاءِ پينشن بہ مليس ۽ ”پروي ڪائونسل“ جو ميمبر بہ ڪيائونس. تنهن کان پوءِ هو خانگي طرح رهندو آيو. زال ننڍي هوندي مري ويئي هيس، فقط هڪڙي ڌيءَ هيس، جنهن سان تمام گهڻي محبت هئي. مسٽر ”ٽيمپل“ پنهنجي ڌيءَ کي تمام چڱيءَ طرح سنڀاليندو هو ۽ پاڻ کان اصل پري ڪين ڇڏيندو هو. هن جي سڄي تعليم پنهنجي هٿ رکي هئائين. جرمنيءَ ۾ ساڻس گڏ هوندي هئي، تنهنڪري، ”هنرئيٽا“، جيتوڻيڪ عمر ۾ ننڍي هئي، تہ بہ قابليت ۽ آزمودي ۾، توڙي ظاهري صورت ۽ ڊول ۾، پڪي زال پئي ڀانئي. گهر جي ڪم ڪار ۾ ۽ پئي بندوبست ۾ تمام خبردار هئي. هن ۾ پيءُ واريون سڀ وصفون موجود هيون. صاف دل، سادي، سچي ۽ عقلمند هئي. هميشہ خوش طبع ۽ کلمُک هوندي هئي: مطلب تہ هوءَ اهڙي عجيب زال هئي، جنهن جهڙي هزارن ۾ ڪا هڪڙي مس ليندي.

ٻپهرن ڌاري ”فرڊننڊ آرمن“ ”ڊوسي بائوئر“ ۾ اچي پهتو. آسپاس جي صفائي ۽ وڻڪار، ساوڪ ۽ گلزاري ۽ ٻيو سُيائي ڏيک ڏسي، ”فرڊننڊ“ حيران ٿي ويو. پڪ ٿيس تہ بهشت جو باغ اهو آهي ۽ ”هنرئيٽا“ جهڙيءَ حور جي رهڻ جو هر طرح لائق آهي. جايون اهڙيون سينگاريل هيون، سامان اهڙو مزي جهڙو هو ۽ تصويرون وغيره اهڙيون عجيب غريب هيون، جو ”فرڊننڊ“ جو عقل چرخ ٿي ويو.

هي بہ اجا ملاقات واري  ڪمري ۾ وڃي ويٺو. تہ هڪڙي پاسي ڪان در ڪليو ۽ مسٽر "ٽيمپل" اچي مرحبا ڪيس. اڌ ڪلاڪ ڪن تائين هنن پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون ۽ تصويرن ۽ ٻيون شيون ڏٺيون، پوءِ مانيءَ جي جاءِ ۾ ويا. اتي جو بندوبست بہ "فرڊننڊ" کي نهايت پسند آيو. چوڻ لڳو تہ: "ڊوسي بائوٽر" حقيقت ڪري نهايت عمدو مڪان آهي". مسٽر "ٽيمپل" چيس تہ "ورهيہ - بہ اڳي اوهين اها ساڳي جاءِ ڏسو ها، تہ چاٽو ها تہ هي جهنگل آهي، ۽ ماڻهن جي رهڻ جي جاءِ ناهي، پر هنرئيٽا محنت ۽ ڪشالا ڪري هن کي ههڙو ڪيو آهي... انهيءَ هوندي بہ، اسان جو غريبخانو لارڊن جي قلعن ۽ محلاتن سان مَٽ ڪين پوندو -"

"فرڊننڊ" "هنرئيٽا" جي تعريف پئي ڪئي، تہ خود اها پاڻ بہ اچي نڪتي. هن تي نظر پوڻ سان "فرڊننڊ" جي منهن جو رنگ ئي هارجي ويو- هيڏ جهڙو پيلو ٿي ويو- ڇڻ بجليءَ جو اثر سندس سچي بت مان لنگهي ويو. ڏند بہ مـِـڙي ويس، ڳالهائي نتي سگهيو. نيٺ، متا هٽي، ٻاتون ڏيئي، هيترو چيائين تہ "مس ٽيمپل، انهيءَ ڏينهن جي سواري ڪري اوهين ٿڪا هوندؤ" هن ورندي ڏني تہ "نہ نہ، آءٌ بلڪل ڪين ٿڪيس. آءٌ ڏاڍي چابڪ سوار آهيان. اڪثر آءٌ بابي سان گڏجي گهمڻ ويندي آهيان ۽ تمام پري وڃي نڪرندا آهيون".

جڏهن مانيءَ جي ميز تي اچي ويٺا، تڏهن، "هنرئيٽا" جي هوندي، "فرڊننڊ" جي تہ بک ئي لهي ويئي ۽ اشتها ئي مري ويئي، رڳو "ڊوسي" مڪان جي ۽ انهيءَ جي مالڪن جي تعريف پئي ڪيائين. "مس ٽيمپل" چيس تہ "ماني کائي بس ڪئي اٿئون، هلو تہ اوهان کي باغ ۽ آسپاس جي ساوڪ گهمائي ڏيکاريان". پر پڻس چيو تہ "پياري ڌيءَ، ڪئپٽن آرمن هيترو پنڌ ڪري ٿڪجي آيو آهي، ٿورو ساهي کڻڻ ڏينس. تنهن ڪان سواءِ جي پوءِ هليو، تہ بہ بندوق کڻي هلندو ۽ شڪار بہ ڪندو. تو کي خبر ناهي تہ هو وڏو شڪاري آهي! هو رڳو باغ گهمڻ ۽ گلن چونڊڻ ۾ پنهنجو وقت نہ وڃائيندو".

"فرڊننڊ" چيو تہ "سائين، آءٌ سچ ٿو چوان، جهنگ ۾ شڪار ڪرڻ ڪان مون کي باغ ۾ گهمڻ ۽ عجيب غريب گل ڏسڻ زيادہ پسند ايندو آهي، خاص ڪري جڏهن ڪو طبع جي موافق سگتي ملندو آهي".

تنهن تي "مس ٽيمپل" اتي هن کي پاڻ سان وٺي باغ ڏي ويئي ۽ جيڪي عجيب غريب گل اتي گڏ ڪيا هئائين، سي هڪڙو هڪڙو ڪري ڏيکاريائينس.

"فردننڊ" بہ تعريف ڪرڻ مان ڍائو ٿي نٿي: ايتريقدر مبالغو ڪرڻ لڳو، جو "مس ٽيمپل" چيس تہ: "شايد اوهين خوشامد يا مبالغي ڪرڻ تي هريل آهيو!" پر "فردننڊ" چيو تہ: "- نہ اوهان سان. جيڪي آءٌ چوان ٿو، سو سچ ٿو چوان".

هڪڙو گل ڏيکاري، "مس ٽيمپل" چيس تہ: "هي گل ڏسو. اوهان کي حيرت لڳندي ۽ اعتبار بہ ڪين ايندؤ تہ هن کي مون ڪان سواءِ ڪو بيو پاٽي ٿو ڏئي، يا هٿ ٿو لائي، تہ ڪومائجيو وڃي!" تنهن تي "فردننڊ" چيو تہ: "شايد الف ليليٰ جي آڪاٽيءَ وارو ڪو جادو ڪيل شاهزادو هوندو، جنهن کي ڪنهن جادوگر، صورت بدلائي، گل ڪري، پاڻ وٽ رکي ڇڏيو آهي...!"

هن چيو تہ: "جي انهيءَ جي پڪ هجيم، تہ جيڪر ڪا جادوءَ جي لڪڙي هٿ ڪري انهيءَ ويچاري کي پنهنجيءَ اصلوڪيءَ صورت ۾ آڻي آزاد ڪريان!"

"فردننڊ" چيو تہ: "جي اوهين ائين ڪرڻ گهرو، تہ آءٌ جيڪر اها لڪڙي پيجي ڇڏيان، ڇا لاءِ جو اوهان کي جادو ڪرڻ جي لاءِ لڪڙيءَ جي گهرج ئي ڪانهي... اوهان جون اکيون ئي جادوءَ جو اثر پيدا ڪري ٿيون سگهن!"

"مس ٽيمپل" ورندي ڏني تہ: "اوهين تہ ڏاڍا ،منطقي ٿا ڏسجو!"

حوض ۽ ڦوهاري ۽ پکين جي ڏيکارڻ کان پوءِ، جڏهن "فردننڊ" انهن جي تعريف ڪرڻ لڳو، تڏهن "مس ٽيمپل" چيو تہ: "جنهن آرمن" ڏنو هوندو، تنهن جي اڳيان "ڊُوسي" ڪي بہ ڪين آهي- رڳو جهنگل آهي". تنهن تي "فردننڊ"چيو تہ ائين نہ چؤ. ڊُوسي بهشت آهي... جي منهنجو وس پڄي، تہ آءٌ جيڪر ساري عمر هن باغ ۾ گذاريان!" "مس ٽيمپل" چيو تہ: "شايد... هن جادو ڪيل شاهزادي وانگي؟" "فردننڊ" ورندي ڏني تہ "هائو، ائين. آءٌ جيڪر خوشيءَ سان گل ٿي پوان- جي اها پڪ هجيم تہ "مس ٽيمپل" مون کي سنياليندي ۽ هٿن سان پاٽي ڏيندي!"

اتي مسٽر "ٽيمپل" اچي چيو تہ: "هاٿي هلي شڪار ڪجي تہ: چڱو"، تنهن تي سڀ جهنگ ڏي لڙيا. هلڻ مهل "مس ٽيمپل" هڪڙو گل پٽي "فردننڊ" کي ڏنو ۽ چيائين تہ: "ڪالهہ اوهان گلاب جو گل ڏنو هو، انهيءَ جي بدلي ۾ آءٌ تي ڏيان". "فردننڊ"، شڪرگذاري ڪري، وٺي ڪٽي چپن تي رکيو. اتان نڪتو سهي، مگر ظاهر ڪيائين تہ: "هتان نڪرڻ تہ منهنجي دل ئي نٿي چئي، پر جڏهن اوهين زور ڪريو ٿا تڏهن ٿو هلان".

هو شڪار تي ويا سهي، پر "فردِننڊ" بندوق هٿن ۾ اهڙيون چڪون ڪيون ۽ اهڙي ڇتڪائي ڏيکاري، جو شڪار ڪرڻ وارا پٽي ڪليا. پلا، هن ويچاري عاشق جيئڙي جو خيال سچو هو ٻئي پاسي! هن پيانيو تي تہ جيڪي آهي سو "دوسي" ۾- جو هن بهشت يا پرستان يا ڪنهن جادوءَ ڪيل بيٺ وانگي نظر پئي آيو. جيسين "مس ٽيمپل" اکين آڏو هيس يا خيال ۾ هيس ۽ جيسين هن جون منيون ٻوليون ڪنن تي پئي پيس يا ياد پئي آيس، تيسين هن جو ڌيان ٻئي ڪنهن پاسي ڪونہ هو. تنهڪري، جي بندوق هٿن ۾ چڪون ڪيائين يا شڪار ڪرڻ ۾ فتحياب نہ ٿيو، تہ انهيءَ ۾ ڪهڙو عجب آهي!

ڏينهن گذريو. شام جو وڏو ڪانو ٿيو، جنهن تي انهيءَ هنڌ جو هڪ ٻہ سڪر ماڻهو ۽ ليڊي ۽ اُتي جو پادري بہ سڏيو ويو- جو ٻڍو ماڻهو هو ۽ اڳي آرمن جي ڪوٽ ۾ وڏي "سر فردِننڊ" سان گڏ ماني کاڌي هئائين. "فردِننڊ" کي مس "ٽيمپل" جي پرسان سچي پاسي ميز تي جاءِ ملي، تنهن کي هن ۾ چڱيءَ طرح نظر ڪرڻ ۽ هن سان ڳالهين ڪرڻ جو چڱو وجهہ مليو. هر لحظي هن کي پنهنجي محبوب جي هڪڙي نئين خوبي نظر آئي. نيٺ ماني کائي بس ڪيائون ۽ وري اچي ملاقات واري ڪمري ۾ گڏ ٿيا، جتي پڻ "فردِننڊ" هڪڙي ڪوچ تي "مس ٽيمپل" جي پرسان وڃي جاءِ ورتي ۽ انهن سان ڳالهين ڪرڻ ۾ مشغول ٿيو. جيڪو "هنرئيٽا" پئي ڳالهايو، تنهن مان هن کي خوشي پئي حاصل ٿي. هن جي خيال ۾ ائين هو تہ هن اهڙو مٺو آواز اڳي ڪڏهن ڪونہ ٻڌو هو! سڳهوڙئي وري باجي تي اچي گڏ ٿيا، ۽ ڳائڻ وڄائڻ لڳا. واري سان سڀڪنهن کي ائين ڪرڻو پيو. "مس ٽيمپل" کي پهرين ڳائڻو ۽ وڄائڻو پيو. هن جي راڳ ۽ باجي، "فردِننڊ" کي حيران ڪري ڇڏيو. جڏهن وري "فردِننڊ" جو وارو آيو، تڏهن هن پهرين گهڻا ئي عذر ڏنا پر نيٺ هن هڪڙو راڳ ڳايو، جنهن جو مضمون سندس حال وٽان هو. انهيءَ جو سوز ٿوڙي آواز اهڙو عمدو ۽ اثرناڪ هو، جو"هنرئيٽا" جو رنگ ئي هارجي ويو. ٻيا سڀ بہ عجب ۾ پئجي ويا. حقيقت ڪري "فردِننڊ" راڳ ۽ باجي جي هنر ۾ ڏاڍو قابل هو، ويتر هينئر تہ پاڻ عشق جو چيٽ آيل هيس، تنهن هن هيڪاري ڪلُور ڪري وڌو. ظاهري ڪري "مس ٽيمپل" انهيءَ جي تعريف ڪئي، پر انهيءَ مان سندس دل جو مونجهارو معلوم پئي ٿيو. مطلب تہ جيڪي اتي ٿي گذريو- جيڪي

ڳالهايائون، ڳايائون، کليائون- جيڪي ڪيائون. تنهن مان "فرڊننڊ" ۽ "هنرٽيٽا" کي هڪٻئي جي محبت جي خاطري ٿي ويئي ۽ هو هڪٻئي جي عشق ۾ گرفتار ٿي ويا.

جڏهن گهڻي دير ٿي، تڏهن ٻيا مهمان تہ موڪلائي ويا. "فرڊننڊ" کي، گهڻي پنڌ تي وڃڻ ڪري ۽ دير ٿيڻ ڪري، زور ڪيائون" رات اتي رهي پوي. نالي جا عذر ڪيائين. پر نيٺ اها ڳالهہ قبول ڪيائين. انڌو گهري الله کان بہ اکيون - هن جي تہ خدا ٻُڌي! يلا، ساڳئي گهر ۾، ساڳيءَ ڇت هيٺ، پاڻ ۽ سندس محبوب رات گذارين.... انهيءَ کان مٿي ٻي خوشي ڪهڙي هوندي؟ شايد. سمهڻ کان اڳي، چانڊوڪيءَ ۾ اڪيلا، باغ ۾ گهمي ڦري، ڳالهيون ڪري، پوءِ وڃي سمهن. يا صبح جو اُٿي وري ملن ۽ گهمن ڦرن. نيٺ سمهڻ جي مهل آئي. مسٽر "ٽيمپل" هن پنهنجي مهمان کي سندس ڪوٺي ڏيکاري هليو ويو ۽ "فرڊننڊ" اڪيلو ٿيو. پر، محبوب جي خيالن اڪيلو رهڻ نہ ڏنس. ظاهري ڪري، هن جي وڃڻ کان پوءِ چانڊوڪي رات بہ هن جي لاءِ اونداهي هئي. يا نصيب... جڏهن ڪ هيءَ قيامت جهڙي رات گذري، وري صبح ٿئي ۽ هن جو ديدار نصيب ٿئيس! هن کان سواءِ هينئر هن کي هڪڙو پل گذارڻ بہ مشڪل نظر پئي آيو- هڪ هڪ گهڙي هڪ سال هو.

جڏهن خيال پچائي رهيو، تڏهن سمهڻ واريءَ جاءِ جي چڪاس ڪيائين. اهڙي عمدي سينگاريل هئي، جو هن کي وري ٻي حيراني لڳي ويئي ۽ انهيءَ ۾ هن کي پنهنجي محبوب جو هٿ ڏسڻ ۾ آيو. نيٺ ڪوٽ لاٿائين، منجهانئس خبرداريءَ سان اهو گل ڪڍيائين، جو "مس ٽيمپل" باغ ۾ هٿن سان پٽي ڏنو هوس. ويهہ ڀيرا انهيءَ کي چميائين ۽ پوءِ چينيءَ جي ٿانو ۾ پاڻي وجهي، انهيءَ ۾ رکيائينس، تہ صبح تائين تازو رهي. پوءِ رات جا ڪپڙا ڍڪي، پهرين وڃي آرام واري ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ نئين سر خيال پچائڻ لڳو. اهي خيال ڪهڙا هوندا، سي پڙهندڙ آسانيءَ سان سمجهي سگهندا. ڪلاڪ کن کان پوءِ وري اتان اٿيو ۽ جاءِ ۾ پسار ڪرڻ لڳو. آخر وڃي هنڌ تي ليٽيو، پر انهيءَ کان اڳي وري وڃي اُهو گل کنيائين ۽ پنهنجي ڇاتيءَ تي رکيائين. چوڻ لڳو تہ "سهڻا گل، خدا ڪري، آءٌ تنهنجي ڏياڻيءَ کي بہ پنهنجو ڪري، هيئن پنهنجي ڇاتيءَ سان لائيندس!"

ننڍ ۾ تو ڏسي تہ ”هنرئيٽا“ سان گڏ باغ ۾ پيو گهمي! چيلهہ ۾ سندس هٿ آهي، محبت جون ڳالهيون پيا ڪن ۽ هڪ ٻئي کي پيار پيا ڪن... اوچتو ئي اوچتو باغ گم ٿي ويو ۽ انهيءَ هنڌ هڪڙي ديول ظاهر ٿي، جنهن جي وچ ۾ هڪڙو تلهو هو، ان مان باهہ جي چڻنگون نڪرڻ لڳيون، باهہ جي سيڪ ڪان، ”هنرئيٽا“ رومال ڪڍي پنهنجي منهن کي ڍڪيو... ڊپ کان هن اهو رومال ڇڪي لاٿو، تہ ڏسي تہ اهو منهن ”هنرئيٽا“ جو ناهي، پر ”مس گرئنڊيسن جو آهي! اتي ”فرڊننڊ“ ڇرڪ ڀري ننڊ مان جاڳيو. خواب جو اثر اڃا متس اهڙو تازو هو، جو ڀانيائين تہ اها شڪل اڃا سندس اڳيان بيٺي آهي. سندس ماروٽ ۽ مگينڊي، ”ڪنٽرائن“، ڇڻ تہ طعنا پئي هنيس ۽ غمگين ۽ ڪاوڙيل ڏسڻ ۾ ٿي آئي. آهستي آهستي ٿي اها شڪل گم ٿي ويئي ۽ خواب جو اثر پورو ٿيو. پوءِ سهي ڪيائين تہ اهو خواب هو.... تڏهن آرام آيس. مگر آرام ڪهڙو؟ انهيءَ جي تعبير لاءِ هزارين مونجهاري جهڙا خيال دل ۾ اچڻ لڳس. تپ ڏيئي اٿيو. در پٽي ڏٺائين تہ اڃا رات پيئي آهي ۽ تارا پيا ڏسجن. ”ڊوسي“ جي باغ مان فرحت جهڙي هوا ۽ خوشبو پئي آئي. جڏهن خيال ۾ آيس تہ انهيءَ باغ جي مالڪياڻي بہ انهيءَ ساڳيءَ عمارت ۾ ۽ ساڳيءَ ڇت هيٺ ستل آهي، تڏهن ساهہ پٽيائين. سگهو ئي پرهہ ڦٽي، پکين ٻوليون ڪيون ۽ ڏينهن ٿيو.

## باب ڏهون

# ’ڊُوسي بائوئر‘ ۾ ٻيو ڏينهن

صبح جو سندس نوڪر ٽپال مان خط آندا. انهن ۾ هڪڙو خط سندس ماءُ جو هو ۽ ٻيو ”مس گرئنڊيسن“ جو. انهن ۾ چاٽايل هو تہ هو ٻن ڏينهن ۾ ”آرمن“ ۾ ايندا. پنهنجي مگينديءَ جو خط ڏسي، هو ڏڪي ويو- رات وارو خواب وري ياد اچڻ لڳس ۽ هزارين ٻيا خيال بہ انهيءَ سان گڏ ڪاهي آيا. گذريل ڏينهن - رات ۾ جيڪي ٿي گذريو هو، سو وري ياد پيس. پنهنجي پيءُ ماءُ توڙي مگينديءَ جي محبت ۽ پنهنجي خاندان جي عزت ۽ آبرو، سڀ وسري ويس. ”آرمن“ کي ڏٺڻ لڳو ۽ پاڻ کي غلام ۽ قيدي سمجهڻ لڳو. چاتائين تہ ”هنرئيٽا ٽيمپل“ سندس ٿي تہ بہ ڇا ٿيو؟ پاڻ سڄو سڪٽو ۽ قرضي... سگهو ڇرڪو قرض خواهہ دعوائون ڪري ڪورٽ ۾ گهلي ويندس، ۽ وڃي جيل ۾ هٽندس! انهن خيالن ۾ منجهي، موڳو ٿي ويهي رهيو.

نيٺ اٿي سنبري وڏي ڪمري ۾ آيو، جتي ”هنرئيٽا“ ۽ سندس پيءُ اچي گڏيس. انهن جي گفتگوءَ هن کي وري بہ ڪنهن حال ۾ آندو. جڏهن خطن جي مضمون مان هن کي معلوم ٿيو تہ ”فرڊننڊ“ جا مائٽ اچا آيا نہ آهن تڏهن هنن هن کي انهيءَ ڏينهن رهڻ ۽ گهمڻ ۽ شڪار ڪرڻ لاءِ زور ڪيو. نيٺ هو رهي پيو. مسٽر ”ٽيمپل“ کي ٽورڙ لکڻ پڙهڻ جو ڪم هو. سو وڃي پنهنجي ڪتبخاني ۾ وينو ۽ ”هنرئيٽا“ ۽ ”فرڊننڊ“ ٻاهر هوا کائڻ ۽ غريبن جي گهرن گهمڻ لاءِ ويا، جو ”هنرئيٽا“ اڪثر غريب هارين جو حال احوال وٺڻ ويندي هئي. اهو سڀ وقت هنن کي گڏ رهڻ ۽ پاڻ ۾ ڳالهين ڪرڻ جو چڱو وجهہ مليو. ڳالهين ڪندي، جڏهن ”مس ٽيمپل“ سندس لارڊ هئڻ ۽ وڏيءَ جاگير ۽ جائداد رکڻ جي تعريف ڪئي، تڏهن ”فرڊننڊ“ پنهنجو ناراضپو ظاهر ڪيو، جنهن جي سبب پڇڻ تي ”فرڊننڊ“ کي پنهنجي باطني مفلسيءَ ۽ قرضداريءَ جو اشارو ڏيڻو پيو. تنهن تي ”مس ٽيمپل“ دلاسو ڏيئي چيو تہ: ”سچي عزت دولت تي منحصر نہ آهي: جيڪي شريف ۽ چڱي اصل نسل وارا آهن، تن کي ضرور عزت ملندي- دولت کي بہ ڪين آهي. جي ماڻهو جوان هوندو ۽ خوشدل ۽ خوش طبع هوندو، تہ ڏک ۽ مصيبتون هن کي ياد بہ ڪين پونديون، هميشہ خوش پيو

گذاريندو. زماني جي گردش تي ناراض رهڻ نہ گهرجي. اميد آهي تہ غريب ۽ ضعيف خاندان، وري بہ دولتمند ۽ زور واراتي سگهن ٿا".

موٽڻ مهل هنن مانيءَ جي گهنٽي بڌي ۽ جلدي هلڻ لڳا. "هنرئيٽا" "فرڊننڊ" کي چيو تہ: "سگهو ئي ليڊي آرمن موٽي ايندي ۽ اوهين پنهنجن مائٽن سان گڏبؤ. اميد آهي تہ اوهين هنن کي اسان وٽ آڻيندؤ ۽ پوءِ اسان کي بہ اوهان وٽ ملاقات لاءِ اچڻو ٿيندو. منهنجي مرضي آهي تہ اُتي هڪ بہ عجيب تصويرون ڏنيون اٿم، جي آءٌ پنهنجي لاءِ نقل ڪري ڪڍڻ ٿي گهران". تنهن جي جواب ۾ "فرڊننڊ" چيو تہ "اهي وڏن جي هٿن جون خانداني نشانيون ٿي پيئون آهن، نہ تہ جيڪر آءٌ اهي لاهي اوهان کي ڏيئي ڇڏيان... پر بيو بہ هڪڙو رستو آهي، جنهن سان اهي اوهان جون ٿي سگهجن ٿيون!" "مس ٽيمپل" سادگيءَ سان پڇيو تہ: "اهو ڪهڙو رستو؟" هن مرڪي چيو تہ: "خير، ڪو رستو خيال ۾ آيو هو، پر وري دل تان لهي ويو..."

ماني ڪائي، هنن پاڻ ۾ ويهي صحبت ڪئي ۽ ڳاياٿون ۽ وڄاياٿون. مسٽر "ٽيمپل" بہ ساڻن شامل ٿيو. وري شام جو هو گهمڻ ويا ۽ اڳئين ڏينهن وانگي، رات جي ماني کائي، "فرڊننڊ" وري بہ اتي رهي پيو. اها سندس پوئين رات هئي. انهن ٻن ڏينهن ۾ هو هڪٻئي سان تمام گهائل مائل ٿي ويا. هڪٻئي جي طبيعت ۽ گفتگو مان پورا واقف ٿيا ۽ اهي بلڪل موافق ۽ مطابق ڄاتائون.

هيءَ پوئين رات "فرڊننڊ" کي "ڊوسيءَ" ۾ ڪيئن گذري هوندي، تنهن جو پڙهندڙ آسانيءَ سان ويچار ڪري سگهندا. خيال ڪري ڏسن، تہ ننڊ ڪا آئي هونديس؟ جيڪي اڳئين ڏينهن ڏٺو ٻڌو ۽ ڪيو هئائين، تنهن تي پئي خيال پچايائين. هوڏانهن وري سجهيس ٿي تہ ٻئي ڏينهن آرمن ۾- نياڳي آرمن ۾- ويندو، جتي پنهنجي "هنرئيٽا" جو منهن نہ ڏسندو! اتي سندس مائٽن سان گڏ سندس منگيندي بہ رهندي، تنهن سان گذارڻو پوندس. وري جي "آرمن" ۽ ٽيمپل" وارن گهرن جا ياتي پاڻ ۾ گڏيا، تہ "هنرئيٽا" ۽ "ڪئٿرائن" ٻئي گڏ ٿينديون، انهن سان هڪ هنڌ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڪهڙو نہ ڏکيو ٿيندس!

انهن خيالن ڪندي، هنڌ تي پاسا اٿلائيندي ۽ پسار ڪندي، رات گذريس. صبوح جو سوير جهنگ ڏي منهن ڪري هليهو ويو ۽ وڃي ڊنڊ ۾ وهنجڻ لڳو. سج بہ اڀري سنئون ٿيو ۽ ديول جي گهڙيال ست وڄايا. هو ٽي ميل پنڌ جا پري ويو هو. موٽڻ جي مهل هي انتظار هوس تہ متان گهر جا ياتي

سندس ڳولڻ لاءِ منتظر وينا هجن. موٽي جڏهن "ڊوسي بائوئر" کي ويجهو آيو، تڏهن "مس ٽيمپل" منهن ۾ مليس - جا شايد سندس ڳولڻ لاءِ نڪتي هئي. هن جو حال ڏسي، هوءَ حيران ٿي - متو اُگهاڙو، وار کنڊريل، اکيون ڳاڙهيون ۽ اوجاڳيل، دل پريشان ۽ رات جي ڪپڙن ۾! چوڻ لڳيس ته "ڪئپٽن آرمن، ههڙو سوير اٿڻ وارا آهيو ڪيئن؟" هن مونجهاري کان پوءِ جواب ڏنو ته "سچي ڳالهه ته اها آهي ته آءٌ اُٿيو ئي ڪين آهيان - يعني ته آءٌ رات سُتو ئي ڪين آهيان! خبر ناهي ته کهڙي سبب ڪري ننڊ نه آيم- شايد ڪالهوڪي ڏينهن خوشيءَ ۾ گذاريو هوم- سو سوير نڪري ويس ته وڃي تازي هوا کان ۽ ڊنڊ ۾ وهنجان".

"مس ٽيمپل" چيو ته: "مون کي به پوري ننڊ نه آئي، رڳا پئي خواب لڌم. صبح جو اٿي باغ ۾ گهمڻ ويئس ۽ اجهي هيترا گل گڏ ڪيا اٿم!" ائين چئي هڪڙو گل ڪٽي ڏنائينس. هن اهو ورتو ۽ جيڪو گلاب جو گل هن پهرئين ڏينهن ڏنو هوس، سو ڪڍي ڏيکاريائينس. پوءِ چيائينس ته "اها منهنجي لاءِ تمام چڱي سوکڙي آهي. انهيءَ ۾ جو قدر آءٌ ٿو ڄاڻان. اجهو، هي اوهان جو پهريون تحفو به مون وٽ قابو آهي- جيتوڻيڪ ڪومائجي ويو آهي، ته به منهنجي لاءِ اجا تازو ۽ خوشبودار آهي!"

"مس ٽيمپل" چيو ته "هاڻ انهيءَ کي اڇلائي ڇڏ، هي تازو گل انهيءَ جي جاءِ تي رک". هن چيو ته "اهڙو بيعقل ۽ بيحيا آءٌ ڪين ٿيندس... هيءَ دوستيءَ جي نشاني آهي، سا آءٌ ساهه سان سانديندس". "مس ٽيمپل" وري چيو ته "بيشڪ، پاڻ هينئر گهاٽا دوست ٿياسين، نه رڳو آءٌ، پر بابو به اوهان کي گهڻو پسند ٿو ڪري". هن چيو ته "آءٌ انهيءَ مهربانيءَ جو لائق ناهيان، اها اوهان جي ذاتي ڀلائي آهي. مسٽر ٽيمپل حقيقت ڪري عجيب انسان ۽ خوش خلق ماڻهو آهي". هن ورندي ڏني ته "منهنجي هن سان نهايت گهڻي محبت آهي ۽ آءٌ هميشه هن جي تابعداريءَ کي فرض سمجهندي آهيان. مون کي ماءُ ڪانهي، تنهنڪري منهنجي بابي سان اهڙي محبت آهي، جهڙي اوهان جي پنهنجيءَ ماءُ سان هوندي". تنهن تي "فرڊننڊ" چيو ته "آءٌ هميشه خود راءِ رهيو آهيان ۽ آزمودي سان مون کي معلوم ٿيو آهي ته ماءُ پيءُ جي محبت، جا مون کي تمام گهڻي هئي، سا به بيءَ اهڙي قسم جي محبت جي اڳيان ڪي ڪين آهي - يا اهڙي آهي، جهڙي چنڊ جي روشنائي سج جي اڳيان...!"

هن ڪلي چيو ته "ڏسو، بابو مٿان دريءَ مان اسان کي اشارا ڏيو پيو سڏي... هلو ته تڪا هلون".

## باب يارهون

# آرمن ڏي موٽڻ ۽ لڪچوريءَ "ڊوسيءَ" ۾ وڃڻ

"فرڊننڊ" "ڊوسيءَ" مان موڪلائي، "آرمن" ۾ آيو. موٽندي، اهو خيال آيس تہ مسٽر "گلئسٽن بيري"، سندس استاد، جنهن کي پيءُ ڪري ڄاڻندو ۽ سڏيندو هو، سو سندس هيتريءَ بي سبب غيرحاضريءَ ڪري رنج ٿيو هوندو. انهيءَ جي لاءِ دل ۾ ڪوڙا سوڙا عذر پئي ناهيائين، تہ پريان "گلئسٽن بيري" بہ ڏسڻ ۾ آيس. گهوڙي تان لهي، وجي هن کي گڏيو. "فرڊننڊ" اڳي سچائيءَ ۽ صافدليءَ جي لاءِ مشهور هو، پر هينئر عشق پهريون دفعو ڪوڙ ڳالهائڻ سيکاريس. هن کي اهو عذر ڏنائين تہ ڪو جهونو دوست ملي ويو هوم، تنهن ترسائي ڇڏيم. پوءِ پاڻ هميشہ وانگي ڳالهائڻ ۽ گذارڻ لڳا- جيتوڻيڪ اڪثر "فرڊننڊ" اڳينءَ عادت جي برخلاف ڪڏهن ڪڏهن ڏسبو هو. تصويرن بابت ذڪر ڪندي، هڪڙي پيري، "فرڊننڊ" چيو تہ منهنجي مرضي آهي تہ "هنرئيٽا آرمن" جا اڳي اسان جي خاندان ۾ ٿي گذري آهي، تنهن جي تصوير ڪڍي، يا ڪڍائي، ٻين تصويرن سان گڏ جاءِ ۾ ٽنگي ڇڏيان. "گلئسٽن بيريءَ چيو تہ "اها ننڍي هوندي مري ويئي هئي، انهيءَ جي تصوير ملڻ محال آهي". فرڊننڊ چيو تہ "آءٌ انهيءَ کي مرڻ ڪين ڏيندس، اها جيئري جاڳندي، ڪلندي ٽهڪندي، هتي رکڻ تو گهران!" ٻيو ڪو ماڻهو هن جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڄاڻي ها تہ هن جو هوش برابر ناهي، پر گلئسٽن بيريءَ ڄاتو تہ هي ڀرچا ٿو ڪري، يا ڪو باراٽو خيال اچي دل ۾ پيو اٿس.

جڏهن اڪيلو باغ ۾ يا جهنگ ۾ هوا کائڻ ويو، تڏهن، جنهن هنڌ اڳي "هنرئيٽا ٽيمپل" ملي هيس، اهو هنڌ ڏسي، اڳوڻي ڳالهہ ياد ڪري، نئين سر خيال پچائڻ لڳو. اهو هنڌ هن کي بهشت وانگي نظر آيو... پر اها حور ڪانہ هئي! ان کان سواءِ اهو بهشت بہ دوزخ جي برابر هو. وري "ڊوسي" ياد پيس، جو هينئر سچو پچو بهشت هو.

وري جڏهن "گلئسٽن بيريءَ" سان گڏيو، تڏهن راڳ ۽ باجي جو ذڪر نڪتو، جنهن تي بہ "فرڊننڊ" جي دل نہ رهي. چيائين تہ: "مون هڪڙيءَ ليڊيءَ کي نهايت عمدو راڳ ڳائيندو ٻڌو آهي. جي منهنجو وس پڄي، تہ آءٌ راڳ

ڳائي گذران ڪريان. پر پنهنجي مرضيءَ جي برخلاف شادي ڪري سک ۾ گذارڻ پسند نہ ڪريان". انهيءَ بابت گلئسٽن بيري هن سان تورو بحث هلايو- جيتوڻيڪ معلوم نہ ٿي سگهيس تہ اهي اشارا ڪنهن ڏي آهن ۽ اهڙي ذڪر ڇورڻ جو سبب ڪهڙو آهي.

انهيءَ طرح بہ ٽي ڏينهن گذاريائين. خيالن ۾ ڳٽتيـن ڪان آرام ڪونہ هوس. نيٺ سجهيس تہ ٻئي ڏينهن سندس مائٽ ايندا ۽ سندس مڱيندي بہ انهن سان هوندي، پوءِ آءٌ ڪيئن انهن سان گذاريندس؟ پر وري دل ڏاڍي ڪري، چوڻ لڳو تہ: "ڪهڙي حرڪت آهي؟ يلي اڄي... آءٌ ڪو پنهنجي مرضيءَ جي برخلاف هن سان شادي ڪندس ڇا؟ خوشي ماءُ پيءُ جي- جيئن وڻين تيئن گذارين. آءٌ شادي ڪندس، تہ هنرئيٽا ٽيمپل سان! پوءِ جي ٻيو بهتر رستو نظر نہ آيو، تہ هي ملڪ ڇڏي ويندس، وڃي گريس يا اسپين يا امريڪا ۾ رهنداسين. اتي وڃي آءٌ جهازي چورن سان گڏبس، انهن جو مهندار ٿيندس. ڪهڙو شڪ تہ وري بہ ڪو بيٺ يا ملڪ وٺي، اتي جو بادشاهہ ٿي پوان! اڳي تاريخن ۾ اهڙا مثال نہ ٿيا آهن ڇا؟"

اهڙن خيالن ڪان پوءِ، پهريون پيرو هو ڊوڙ ڪري ماني ڪائڻ ۽ چڱي ننڊ ڪرڻ ۽ خوش رهڻ لڳو. دل ۾ آيس تہ سندس مائٽ اچن تنهن ڪان اڳي، هڪڙو پيرو وري بہ پنهنجي محبوب جو منهن ڏسي اچان. سو، هڪدم گهوڙو سنبرائي، سوار ٿي، ٽاٻڙ- ٽاٻڙ ڪندو "ڊوسي باوئر" ڏي هليو. جيتوڻيڪ سج لهڻ تي هو، تہ بہ هن يانيو تہ جهٽ ڪري گهمي ايندس. سگهو ئي اچي اتي نڪتو. پري ڪان گهر ڏسي، خوش ٿيو- جتي پاڻ رهي ويو هو ۽ پنهنجيءَ پياريءَ "هنرئيٽا" سان ڪلي ڳالهائي ويو هو. اُهو باغ، اهي چمن، اهي رستا، جتي هن سان گڏ گهميو هو، سي ڏسي، هن جي دل بهار ٿيڻ لڳي. اتي اونداهي ٿي ۽ تارا نڪري ظاهر ٿيا. گهر جي درين مان بتين جي روشنائي ڏسڻ ۾ پئي آئي. هن گهوڙي تان ٽپ ڏيئي، لهي، گاهہ تي، درين ۾ اکيون وجهي، ويهي رهيو. مناسب نہ ڄاتائين تہ ڪاهي اتي وڃي. اوچتو دريءَ جو پردو پاسي ٿيو ۽ هڪڙي نازڪ ٻانهن ڏسڻ ۾ آيس. هي خوش ٿيو تہ مون ڪي ڏنو اٿس ۽ سگهو ئي لهي مون وٽ ايندي، پر وري جڏهن پردو اچي ويو، تڏهن نااميد ٿيو. پوءِ وري هن جو مٺو آواز سندس ڪن تي پيو،جنهن اڳوڻيون ڳالهيون ياد ڏياريس.

هاڻ ڪيئن ڪري؟ وينو تہ هن کي بلڪل ويجهو هو. فقط ڪي ٿورا قدم هٽا... وچي دريءَ جو پردو پاسي ڪري. جيڪو ٻاجو پٽي وچيو ۽ راڳ پٽي ڳايو سو ٻڌي ۽ هن کي ڏسي! پروري پاڻ کي روڪيائين ۽ پٽ تي هٽي. وٽن ۾ لڪي، اڪيلو ٻيهي، پنهنجي محبوب جي رهڻ جي جاءِ ڏي نهارڻ لڳو.

عشق ڪهڙي نہ عجيب شي آهي! ٻک اُڃ، ننڊ آرام، رات ڏينهن - ڪنهن جي ٻہ هن کي پرواهہ ڪانهي. عاشق ويچارو ابابيل وانگي، هوا تي گذاري سگهي ٿو. محبوب جي باغ جي خوشبوءِ تي جيئرو رهي سگهي ٿو ۽ خيالي بهشت ۾ آرام وني سگهي ٿو. دنيا جي ڏک سک جي ۽ جيڪي اتي هلي ٿو تنهن جي، ڪا بہ يادگيري ڪانہ اٿس. ڪهڙيون بہ سخت مصيبتون اچي ڪڙڪن- زمين ڏُبي، طوفان اچي، مرض پکڙي، هزارين جانيون تلف ٿين - تہ بہ هن کي پرواهہ ڪانهي. هن کي پرواهہ فقط پنهنجي محبوب جي آهي: جي اهو ساڻ آهي. تہ هن وٽ سڀ ڪجهہ موجود آهي، اگرچ مفلس هجي ۽ جي اهو ناهي، تہ هو سچو سکڻو آهي، پوءِ ڀلي وڏي دولت ۽ اقبال وارو هجي. عاشق ويچارو دنيا ۾ ائين هلي ٿو، جيئن ڪو ماڻهو ننڊ ۾ يا اٽاٽي ۾ هلي. هن جون اکيون ظاهري طرح پٽيل آهن، پر ڏسي ڪي بہ ڪين ٿو- ڏسي رڳو باطني اکين سان ٿو ۽ رڳا خيالي ڏيک.

"فرزند آرمن" جو بہ اهو حال هو اها ساري رات هن "ڊوسيءَ" ۾ اڪيلي وٽن ۾ گذاري. رات گذري، پرهہ ڦٽي، پکين ٻوليون ڪيون... ذري ڪان پوءِ هي ظاهر ٿيندو! هاڻ ڪيئن ڪري، ڪيڏي وڃي؟ "آرمن" ڏي وڃي؟.... پر ساهہ "ڊوسيءَ ۾" ڇڏي، رڳو بت وني وڃي! محبوب جي دريءَ جي روشنائي، جنهن ۾ هو ساري رات اهڙيءَ طرح اکيون وجهيو وينو هو، جهڙيءَ طرح جهاز وارا روشنائيءَ جي مناري جي بتي پيا ڏسندا آهن. سا ڇڏي، هو ٻئي پاسي هليو وڃي؟ پر جي نہ وڃي، تہ ڀلي اهڙي حال اتي ڏسڻ ۾ اچي! لاچار، جڏهن روز روشن ٿيڻ لڳو، تڏهن گهوڙي تي چڙهي، جهنگ ڏيئي، هڪڙيءَ پاڻيءَ جي نهر تي آيو. اتي لهي، منهن ڌوئي، تازو ٿي، وري چڙهيو ۽ پري ڪان هڪڙي ڪڙميءَ جو گهر ۽ پاڻدو ڏسڻ ۾ آيس، اوڏي رخ رکيائين.

ڪڙميءَ جي زال هڪڙي سڪر ماڻهوءَ کي اتي ڏسي هن کي مسافر ڄاتو ۽ چاءِ ۽ ناشتو آڇيائينس. "فرزند" اها آڇ شڪر گذاريءَ سان قبول ڪئي ۽ لهي

پيو. سوچاري چڱي ماني آٽي اڳيان رکيائونس جا کائي خوش ٿيو. پوءِ هڪڙي بينچ تي ليٽي پيو تہ ٿورو هڏ ساهي. اوجاڳي جي ڪري ننڊ ڪٽي ويس. ڪن ڪلاڪن کان پوءِ جاڳيو - بہ پهر لڙي ويا هئا. ڪاڏي ۾ آرام ملڻ ڪري هن جو بت البت تازو ۾ هلڪو ٿيو. اٿيو تہ هڪڙو مزي جهڙو گلدستو رکيل ڏٺائين، جو هن ڄاتو تہ ڪڙميءَ جي زال يا سندس خوبصورت ڌيءَ شايد رکي ويئي آهي. اهو ڏسي خوش ٿيو ۽ "ڊوسيءَ" جو باغ ياد پوڻ لڳس. ڪڙمي ۽ سندس زال ٻاهر ويل هئا. سندن ڌيءَ حاضر هئي، تنهن وٽ پنهنجي شڪر گذاري ظاهر ڪري، موڪلائي فرڊننڊ اتان روانو ٿيو.

---

## باب ٻارهون

# عشق جو اظهار

وچئين وچئين ڏاري "ڪئپٽن آرمن" همت جهلي "ڊوسي ٻاوئر" ۾ ويو. "مسٽر ٽيمپل" جي پڇا ڪيائين نوڪر چيس تہ "صاحب ڪالهہ صبح جو سڪاٽلنڊ ڏي ويو آهي، باقي مسي بابا گهر آهي". سگهو ئي اطلاع ڏني ڪان پوءِ، "فرڊننڊ" اندر ويو. وجهہ تہ چڱو مليس، انهيءَ لاءِ تہ اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي اندر جو حال ظاهر ڪري، پر همت جهلي نہ پئي سگهيو. هن سان پوري واقفيت نہ هيس. خبر نہ هيس تہ متان اڳي ڪنهن سان مڱيل هجي، يا سنديس مرضي ڪنهن ٻي طرح جي هجي. دل ۾ ويني خيال پچايائين ۽ نهراءُ ڪيائين، تہ هينئر تہ نہ باقي ٻئي وقت وجهہ وٺي ذڪر ڇوريندس، تہ اوچتو در ڪليو ۽ "مس ٽيمپل" لنگهي آئي - هن جو ٻرندڙ ۽ مرڪندڙ منهن ڏسي، سر نو هن جي اندر ۾ عشق جاڳيو- هن ائين ٿي ڄاتو تہ ڪا وڏي راڻي اچي متان بيٺي آهي.

خوش خير عافيت ڪرڻ ڪان پوءِ، "هنرئيتا" سندس شڪر گذاري ڪئي، جو ڪيس اڪيلائي ۾ ڏسڻ آيو هو. پيءُ جو ٻڌايائينس تہ اوچتو ٻاهر ويو آهي ۽ سندس مائٽن جو حال پڇيائينس هن چيس تہ اجا ڪين آيا آهن. وري پڇيائينس تہ "اوهين گهوڙي تي چڙهي آيا آهيو ڪيئن؟" "فرڊننڊ" ورندي ڏني تہ "نہ". وري پڇيائينس تہ "تڏهن پنڌ ڪري آيا آهيو؟" هن چيو تہ "خبر ناهي تہ ڪيئن هتي آيو آهيان. پانيان تو تہ پنڌ ڪري آيو آهيان". تنهن تي "مس ٽيمپل" چيو تہ "اوهين ٿڪا هوندؤ. ويٺا چو آهيو، ويهو".

"فرڊننڊ" ويٺو. هن چيو تہ "ڪي ڪائيندؤ يا پيئندؤ" هن اگرچ معافي گهري تہ بہ هُن نوڪر ڪي حڪم ڏنو تہ ماني ڪٽي اچ. "فرڊننڊ"، "مس ٽيمپل" ڪان پڇيو تہ "اوهين بہ ٻاهر ويا هئو ڪيئن؟" هن چيو تہ "مون ٻاهر وڃڻ جو پي خيال ڪيو، پر چڱو ٿيو، جو اوهين آيؤ. مون اڳي ئي ڪو بهانو پي ڳوليو تہ نہ وڃان".

ڪلاڪ ڪن تائين هنن لهواريون اوپاريون ڳالهيون ڪيون، پر ظاهر هو تہ ٻئي هميشہ واري خوش طبعي ۽ خوشدليءَ جي حالت ۾ نہ هئا. گهڻو وقت ماٺ ڪري پوءِ تي ڪو هڪ بہ جملو ڳالهايائون. انهيءَ وچ ۾ "مس ٽيمپل" پنهنجي ٽپڙي ڪٽي، سئيءَ جو ڪم بہ ويهي ڪرڻ لڳي ۽ ڳالهائيندي بہ رهي. جڏهن

”فردننڊ“ چيو تہ ”آءٌ نڪمو وينو آهيان - هليو وڃان يا ڪنهن طرح ڪمائتو ٿيان“. تڏهن هن هڪڙي سٺ جي پيچڪ جهلڻ لاءِ ڏنيس، جنهن تان ٻاڻ ڏاڳو چڪي ٿي لاٿائين. چيائينس تہ ”ڪئپٽن آرمن“ مات ڪري ويهڻ ڪان وري بہ ڪي ڪجهہ ڪرڻ چڱو آهي، سست رهڻ ڪري ماٺهو ملول ۽ منجهيل ٿو رهي- هن چيو تہ ”جي ههڙو ڪم آءٌ ڏهاڙي ڪري سگهان تہ جيڪر ڏاڍو خوش گذاريان.“ ”مس ٽيمپل“ چيو تہ ”خير گهرو - اهو تہ زنانو ڪم آهي - اوهين ڪو مردانو ڪم ڪريو تہ چڱو. ڇو نٿا ڪوشش ڪري پارليامينٽ ۾ گهڙو“. ”فردننڊ“ چيو تہ ”اوهان کي خبر ڪانهي، تہ آءٌ ڪئٿولڪ آهيان، نہ پراٽسٽنٽ“. اتي ”مس ٽيمپل“ جو منهن ڳاڙهو ٿي ويو ۽ ٻي ڳالهہ ڇورڻ لڳي، پر، ”فردننڊ“، انهي جي پڇر نہ ڇڏي ۽ ڇوڻ لڳو تہ ”مون کي اميد آهي، تہ منهنجي ڪئٿولڪ هئڻ ڪري اوهين رنج تہ ڪين ٿا ٿيو؟“، هن چيو تہ ”رنج! مذهب جي ڪري آءٌ رنج ڇو ٿينديس: دل جو ويساهہ، دل جي خواهش ۽ خوشيءَ سان گڏجڻ نہ گهرجي - هو پنهنجي جاءِ چڱو ۽ هو پنهنجي“. ”فرڊ ننڊ“، مرڪي چيو تہ ”منهنجي پڙ ڏاڏي مارگريٽ آرمن پراٽسنٽ هئي“. هن چيو تہ ”مارگريٽ“ چڱو نالو آهي“. تڏهن ”فردننڊ“ چيو تہ ”مون کي سو نٿو وڻي. ”هنرئيٽا آرمن“ نالو هجي ها تہ وڻي ها، پر اسان جي گهراڻي ۾ هڪڙي ”هنرئيٽا آرمن“ بہ هئي؟“ هن چيو تہ سچ پچ هئي. پر هاڻ منهنجو سٺ پورو ٿيو - اوهان گهڻي تڪليف ڪئي - هاڻ آءٌ وڃي پنهنجن گلن جي سنڀال ڪريان. ايندؤ؟“ ائين چئي هن ”فردننڊ“ ڏي نهاريو، جو هن جون مارينڊڙ اکيون ڏسي ۽ ساهہ وجهندڙ آواز ٻڌي، ٽپ ڏئي اُٿيو ۽ هن سان گڏجي باغ ۾ ويو. اتان گهمندي لنگهي پرتي ساوڪ پرئي ميدان تي ٿيا. جو پاسي واري ٽڪريءَ تائين ٿي ويو. سج لهڻ تي هو. شفق جا خوبصورت رنگ لحظي بلحظي پي بدليا - آسمان تورڙي زمين جو نماءُ ڏاڍو راحت ڏيندڙ هو - اڪيلائيءَ ۾ ٿي اهو وقت ماڻهوءَ جي دل تي جادوءَ جهڙو اثر پيدا ڪرڻ جهڙو آهي، هتي تہ ”فردننڊ“ سان هڪڙي ٻي خوبصورت جادوءَ جي اثر واري جوان زال هئي، تنهن هن جي دل اصل موهي وڌي - دل جي سڪ ۽ ڇڪ کي روڪي نہ سگهيو - آهستي آهستي هن جو هٿ ورتي، ڪنڌ نوڙائي چوڻ لڳس تہ ”نهايت حسين نازنين، تنهنجي محبت مون کي ماري وڌو آهي“،

انهن تورن لفظن واتان ڪيڻ ڪري هن جي دل تان گهڻو بار اوچتو لهي هلڪو تي پيو ۽ هينئر ڏاڍي شوق ۽ ذوق مان محبت جا لفظ سندس وات مان ٻاٽيءَ وانگي وهڻ لڳا. وڏيڪ چوڻ لڳو تہ "خوبصورت، پياري "هنرئيٽا"، آءٌ پنهنجي دل جي شوق کي روڪي نٿو سگهان. جنهن وقت منهنجي نظر توتي پيئي، انهيءَ وقت کان وني منهنجي دل تو وٽ قابو تي آهي. آءٌ نہ رڳو توکي پيار تو ڪريان، پر تنهنجي پرستش تو ڪريان - مهربان ليڊي، مون کي بيحيا نہ ڄاڻ. برابر آءٌ تنهنجو لائق ناهيان، تڏهن بہ پلاٽي ڪري تون مون کي پيار ڪرڻ جي موڪل ڏي. جي منهنجي دل قبول پئي سگهي - جي اهو ڪين جهڙو نذرانو محبت جي بدلي ۾ قبول پئي سگهي تہ آءٌ عمر تائين غلام تي گذاريندس - جي رڳو مون کي اميد تي سگهي ... "پر، "مس ٽيمپل"، پياري "هنرئيٽا"، تون ڳالهائين نٿي - ڇڙي آهين ڇا؟ متان مون پنهنجي حد ۽ درجي کان وڌيڪ جرات ڪئي آهي؟ جي مون کو قصور يا ڪا بي ادبي ڪئي آهي تہ مون کي معاف ڪر". پياري ليڊي، تنهنجي حسن جي تابش ۽ جادوءَ جهڙي اثر کان، جي مون بيوس تي، اهڙي گستاخي ڪئي، تہ مون کي معاف ڪر. مون کي چوءُ تہ انهيءَ ڪري تون مون کي ڌڪارين نہ تي، تہ آءٌ ماٺ ڪندس. انهيءَ ڪري مون کي پنهنجي در تان لوڏي نہ ڪڍ پنهنجيءَ دوستيءَ ۽ صحبت کان نااميد نہ ڪر- ساهہ کان پياري "هنرئيٽا، مون تي قياس ڪر. مون تي رحم ڪر. جيڪڏهن توکي خبر پوي، تہ تنهنجي محبت ۾ مون ڪيترا عذاب سٺا آهن، ڪيتريون راتيون اوجاڳي ۾ گذاريون آهن ۽ ڪيترا ڏينهن بي آرام لنگهايا اٿم ۽ رڳو تنهنجي خيالي صورت ۽ اميد ۽ آسري تي پي جيو آهيان، تہ جيڪر ضرور مون کي معاف ڪرين ۽ مون تي قياس ڪرين: ٻڌاءِ تہ جي تون اهڙي خوبصورت آهين تہ اهو منهنجي ڏوهہ آهي ڇا - جي تنهنجا نيڻ من موهيندڙ ۽ کهندڙ آهن تہ اهو منهنجو قصور آهي ڇا - ؟ جي تنهنجي مٺي ٻولي منهنجو هوش عقل کسي وٺندڙ آهي، تہ منهنجو ڪهڙو وس... او "هنرئيٽا"، مون تي رحم ڪر".

اتي هن بس ڪئي، پر، "هنرئيٽا" کو بہ جواب ڪونہ ڏس. هن جو ڳل لڙي وجي، "فرڊ ننڊ" جي ڪلهي تي لڳو ۽ سندس هٿ، جو هن جي هٿ ۾ هو، تنهن سان ٿورو زور ڏئي هٿ ڪڍي ورتائين. انهيءَ سندس بدران گهڻو ئي ڪي

جواب ۾ ڳالهايو، جنهنڪري هن جي دل کي گهٽو ڏيڻ آيو. انهيءَ تي همتائجي هن ڪٽي پاڪر وڌس ۽ سندس سرد چپن تي ٻرٻرندي چمي ڏنائين ۽ قسم کٽي پنهنجي سچي ۽ جٺاءَ ڪندڙ محبت جي خاطري ڏنائينس، پوءِ وني هڪڙي پهڻ تي وجي وهاريائينس. تڏهن ٻه هن اجا ڪجهو ئي ڪين، پر سندس هٿ وري ٻه هن جي هٿ ۾ هو ۽ سندس مٿو هن جي ڇاتيءَ تي هو. اتي چنڊ ٻه ڪني ڪڏي ۽ انهيءَ جي روشنائي ٻه هنن تي پوڻ لڳي. انهيءَ مهل "فرڊ ننڊ آرمن" جي دل جي خوشي ۽ سرهائيءَ جي ڪا ٻه حد ڪانه هئي. ڪپتن ۾ ئي نه تي ماپيو ۽ "هنرئيتا ٽيمپل" سا تہ رات جي تڏي هير لڳڻ ڪري پي ڏڪي، جيتوڻيڪ ايتري سردي ٻه ڪانه هئي. اتي ديول جي ڪلاڪ ڏهه وڄايا ۽ هن چيو تہ "فرڊ ننڊ هاڻ گهر هلڻ گهرجي"

---

## باب تيرهون

# ٻنهي جي محبت جو مقابلو

اڌ رات ڌاري "فرڊيننڊ" اچي آرمن جي قلعي ۾ پهتو ۽ پنهنجي جاءِ ۾ اچي هنڌ تي ليٽيو. گهڻائي خيال، گذريل توڙي ايندي وقت جا، دل ۾ آيس، جن البت دل ۾ مونجهارو پيدا ڪيس، پر جڏهن هو هينئر فتحياب عاشق هو، تڏهن فڪر سڀ وسري ويس ۽ بيحد خوشي دل ۾ پيدا ٿيس - پنهنجي محبوب جو رومال، جو آندو هئائين، سو ڪڍي انهيءَ کي هزارين چميون ڏئي مٿي ڪري سمهي پيو ۽ مٺي ننڊ وٺي ويس.

صبح جو دير پرو اٿيو. وري نئين سر ڳڻتي ٿيس ته متان سندس مائٽ، خاص سندس مڱيندي، انهيءَ ڏينهن اچي نڪري. پر، جڏهن اڳيئن ڏينهن جي آيل ٽپال مليس ۽ پڙهيائين، تڏهن خوش ٿيو. سندس ماءُ ۽ سندس مڱينديءَ لکيو هوس ته "سندس ماسيءَ جي بيماريءَ سبب ٻه ڏينهن اچا ٻه نه اچي سگهندا". گهڻن خيالن کان پوءِ پڪو نهراءُ ڪيائين ته نيٺ هو ٻن چئن ڏينهن ۾ ايندا، تنهن کان بهتر آهي ته اهڙي ڪا تجويز ڪجي، جنهنڪري ڪي ڏينهن ته جند ڇڏائي هن نئين عشق جون لذتون وٺان. پنهنجي ماءُ ۽ مڱينديءَ ڏي خط لکيائين ته "مون اوهان جي لاءِ گهڻو ئي انتظار ڪيو، پر اوهين نه آيؤ. مون کي ڪن تورن ڏينهن لاءِ پنهنجي نوڪريءَ جي نسبت ۾ لنڊن وڃڻو آهي، تنهنڪري ڪن ڏينهن تائين ملي ڪين سگهنداسين. "مس گرئنڊيسن" ڏي خاص طرح لکيائين ته تيسين تون "باٿ" ۾ رهي پئي هُججئين، آءٌ پاڻيهي لنڊن مان تو وٽ ايندس. هنن ڏي ائين لکي، پاڻ ارادو ڪيائين ته "ڊوسي" جي ويجهو جنهن ڪڙميءَ جي گهر ۾ اڳي وڃي رهيو هو ۽ معرفت پيدا ڪئي هئائين، اتي في الحال وڃي رهي، جتان اوير سوير پنهنجي محبوب کي ملندو رهي. هڪڙو اٽليءَ جو ماڻهو وٽس نوڪر هو، سو پنهنجو حال - يائي ڪيائين، انهيءَ کي سمجهائي ڇڏيائين ته جيڪا ٽپال سندس نالي اچي، سا لڪايو ڪيس اتي ڪڙميءَ جي گهر پهچايو وڃي. ٻڍي "گلئسٽن بيريءَ" کي ٻه پنهنجي لنڊن وڃڻ جي ضرورت جو عذر ڏيئي ڇڏيائين.

”فردننڊ“ جو حال تہ ٻڌوَ، هاڻ ”هنرئيٽا ٽيمپل“ جو حال ٻڌو. گذريءَ ملاقات کان پوءِ هن جي دل جي حالت ٻي ٿي پيئي. راڳ ۽ باجو تـوڙي گل ۽ پکي، جن سان ايتري محبت هيس، سي سڀ هاڻ وسري ويس. ڳڻتي هينئر اها هيس تہ ”فـرڊ ننڊ“ جلد اچي، تہ ويهي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪريون. جهڙيءَ طرح ”فـرڊ ننـڊ“ کـي پنهنجي ماءُ پيءُ جي محبت توڙي پنهنجي مگيندي اصل وسري ويئي ۽ هڪڙي ٻئي نئين ماڻهوءَ جي محبت هن جي دل ۾ جاءِ ونـي ويهي رهي، تهڙيءَ طـرح ”هنرئيٽا“ کي پنهنجي پيءُ جي محبت، جا حد کان زيادهہ هوندي هئي، سا جهٽ ۾ گهٽجي ويئي ۽ ٻئي ڏينهن هڪڙي ڌارئين ماڻهوءَ جي محبت دل ۾ کُـپي ويئي. انهيءَ جو اثر پاڻ بہ سهي ڪري سگهـي، پر هيءَ ڳالهہ سندس وس کان ٻاهر هئي. هن ۾ سندس ڪو بہ قصور ڪونہ هو. سندس محبت ”فرڊ ننڊ“ ڏي نهايت اُونهي ۽ سچي هئي. هن کي نهايت عمدو انسان ۽ لياقت وارو ٿي ڄاتائين ۽ پاڻ کي هن جي بنسبت ڪي ڪين ٿي ڄاتائين. انهيءَ حيرانيءَ ۾ هئي تہ ڪهڙيءَ طرح ههڙي ماڻهوءَ کيس پسند ڪيو آهي... انهيءَ ڪري پاڻ کي ڏاڍو خوش نصيب ٿي سمجهيائين. هن جو شوق دل ۾ ايتري قـدر ٽيڻ لڳس، جـو ڄاتائين تہ اهڙي من - موهيندڙ ساٿيءَ کان ڌار حياتي گذاري نہ سگهنديس، بلڪ هڪ لحظو بہ هن کان پري رهڻ مشڪل نظر آيس: مطلب تہ جيڪو هينئر خيال هوس سو ”فرڊ ننڊ“ جو ۽ هن جي گڏجڻ ۽ هن سان ڳالهائڻ جو.

انهيءَ خيال ۾ ويٺي هئي تہ پنهنجي جاءِ جي دريءَ جي ٻاهران کڙڪو ٻڌائين. حيرانيءَ ۾ هئي تہ ڇا آهي، تہ اوچتو ”فردننڊ“ اچي سندس هٿ ونـي پنهنجن چپن تي رکيو. هيستائين هن جي اچڻ لاءِ منتظر ۽ حيران پريشان هئي، ۽ هاڻ جڏهن هو اچي حاضر ٿيو، تڏهن حجاب کان ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهي.

”فردننڊ“ چوڻ لڳو تہ ”خوبصورت هنرئيٽا، مون ائين ٿي ڄاتو تہ پاڻ وري ڪڏهن ڪين گڏباسين، پر خدا ڪٽي وري جلد ملايو“. ”هنرئيٽا“ مشڪلات سان اکيون مٿي ڪري، چيو تہ ”منهنجا ”فردننڊ“ آءٌ اهڙي خوش آهيان جو ڳالهائي نٿي سگهان!“ هُن وري چيو تہ ”پياري، ٻڌاءِ تہ سهي تہ توکي ڪو منهنجو خيال هو؟ تو پنهنجو ڪو رومال سنڀاليو، جو آءٌ چوري ڪري ڪٽي ويو هوس؟... سڄي رات پنهنجي ڇاتيءَ تي، پنهنجي دل تي، رکي ستو پيو هوس!“ هن چيو تہ ”مون کي پنهنجو رومال ڏي. سچي پچي تون اهو پنهنجيءَ دل تـي رکي ستو

هئين!" "فردننڊ" چيو تہ "پنهنجي دل" نہ چئو، "منهنجي دل" چئو... اها دل توکي آئي، تنهنجي آهي! مون کي پنهنجو هٿ وري ڏي - آءُ اهو کين چڏيندس... کهڙو نہ نرم ۽ خوبصورت هٿ آهي!" هن چيو تہ "پيارا "فردننڊ"، تنهنجو هٿ بہ اهڙو ئي نرم ۽ نازڪ آهي". "فردننڊ" چيو تہ پياري، توکي خبر ناهي تہ منهنجي محبت توسان ڪيتريقدر آهي: هزارين پتي بہ آءُ اُها تو وٽ ظاهر ڪري نہ سگهيو آهيان!"

انهيءَ طرح، محبت جون ڳالهيون ڪندا ۽ هڪٻئي کي پيار ڏيندا، هو باغ ۾ ويا. اڳي انهيءَ هنڌ مليا هئا، تنهن بابت پاڻ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳا. باغ مان گهمندي، وري ٻيلي ۾ جهنگ ڏي گهمڻ ويا. هر هڪ قدم تي، هر هڪ ساعت ۾، هو هڪٻئي کي پنهنجيءَ محبت جي گهٽائيءَ ۽ سچائيءَ جون نشانيون ڏيکارڻ ۽ خاطري ڏيڻ لڳا. ڏسڻ شرط پهريندي هنن جي دل ۾ جيڪا هڪٻئي ڏي ڪشش پيدا ٿي هئي، سا ياد ڪري، هينئر هو انهيءَ جي سچي ڪرڻ لڳا.

ڳالهين ۾ گهٽو پنڌ ڪري ويا ۽ ٿڪجي پيا، تنهنڪري هڪڙي هنڌ گاهہ واريءَ جاءِ تي ويهي رهيا. اجا بہ هنن جا قصا ڪنڻ جا ئي نہ هئا. اُتي، ڳالهين ڪندي، "هنرئيٽا" ٻڌايس تہ اڳئينءَ رات جڏهن هو هن ڪڙميءَ جي گهر ستل هو، تڏهن پاڻ اتي گهمڻ آئي هئي ۽ ڪيس ستل ڏسي، گلدستو سندس هنڌ تي ڇڏي ويئي هئي- اهو گلدستو هو، جو هن جاڳڻ مهل سمجهيو هو تہ ڪڙميءَ جي زال ياڏيءَ رکيو آهي. هيءَ نئين محبت جي نشاني معلوم ڪري، "فردننڊ" جي محبت "هنرئيٽا" لاءِ پاڻ زيادهہ ٿي.

اتي ويني، محبت جون ڳالهيون ڪندي، هنن کي سج لهي ويو. پوءِ اُتي "ڊوسيءَ" ڏي هلڻ لڳا. انهيءَ کي ويجهو جڏهن آيا، تڏهن هڪٻئي کان موڪلائڻ لڳا. اها موڪلائي ڏاڍي درد پري هئي. "فردننڊ" چوڻ لڳس تہ "ساهہ کان پياري هنرئيٽا، نيٺ هينئر جدا ٿينداسين ڪيئن؟ تو کان پري آءُ ڪيئن جيئرو رهي سگهندس! تنهنجن نوڪرن مان هڪڙو هجان ها تہ چڱو هو - من انهيءَ ساڳئي گهر ۾، انهيءَ ساڳيءَ ڇت هيٺ، رهيو پيو هجان ها، من تنهنجي گهنٽي ٻڌي، ذري ذري ڊوڙي تو وٽ اچان ها، تنهنجي مٺي ٻولي ٻڌان ها ۽ منو منهن ڏسان ها! جيڪڏهن مسٽر "ٽيمپل" هتي هجي ها تہ چڱو هو، جو آءُ زور

ڪري بہ هتي مهمان ٿي رهي سگهان ها". "هنرئيٽا" چيس تہ "بابي جي ڳالهہ ياد نہ ڏيار، تون رڳو پنهنجو ذڪر ڀيو ڪر. پر هاڻ بهتر آهي تہ پاڻ جدا ٿيون... حياتي آهي تہ وري سياڻي گڏباسين. خدا تو کي خوش رکي، سلامت رکي!" انهيءَ تي "فردننڊ" ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو، پر هن دلاسو ڏڙو ڪري روانو ڪيس. چيائينس تہ سياڻي سوير گڏباسين ۽ گڏجي ناشتو ڪائينداسين". پوءِ هڪٻئي کي پيار ڪري، وقت جي لاءِ، هو ڌار ٿيا. "هنرئيٽا" پڪو انجام ڏنس تہ "سياڻي صبح سوير آءٌ گهمندي انهيءَ ڪڙميءَ جي گهر تائين ايندس ۽ پوءِ اتي گڏجي ماني ڪائينداسين". انهيءَ انجام ۽ دلاسي هن جا جدائي جا عذاب گم ڪري ڇڏيا، پوءِ بہ "هنرئيٽا" هن کي اتي ڇڏي هلي ويئي. جو ڄاتائين تہ هو اُتان ڇُرڻ وارو ناهي.

---

## باب چوڏهون

# آئيندي لاءِ رٿ

اها جدائيءَ جي رات انهن ٻنهي محبت وارن کي ڪيئن گذري، سا پڙهندڙن کي آسانيءَ سان معلوم ٿي سگهندي. هنن ٿي سمجهيو ته الائجي سياڻو ڪڏهن ٿيندو. ٻهرين ته ڪڙميءَ جي گهر موٽڻ کان اڳي "فرڊننڊ" ٻچ ٿائين "مس ٽيمپل" جي دريءَ جي روشنائيءَ ۾ اکيون وجهيو بيٺو هو. نيٺ جڏهن بتي اُجهاڻي، تڏهن هليو ويو. ٻنهي ڄڻين ڏکي سکي رات گذاريائين. نيٺ صبح آيو. ڪالهوڪيون خوشيون ياد پيس ۽ آئيندي جي خوشين جي اميد ٿيس. پر، تڏهن به، اها ڳڻتي هيس ته "هنرئيٽا" الائجي انجام موجب ايندي يا نه ۽ ڪڏهن ايندي. ڪڙميءَ واري جاءِ ڇڏي، "ڊوسيءَ" وارو رستو وٺي هلڻ لڳو. پري کان ڪنهن گاڏيءَ جي ڦيٿن جو آواز ٻڌائين. ڀانيائين ته "هنرئيٽا" جي گاڏي آهي. آواز ويجهو ٿيندو ويو. نيٺ هڪڙو زميندار گاڏيءَ تي چڙهي اچي لنگهيو. "فرڊننڊ" ڏاڍو نااميد ٿيو... ته به آهستي آهستي ويو اڳي رڙهندو. انتظار اهو هوس ته الائجي هوءَ ايندي يا نه. گهڻئي شڪ پوڻ لڳس - "شايد پڻس اوچتو موٽي آيو آهي، يا پاڻ بيمار ٿي پئي آهي!" هڪڙي هنڌ بيهي، ويچار ڪرڻ لڳو ته هن جي نه اچڻ جو ڪهڙو سبب هوندو ۽ هاڻ ڇا ڪريان. "سندس دل ته ڦري نه ويئي هوندي، ڪو ٻيو خيال ته نه آيو هوندس، پڻس ته نه ڪاوڙيو هوندو، جي ائين هوندو ته پوءِ سندس ڪهڙو حال ٿيندو!" هڪڙي وڻ هيٺ ويهي، گوڏن تي مٿو رکي، خيال پچائڻ لڳو. ته اوچتو "هنرئيٽا" پنهنجيءَ ننڍڙيءَ گاڏيءَ ۾ اڪيلي ئي اڪيلي اچي مٿان بيني ۽ مُرڪڻ لڳي. هيءُ ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ جهٽ ۾ سندس پاسو وڃي ورتائين. سڀ مونجهارو لحظي ۾ لهي ويس. هُن هٿ ڏيئي مٿي چاڙهيس ۽ سگهو ئي ٻئي ڄڻا ڪڙميءَ جي گهر اچي پهتا.

ڪڙميءَ جي زال هنن کي گڏ ڏسي خوش به ٿي، حيران به ٿي. "هنرئيٽا" گهر ۾ گهڙي ۽ اُتي جي ٻار ٻچي کي ملي خوش خير عافيت ڪيائين. "فرڊننڊ" کي چوڻ لڳي ته "تو کي وسري ويو آهي ته پاڻ کي اڄ هتي گڏ ناشتو ڪائڻو آهي!" سگهو ئي ناشتو آيو ۽ ٻئي وڻن هيٺ گلن جي وچ ۾ ويهي ماني کائڻ لڳا. ڳالهين ڪندي، "هنرئيٽا" چيس ته "اڄ منهنجي دل ۾ هڪڙي چڱي رٿ

آئي آهي، جا ٻڌي تون خوش ٿيندين: منهنجي مرضي آهي تہ تون هن گاڏيءَ تي مون کي آرمن وٽي هلين!"

هي ٻڌي "فرڊننڊ" ڇرڪ ڀريو. جو ڄاڻائين تہ "گلئسٽن بيري" اتي آهي، اُهو ڄا چوندو. هن سندس دل جو مونجهارو سهي ڪيو. لاچار هلڻ قبول ڪيائين، پر چيائين تہ "جيڪا لذت هاڻ مون کي ڊوسيءَ مان ٿي اچي، سا آرمن مان نٿي اچي" هن جو مونجهارو معلوم ڪري، "هنرئيٽا" دلاسو ڏنس تہ "تون پنهنجي حال جو گهڻو فڪر نہ ڪر. خدا تي رک. خدا ڪندو تہ اسان جي قسمت چڱي ٿيندي ۽ آئيندي گهڻو سک ڏسنداسين". هيءَ پيشگوئي ٻڌي، "فرڊننڊ" جا سڀ غم گوندر لهي ويا. انهيءَ هوندي بہ، "هنرئيٽا" کي چيائين تہ "اڄ آرمن ڏي هلڻ چڱو ناهي، اڄ اڄ تہ هتي آسپاس گڏ گهمون ۽ ڳالهيون ڪريون".

آخر ائين ئي ڪياڻون. گڏ گهمڻ ويا ۽ گهمندي پاڻ ۾ ڪيتريون محبت جون ڳالهيون ڪيائون ۽ پهريندي هڪٻئي کي ڏسڻ کان پوءِ جيڪي سندن دل جا خيال هئا، سي ظاهر ڪرڻ لڳا. جڏهن آرمن جي قديم خاندان جي اڳوڻي اوج ۽ هاڻوڪي زواليت جو ذڪر نڪتو، تڏهن "هنرئيٽا" "فرڊننڊ" کي وري بہ دلاسو ڏيئي چوڻ لڳي تہ "آءٌ تو کي سچي آرمن تي ڏيکاريندس - قديمي عزت آبروءَ جي زيادہ نظر رکنديس، دولت جي ڪا بہ پرواهہ ڪانہ رکنديس. اميد آهي تہ پاڻ ٻئي گڏجي زماني سان ملهہ وڙهنداسين ۽ نيٺ انهيءَ خاندان کي تيلهي اڳوڻي درجي تي آڻي پهچائينداسين. انهيءَ وچ ۾ جي تڪليفون سٺيونسين تہ ڪهڙي حرڪت آهي؟"

هي ٻڌي "فرڊننڊ" نهايت خوش ٿيو، ۽ هن جي شڪر گذاري ڪيائين. چوڻ لڳس تہ "پياري هنرئيٽا، تنهنجي ڪشادہ دلي ۽ همت ۽ عالي دماغي ڏسي، آءٌ ائين ٿو ڄاڻان تہ مون جهڙو خوش نصيب اڄ دنيا ۾ ٻيو ڪونہ هوندو. پر پياري، تنهنجي محبت ۽ سچائي ۽ شرافت ڏسي، منهنجي دل ۾ ٿو اچي تہ آرمن کي ڇڏي ڏيون. پاڻيهي پنهنجي منهن پيو مٽا هٽندو: مون کي ترار آهي، انهيءَ سان دنيا ۾ پنهنجي لاءِ رستو گهڙيندس. پاڻ کي بہ خوش رکندس ۽ تو کي بہ سکي رکندس".

## باب پندرهون

# ”هنرئيٽا“ جو ”آرمن“ ڏي وڃڻ

”هنرئيٽا“ جي وڃڻ کان پوءِ ”فرڊننڊ“، ڪڙميءَ جي گهر ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويهي، آئيندي جا خيال پچائڻ لڳو. ”هنرئيٽا“ جي همٿائڻ ڪري هن کي ڏاڍو دلي جوش ۽ شوق پيدا ٿيو. چڱيءَ ۽ همت واريءَ زال جي ترغيب تي دنيا ۾ ڪهڙا ڪهڙا نه عجيب ۽ وڏا ڪم ٿي چڪا آهن! جنگيون به انهن ڪرايون آهن، صلح به انهن ڪرايا آهن. تنهنڪري انهيءَ ۾ ڪهڙو عجب جو ”هنرئيٽا“ جي همٿائڻ تي ”فرڊننڊ“ آئيندي جي لاءِ تمام وڏيون وڏيون خيالي ماڙيون اڏي ويو. نهراءُ ڪيائين ته پنهنجو فيصلو جيترو جلد ڪريان، اوترو چڱو.

انهن خيالن ۾ هو، ته سندس نوڪر آيو، ۽ اچي ٻڌايائينس ته مسٽر ”گلئسٽن بيري“ پنهنجي هميشه واري ساليانې گشت تي قديم عمارتون ۽ نشان ڏسڻ ويو آهي. هي ٻڌي، ”فرڊننڊ“ خوش ٿيو. پـڙ پالهو پانيائين ته پنهنجي ”هنرئيٽا“ جي خواهش پوري ڪريان ۽ هن کي ”آرمن“ ۾ وٺي هلان. اهو ارادو ڪري، هڪدم اٿيو ۽ ”ڊوسيءَ“ ڏي هليو. ”هنرئيٽا“ اڳي ئي باغ ۾ پئي ٽـلي. هڪٻئي کي ڏسي، ٻئي بهار ٿيا- اڳي ڪڏهن هڪٻئي کي اهڙو خوش ۽ خوبصورت نه ڏٺو هئائون. جڏهن ”فرڊننڊ“ آرمن ڏي هلڻ لاءِ چيس، تڏهن هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ وري پاڻ ۾ آئيندي جون تازيون رٿون رٿڻ لڳا. ”فرڊننڊ“ چيو ته ”ڪهڙو شڪ ته ٻئي سال هنن ڏينهن ۾ ڪنهن ٻيءَ ولايت ۾ جبل پيا جهاڳينداسين!“ يا پلٽڻ سان ڪنهن ملڪ تي پيا ڪاهينداسين!“ سگهو ئي گاڏي ٻـڌي، ٻئي ان تي چڙهي ”آرمن“ ڏي روانا ٿيا. ”فرڊننڊ“ گاڏي هڪليندو هليو. اتي به پاڻ ۾ ڳالهين ڪرڻ کان رهيا ڪين.

”آرمن“ ۾ هفتو سڄو هي گڏ رهيا پيا هئا. جيڪا هڪڙي نوڪرياڻي اتي رهيل هئي، تنهن جي هنن پرواهه ڪانه ڪئي. هيترا ڏينهن ”آرمن“ ۾ هنن ٻنهي ڪهڙا نه خوش گذاريا هوندا! ڪڏهن باغ ۾ ٿي گهميا، ڪڏهن جهنگ ۾ ۽ ڪڏهن محلات جون تصويرون ۽ ٻيون عجيب غريب شيون ٿي ڏٺائون. ڏينهن سڄو گڏ گذاريندا هئا. شام جو ”فرڊننڊ“ ”هنرئيٽا“ کي گاڏيءَ تي چاڙهي ”ڊوسيءَ“ ۾ وڃي ڇڏيندو هو ۽ اتي رات جي چانهه پي پوءِ پاڻ ڪڙميءَ جي گهر

وجي رات رهندو هو. مسٽر ”ٽيمپل“ بہ ٻاهر هو ۽ ”آرمن“ جا ٻاتي بہ ٻاهر هئا، تنهنڪري ٻنهي هنڌن تي هنن کي آزاديءَ سان هڪٻئي جي صحبت ۾ گذارڻ جو تمام چڱو وجهہ مليو.

هڪڙي ڏينهن صبح جو آرمن ۾ ”هنرئيٽا“، وڏي ”سر فرڊيننڊ“ جي تصوير جي سامهون ويٺي پاڻ اهڙي تصوير ڪڍي. نقاشيءَ جو سامان آسپاس رکيل هوس. ”فرڊيننڊ“ ڪنهن ڪم سان ٻاهر ويل هو. اوچتو هڪڙو پڪو ماڻهو اندر لنگهي آيو. هڪڙيءَ ڏاريءَ جوان زال کي تصويرن واري ڪمري ۾ ويٺل ڏسي، دهليو. چوڻ لڳو تہ ”مون ڀانيو تہ ڪئپٽن آرمن هتي آهي“.

”هنرئيٽا“ چيو تہ ”هو ٻاهر نڪتو آهي، انهيءَ دم موٽي ايندو“. ائين چئي، هوءَ وري بہ پنهنجي تصوير ڪڍڻ ۾ لڳي. دل ۾ اهو انتظار هوس تہ ”فرڊيننڊ“ جلد اچي تہ چڱو. سندس تصوير ڪيندي، اهو شخص وٽس بيهي چوڻ لڳو تہ ”مئڊم، اوهين ڪي ڏاڍا هوشيار نقاش ٿا ڏسجو!“ هن چيو تہ ”نقش ڪڍڻ جو شوق اٿم“. وري هن شخص چيو تہ ”اوهين هڪڙي عجيب انسان جي تصوير ٿا ڪڍو“. ”هنرئيٽا“ ورندي ڏني تہ ”اوهين نٿا ڀانيو تہ هن جا مهاندا ڪئپٽن آرمن جهڙا آهن؟“ هن چيو تہ ”برابر آهن، پر اوهان جي ڪڍيل تصوير زيادهہ جوان ٿي ڏسجي ۽ اصل واري تصوير پڪيءَ عمر جي آهي“. ”هنرئيٽا هن کي چئي نہ سگهي تہ ”آءٌ ڄاڻي واڻي اهڙي ٿي ڪڍان“. ماٺ ڪري ويٺي ڪڍيائين ۽ رڳو چيائين تہ ”هيءُ تصويرن جو ڪمرو نهايت عمدو آهي!“ هن ڌارئين شخص چيو تہ ”اهو ڪمرو آرمن جي خاندان ۽ آرمن جي محلات جو هر طرح لائق آهي“. ”مس ٽيمپل“ چيو تہ ”شايد اوهين انهيءَ خاندان جا گهڻو واقف آهيو“، هن چيو تہ ”آءٌ هتي رهندڙ آهيان“. ”مس ٽيمپل“ چيو تہ ”تڏهن شڪ ناهي تہ آءٌ مسٽر ”گلئسٽن بيريءَ“ سان ٿي ڳالهايان!“ هن چيو تہ ”هائو، اهو منهنجو نالو آهي. آءٌ ڀانيان ٿو تہ پاڻ هڪٻئي جو ذڪر ٻڌو آهي، پر اڳي ڪڏهن گڏيا ناهيون. هي چڱو اتفاق ٿيو جو هتي گڏياسين ۽ انهيءَ لاءِ آءٌ گهڻو خوش ٿيو آهيان. آءٌ ڪن ڏينهن لاءِ ٻاهر ويو هوس ۽ اها خبر ڪانہ هيم تہ گهر جا ڀاتي موٽي آيا آهن. شايد ”منهنجو فرڊيننڊ“ اوهان کي رستي ۾ گڏيو هوندو. مئڊم، اوهان کي ائين سڏڻ مان حيرت جو ٿي لڳي... هو مون کي پنهنجي پٽ وانگي آهي، تنهنڪري آءٌ هن کي ”پنهنجو فرڊيننڊ“ سڏيندو آهيان ۽ هو بہ مون

ڪي ڀيءُ ڪري ڄاڻندو آهي - پر مون کي خبر آهي تہ مون کان وڌيڪ ٻيا هن سان گستاخ آهن ۽ هن کي پنهنجي سڏڻ لاءِ زيادھ حقدار آهن".

اتي "فرڊيننڊ" بہ اوچتو جاءِ ۾ لنگهي آيو. وائڙو ٿي وڃي پنهنجي استاد جو هٿ ورتائين ۽ رڙ ڪري چوڻ لڳو تہ "منهنجا گهڻو پيارا گلئسٽن بيري!" "هنرئيٽا" جي منهن ڏي بہ نهاريائين ۽ شڪ بہ پيس تہ متان سندس ڳجهہ اڳي ئي ظاهر ٿي پيو هجي. "هنرئيٽا" ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو تہ "مون توسان مسٽر گلئسٽن بيريءَ جو گهڻائي ڀيرا ذڪر ڪيو آهي، هاڻ مون کي اوهان جي پاڻ ۾ معرفت ڪرائڻ ۾ نهايت گهڻي خوشي ٿي ٿئي: هي منهنجو تمام قديم ۽ نهايت خيرخواھ ۽ حد کان وڌيڪ چڱو استاد آهي ۽ ڀيءُ جي بجاءِ آهي، ڏاڍو قابل نقاش آهي - تو کي سبق سيکاري. منهنجا پيارا دوست، اوهين ڪيڏي ويا هئؤ؟- قديم عمارتون ۽ ديولون ڏسڻ ۽ انهن جون تصويرون ڪڍڻ ويا هوندؤ. هن جيڪا تصوير ڪڍي آهي، سا ڪيئن ٿا ڀانيو؟ ڏاڍي عمدي ڪڍي اٿس!" هُن چيو تہ "اسان بہ انهيءَ جو ذڪر پئي ڪيو ۽ مون مس...."

اتي "فرڊيننڊ" کي ڊپ ٿيو تہ متان "مس گرئنڊيسن" جو نالو چئي ويهي! تنهنڪري، وچ ۾ ٽپي، تڪڙو چوڻ لڳو تہ "اوهان جي لاءِ مون وٽ ڪي خط پهتل آهن، مون کي اوهان سان ملڻ ۽ ڪن ضروري ڳالهين ڪرڻ جو ڏاڍو انتظار هو. چڱو ٿيو جو جلدي آيؤ. اوهان جي اوچتي وڃڻ ڪري مون کي ڏاڍو خفو لڳو هو".

"گلئسٽن بيريءَ" چيو تہ "اوهان جا ڀيءُ ماءُ تہ خوش آهن؟ اندر ويٺا هوندا. ڏسان وڃي". "فرڊيننڊ چيو تہ "اهي اڃا ڪين آيا آهن، ڏهاڙي سندن لاءِ انتظار پيو ڪيان". پوءِ وري آٿي هوا ۽ موسم جون ۽ ٻيون ڳالهيون وڌائين. ڳُٽتي اها هيس تہ متان "هنرئيٽا" کي "مس گرئنڊيسن" جي خبر پوي ۽ "گلئسٽن بيريءَ" کي "هنرئيٽا" جي خبر پوي، تنهنڪري "هنرئيٽا" کي چيائين تہ "هاڻ هلو تہ هلي نُلهہ ڏسون ۽ سٽر گلئسٽن بيريءَ جا نقش ڏسون". مرضي اها هيس تہ جيترو جلد هوءَ "ڊوسيءَ" ڏي رواني ٿئي اوترو چڱو.

"گلئسٽن بيريءَ" پڪ ڄاتو هو تہ اها "مس گرئنڊيسن" آهي، پر انهيءَ حيرانيءَ ۾ هو تہ رڳي هوءَ اڪيلي "فرڊيننڊ" سان گڏجي ڪيئن "آرمن" ۾ آئي، پر وري خيال ڪيائين تہ انهيءَ ۾ گهڻي حرڪت ڪانهي، جو هو پاڻ ۾ مڱيل

آهن. هو دل ۾ ڏاڍو خوش بہ ٿيو، جو ڇاتائين تہ سندس شاگرد جي ڪنوار
ههڙي خوبصورت، چڱي طبيعت واري ۽ قابل آهي، تنهنڪري جيترو ٿي
سگهيس، اوترو هن کي خوش رکڻ لڳو. هوڏي "هنرئيٽا" کي اها پڪ هئي تہ
"فرڊننڊ" سان جيڪو شاديءَ جو انجام ڪيل هوس، تنهنجي ٻئي ڪنهن کي
خبر ڪانهي. جيتوڻيڪ هن جو مونجهارو حيرت جهڙو هو، تہ بہ پيو گمان
ڪوبہ ڪونہ پيس. انهيءَ هوندي بہ، جڏهن گهمي ڦري هو "گلئسٽن بيريءَ" کان
موڪلائي نڪتا، تڏهن "فرڊننڊ" جي دل تان گهڻو بار هلڪو ٿيو. پڪ هيس تہ
جيسين سچي ڳالهہ ظاهر ٿيندي، تيسين اهڙيون گهڻيون مشڪلاتون ۽
مونجهاري جا وقت پيا ايندا.

نيٺ "هنرئيٽا" کي گاڏيءَ تي چاڙهي ٻوسي ڏي هليو ۽ رستي ۾، دل نهراءِ
ڪندو هليو تہ هاڻ نڪري "باٿ" ڏي وڃي، جتي سندس مائٽ سندس مڱيندڙ
سميت رهندا هئا - پر اهو ارادو "هنرئيٽا" کي دل جهلي ٻڌائي نہ سگهيو.

## باب سورهون

# ”ڏوسيءَ“ ۾ عجيب اتفاق

”فرڊيننڊ“ هيٺ ترسيو وينو هو ۽ ”مس ٽيمپل“ مٿي ماڙيءَ تان پنهنجي ٽوپي کڻڻ ويئي. سگهو ئي هوءَ موٽي آئي، پر سندس منهن لٿل ۽ ملول ٿي ڏسڻ ۾ آيو. ”فرڊيننڊ“ کي ڏسڻ سان ڏپ وٺي ويو. ڀانيائين ته الائجي اوچتو ڇا ٿيو آهي. شڪ پيس ته متان منهنجي مڱڻي جي خبر پيئي اٿس! هن کان پڇا ڪرڻ سان معلوم ٿيس ته ڪنهن خط مان خبر پيئي هيس ته سندس پيءُ بئي ڏينهن موٽي اچڻو آهي، انهيءَ ڪري هينئر خود ”فرڊيننڊ“ بہ اهڙو ئي ملول ۽ منجهيل ٿيو. هن جي مرضي نہ هئي ته سندن گهرائي جي خبر مسٽر ”ٽيمپل“ کي پوي- متان هو ”سر رئنڪلف سان انهيءَ بابت گفتگو يا لکپڙهہ ڪري، جنهن ڪري اڳوٽي مڱڻي جي ڳالهہ ڦاٽ ڪائي، يا متان مسٽر ”ٽيمپل“ ڇاٽي تہ سندس ڌيءَ سواءِ پڇڻ جي هن سان شاديءَ جو ناهہ ڪيو آهي - تنهنڪري، ڳڻتين ڪائڻ پوءِ، ”فرڊيننڊ“ دل ۾ ارادو ڪيو تہ ڪنهن تجويز سان ”مس ٽيمپل“ کان شاديءَ جو پڪو انجام وٺي ڇڏجي تہ چڱو. پوءِ سانهن ستيءَ سان پنهنجي پيءُ کي پنهنجي رٿ ٻڌائي واقف ڪري. ويهي ويهي چوڻ لڳو تہ ”پياري هنرئيٽا، پوءِ ڪيئن؟ هن شوخيءَ مان چيو تہ ”بس، هينئر مون کي ڇڏي ڏي!“ انهيءَ جواب هن جون مٿيون منجهائي ڇڏيون. الائجي هن کي ڪهڙو خيال آيو، جنهن ڪري چيائينس تہ ”مون کي ڇڏي ڏي“. هيءُ ڀلا ڪٿان ڇڏي؟ هزارين فڪر دل ۾ اچڻ لڳس. نيٺ ”فرڊيننڊ“ اٿي ”هنرئيٽا جي اڳيان گوڏا ڀڃي وڃي وينو ۽ هن جي ٻانهن وٺي، اکين مان هنجون هاري، آهستي چوڻ لڳو تہ ”مون ڪهڙو قصور ڪيو آهي؟“

”هنرئيٽا“، اکيون کڻي، هن ڏي نهاري نهاري، اوچتو اوچنگار ڏيئي، روئي، ٻئي ٻانهون کڻي هن جي ڳچيءَ ۾ وڌيون ۽ پنهنجو منهن کڻي هن جي ڇاتيءَ ۾ لڪايائين. ٻنهي جي دل ڌڪ - ڌڪ ڪرڻ لڳي. ٻنهي پٺي سڏڪا پريا. نيٺ وري بہ ”فرڊيننڊ“ چيو تہ ”او منهنجي هنرئيٽا، تو کي پنهنجي فرڊيننڊ ۾ ڪو شڪ پيو آهي ڇا؟“ هن ورندي ڏني تہ ”پيارا فرڊيننڊ، تو ۾ مون کي ڪو شڪ ڪونهي. تنهنجو ڪو بہ قصور ڪونهي، تون تمام چڱو ۽ سچو مهربان آهين، قصور منهنجو آهي، آءٌ خراب آهيان...“

"فرڊيننڊ" هن جو هٿ ورتي، انهيءَ کي چميون ڏيئي، پڇڻ لڳو تہ "پياري، ڇو ٿي ائين چوين؟ ڇو اهڙي ملول ۽ غمگين ٿي آهين؟" هن چيو تہ "بابي جي ڊپ کان جيتوڻيڪ سمجهي نٿي سگهان تہ... تو سان محبت رکڻ ۾ مون کو قصور ڪيو آهي. نڪي تنهنجو پيءُ، نڪي منهنجو پيءُ، انهيءَ ۾ رنج يا ناراض ٿيندا، تہ بہ، هن جي ٿوري غيرحاضريءَ ۾ اسان جي پاڻ ۾ هيتري گهرائي ٿي آهي - بہ هفتا مس ٿيا آهن. هن جي نظر ۾ هي عرصو تمام ٿورو ڏسڻ ۾ ايندو. هو تو سان اڃا پورو واقف نہ ٿيو آهي. هن کي ضرور دنيا سازيءَ جو خيال زيادهہ رکڻو ٿيندو. هو ڏاڍو سمجهو، خيالي ۽ ويچار وارو آهي، ڪنهن ڪم ۾ تڪڙ نہ ڪندو آهي، تنهنڪري مون کي ڊپ آهي تہ هو متان ڪاوڙجي، يا اهڙو جلد پنهنجي ملڻ جي منظوري نہ ڏئي".

"فرڊيننڊ" هي ٻڌي پاڻ فڪر ۾ پيو. نيٺ چوڻ لڳس تہ "تڏهن پياري، پنهنجي پيءُ کي هن پنهنجي قصي بابت اصل نہ ٻڌاءِ". هن ڇرڪ ڀري چيو تہ "ائين ڀلا ڪيئن ٿيندو؟ آءٌ ڪا بہ ڳالهہ بابي کان نہ رکندي آهيان. هن کي حق آهي منهنجي سڀ ڳالهہ معلوم ڪرڻ ۽ پڇڻ ۽ مون کي حق آهي پنهنجي سيڪا ڳالهہ هن کي ٻڌائڻ. هو مون تي نهايت مهربان رهيو آهي. سو، ڀلا هيءَ پنهنجي ڳالهہ آءٌ ڪيئن هن کان لڪايان؟"

تڏهن "فرڊيننڊ" چيو تہ "جي هن کي ٻڌائڻ ضرور آهي ۽ تو کي ڊپ بہ ٿو ٿئي، تہ تڏهن ڇڏ تہ آءٌ پاڻيهي هن کي تجويز سان ٻڌايان - يعني هن کان موڪل وٺان، پوءِ تو سان ڳالهيون ڪريان. اها ڳالهہ ساڳي آهي ... پوءِ هو خوشيءَ سان موڪل ڏيندو". "هنرئيٽا" پيار مان هن کي چيو تہ "پيارا فرڊيننڊ، تون ڪهڙو نہ چڱو آهين، جو سڀ بار منهنجي بدران پاڻ تي ٿو کڻين! جي ائين آهي تہ چڱو - جيتوڻيڪ اڳي ڪڏهن مون پيءُ سان اهڙي هلت نہ ڪئي آهي، پر جي هاڻ تون چوين ٿو تہ ائين ڪرڻ بهتر آهي، تہ چڱو - پهرين ڀلي تون ساڻس ذڪر ڇوري موڪل وٺ". "فرڊيننڊ، چيو تہ نهيو، باقي ڳالهہ رهي تہ ڪڏهن اها ڳالهہ ساڻس ڇوريان: آءٌ ڀانيان ٿو تہ پهرين ڀيو سڀ بندوبست پورو رکي ۽ بابي سان اڳواٽ صلاح مصلحت ڪري، پوءِ تو سان شادي ڪرڻ جو مسٽر "ٽيمپل" کي عرض ڪريان: هو خبردار ۽ تجربيڪار دنيائي ماڻهو آهي، متان انهيءَ کان سواءِ هو ڇوڪراڻو ڪم ڄاڻي، تنهنڪري منهنجي رٿ آهي تہ سياڻي آءٌ بات هليو وڃان ۽ اتي پنهنجن مائٽن سان پورو بندوبست رکي پوءِ هتي

اچان: تيستائين تون پنهنجي پيءُ کي انهيءَ وچ جي خبر نہ ڪج، هفتي ڪن جي گذرڻ ۾ وقت ڪونہ لڳندو".

مطلب تہ جيتوڻيڪ "هنرئيٽا" اجا بہ پئي دل هڻئي، تڏهين بہ "فرڊننڊ" نيٺ محبت ڏيکاري انهيءَ ڳالهہ تي بيهاريس. پوءِ هڪبئي کان ڌار ٿيڻ جون ڳالهيون ڪيائون. هيءَ جدائي بہ "هنرئيٽا" جي لاءِ وڏي مشڪل ڳالهہ هئي، پر جڏهن هنن جو ٿورن ڏينهن لاءِ جدا ٿيڻ ضرور هو، تڏهن بيو چارو ڪونہ هو، سواءِ صبر جي. هڪبئي کان موڪلائڻ لڳا. اها ڏاڍي درد ناڪ مهل هئي. ٻنهي پئي رُنو. هفتو سڄو هڪبئي کان جدا ڪيئن گذاريندا؟ تيتري ۾ هڪبئي کي احوال ڏيڻ ۽ خط لکڻ جي ڪهڙي تجويز ڪن؟ انهيءَ کان سواءِ تہ هنن جي ڪين گذرندي! "فرڊننڊ" چيو تہ "تون تہ مون ڏي خط لکي ٽپال ۾ وجي وجهي سگهندينءَ ۽ اهو مون کي پيو رسندو، باقي آءٌ تنهنجي نالي ٽپالخاني ۾ لکان، اتان ونئي ايندي وڃج، يا تنهنجي نوڪرياڻيءَ جي نالي لکان، انهيءَ کي سمجهائي ڇڏج. هن چيو "ائين ڪرڻ منهنجي دل نٿي چوي، اها بہ هڪڙي چوري آهي، جا پيءُ کان لڪائي ڪنديس... پر تنهنجي مرضي - محبت ڪيئن نہ هيترا هنر ٿي سيکاري! پر، خدا شاهد آهي، منهنجي دل صاف پاڪ آهي. فرڊننڊ، منهنجي قسمت تنهنجي حوالي آهي، آءٌ پاڻ تنهنجي آهيان - جيئن چڱو ڄاڻين، تيئن ڪر". "فرڊننڊ" چيس تہ "رک خدا تي، خدا سڀ چڱي ڪندو".

اتي رات جا يارنهن وڳا. "مس ٽيمپل" اٿي. هڪبئي کي ڀاڪر پائي موڪلايائون. "هنرئيٽا" کي اهڙو ڏک ٿيڻ لڳو، جو هن چيو تہ "ڀهرين آءٌ تو کي ڇڏي ٿي وڃان، پوءِ تون هليو وڃج". نيٺ هوءَ روئندي هلي ويئي، ۽ پوءِ "فرڊننڊ" جاءِ مان ٻاهر نڪتو. پر هن جي دل جي خدا کي خبر هوندي. رات اونداهي هئي ۽ دل جي ڳڻتين ۽ ڏک ڪري هن کي پاڻ زيادهہ ڪاري ڏسڻ ۾ آئي - ٿاٻا کائيندو، آٿڙندو، باغ کان نڪري، رستي تي آيو. جُهڙ بہ انهيءَ رات گهڻو هو، تنهن هيڪاري هن جي زيادهہ مونجهارو پيدا ڪيو. وڄ جي چمڪاٽ تي هن کي جهنگ ۽ ڪليل ميدان جو سماءُ پئجي نٿي سگهيو. سگهو ئي واچ ۽ مينهن بہ اچي ڪڙڪيو. هي ويچارو ڀِڄي يت ٿي پيو. نيٺ اچي ڪڙميءَ جي گهر وٽان نڪتو. دل ۾ اهو ئي پڇهہ پڇائيندو آيو، تہ عشق طوفان سان شروع ٿيو آهي، تنهن جي پڇاڙي ڏسجي تہ ڪهڙي ٿي ٿئي.

---

## باب سترهون

# محبت جي لکپڙھ

ٻئي ڏينهن صبح جو، پنيرڪي ۾ "مس ٽينپل" جو نوڪر گهوڙي تي چڙهي سندس خط کڻي آيو، جنهن ۾ هن "فرڊيننڊ" کي لکيو هو تہ "رات تنهنجي وڃڻ مهل واچ - مينهن اچي نيو هو، تنهن تو کي ڏاڍو هلاڪ ڪيو هوندو - انهيءَ انتظار کان مون کي ننڊ ئي ڪانہ آئي آهي. آءٌ پنهنجو ماڻهو گهوڙي تي چاڙهي موڪليان ٿي: انهيءَ کي ترسائجئين نہ. پنهنجي احوال جا ٻہ ٽي اکر جلد لکي موڪلجئين تہ مون کي تسلي ٿئي. اچا بہ مينهن جو ڊپ آهي، اهڙي ڏينهن تون ٻاهر متان نڪرين!"

"فرڊيننڊ" جواب ۾ لکي ڏنس، جنهن ۾ گهڻي پيار ڪان پوءِ لکيائين تہ "پياري هنرئيٽا، تون انتظار نہ ڪر. منهنجا رڱا ڪپڙا پِنا، ٻي ڪا تڪليف ڪانہ ٿي، پر تنهنجي شب بيداريءَ ۽ بي آراميءَ جي ڪري ٻاڻ مون کي زيادھ بي آرامي ٿي. جي تنهنجي اهڙي مرضي آهي، تہ آءٌ ٻاهر نٽو وڃان... چئين تہ آءٌ هڪدم تو وٽ هليو اچان، ۽ اچي پنهنجي هنرئيٽا کي ڏسي اکيون ٺڏيون ۽ دل خوش ڪريان!" "هنرئيٽا" انهيءَ خط جو ترت جواب وري لکي موڪليس تہ "جيتوڻيڪ تنهنجي جدائي مون کي ماري ٿي، تہ بہ تنهنجو اچڻ في الحال چڱو ناهي. مون کي رڳو اهو ڊپ هو تہ متان مينهن ۾ پِچڻ ڪري ٻاهر نڪرين ۽ زڪام يا تپ ٿي پوئي! خدا تو کي سلامت رکي، تون خوش آهين تہ آءٌ خوش آهيان. مون تي ڪاوڙجين متان! هفتي کان پوءِ جلد وري اچجئين. تيسين، جيئين تو مون کي سمجهايو تيئن ڪنديس ۽ بابي سان شاديءَ جي انجام جو ذڪر ڪين ڪنديس. هو شايد ٿورن ڪلاڪن کان پوءِ ايندو. جي تون بلڪل چڱو ڀلو آهين، تہ ڀلي بات ڏي وڃ - في الحال تنهنجي نزديڪيءَ ڪري ٻاڻ مون کي ڊپ ٿو ٿئي. خط پٽ برابر لکندو رهج. مون کي متان وسارين!"

انهيءَ کان پوءِ "فرڊيننڊ"، "آرمن" مان رواني ٿيڻ کان اڳي، "هنرئيٽا" ڏي خط لکيو، جنهن جي جواب ۾ "هنرئيٽا" ان کي اطلاع ڏنو تہ "بابو آيو آهي. مون کان حال احوال پڇيائين. تنهنجو بہ پڇيائين تہ "انهيءَ سان ڪي گڏي آهين؟" مون چيو تہ گهٽائي پيرا، پر هينئر بات ڏي ويو آهي، جو سندس مائٽن

ڪنهن عزيز جي بيماريءَ ڪري اچڻ ۾ دير ڪئي.“ مون هن ڪان پنهنجي ڳالهہ پئي لڪائي آهي. پيارا فرزند، آءٌ توکي پڪ ٿي ڏيان تہ بابو تو کي گهڻو پسند ٿو ڪري“.

تنهن کان پوءِ ”فرزند“ هڪڙو خط لنڊن مان ۽ هڪڙو باٿ مان هن ڏي موڪليو، جنهن جي جواب ۾ ”هنرئيٽا لکيس تہ ”بابو ۽ آءٌ وڃي آرمن جي ٻني مان گهمي آيا آهيون ۽ آءٌ هن هاريءَ جي گهر ۾ بہ ويٺي هيس ۽ تنهنجي جاءِ بہ ڏٺي هيم - تو کي گهڻو ياد ڪيم. فرزند، بابي تنهنجو ذڪر وري بہ ڪيو هو. آءٌ ڏاڍي خوش ٿيس، جو بابي تنهنجي گهڻي تعريف ڪئي“.

انهيءَ ڪان پوءِ هفتي ڪان بہ گهڻا ڏينهن لنگهي ويا تہ فرزند جو خط ڪونہ آيو، ۽ ”هنرئيٽا“ انتظار ۾ هڪبئي پٺيان هن ڏي خط پئي لکيا. پڇاڙيءَ واري خط ۾ لکيائينس تہ ”مون کي شڪ ٿو پوي، بلڪ پڪ ٿي ٿئيم، تہ تنهنجو پيءُ اسان جي شادي منظور نٿو ڪري: جي ائين آهي، تہ بهتر آهي تہ تون اچي منهنجي پيءُ کي اها ڳالهہ ٻڌاءِ. هن کي وڌيڪ بي خبر رکڻ مون کي پسند نٿو اچي. مون کي ڊپ ٿو ٿئي تہ هيءَ ڳُجهي مون کي ماري وجهندي!“ انهيءَ جي جواب ۾ فرزند لکيو تہ ” هتي پنهنجي شاديءَ جي نسبت ۾ البت ڪي مشڪلاتون اٿيون آهن، پر اميد آهي تہ اهي سڀ لهي وينديون“. هُن وري لکيس تہ ”هاڻ مون کي پڪ ٿي ٿئي تہ تنهنجي پيءُ کي پنهنجي شادي پسند ناهي. سو، انهيءَ جي حرڪت ڪانهي، پر منهنجي توسان ايتريقدر محبت آهي، جو جي پنهنجي شادي نہ ٿئي تہ من رڳو پنهنجي معرفت ۽ دوستي هلي اچي - اهائي منهنجي لاءِ بس آهي! هاڻ اوهين جلد سڀ گڏجي آرمن ۾ اچو، تہ من جلد جلد پاڻ کي ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو وجهہ پيو ملي!“

## باب ارڙھون

# "ليڊي بليئر" جو "ڊوسي" ۾ اچي مھمان ٿيڻ

"فرڊيننڊ آرمن" جي "ڊوسي" مان وڃڻ کان ٽي ھفتا پوءِ ھڪڙي ڏينھن صبح جو، مسٽر "ٽيمپل" ھڪڙو ڪليل خط ھٿ ۾ ڪٽي پنھنجي ڏيءَ کي اچي چيو تہ "اسان جي قديم آشنا "ليڊي بليئر" لکيو آھي تہ اُتر ڏي ويندي رستي ۾ ھتي اچوڪي رات گذاريندي ويندي ۽ ساٽس ھڪڙي ٻي بہ سندس دل گھُري سھيلي آھي - پوءِ الائجي اھا ڪير آھي". انھيءَ اطلاع اچڻ تي "ڊوسي بائوئر" ۾ تياري ٿيڻ لڳي. "ليڊي بليئر" اڳي بہ ھتي رھي ويئي ھئي، تنھنڪري گھر جا مالڪ توڙي سندن نوڪر چڱيءَ طرح واقف ھئا تہ ھوءَ ليڊي کھڙي عجيب طبيعت جي ۽ زود رنج ۽ گھَڻ - ڳالھائي ۽ ويسرِ واري آھي ۽ ساٽس ھميشہ ھڪڙو نوڪر ۽ ھڪڙي نوڪرياڻي ۽ ھڪڙو ڇوڪر ۽ ھڪڙو ڇتونءَ جو پڃرو رھندو آھي.

پوري وقت تي، ھڪڙي وڏي عمدي گاڏي اچي نڪتي. انھيءَ مان پھرين ھڪڙي ٿلھي قداور زال لٿي. پوشاڪ تمام عمدي ھيس. قد جي پوري ھئي ۽ ھڪڙي ھٿ ۾ ھڪڙي قيمتي ٿيلھي ھيس ۽ ٻئي ۾ عينڪ. انھيءَ کان پوءِ سندس ڇتونءَ جو پڃرو نڪتو. پوءِ وري ٻي ھڪڙي تمام ٻڍي زال لٿي، جا نوي ورھين عمر جي ٿي ڏٺي. قد جي تمام ننڍي ھئي، ڄڻ تہ ننڍڙو ٻار آھي. انھيءَ جا ڪپڙا تمام عمدا ھئا. اھا ھئي "ليڊي بليئر" پاڻ ۽ ھوءَ ھئي سنديس سھيلي. نوڪر ۽ نوڪرياڻي پنيان وينل ھئا، جي گاڏي بيھڻ شرط اچي اڳيان بيٺا. نوڪر پنھنجي ڏياڻيءَ کي لاھي ھيٺ زمين تي بيھاريو - جيئن ڪو وڏو ماڻھو ننڍڙي ٻار کي ڪٽي ھيٺ لاھي. مسٽر "ٽيمپل" ۽ سندس ڌيءَ پريرو بيٺل ھئا، جو ھنن کي خبر ھئي تہ انھيءَ ليڊيءَ کي لھڻ شرط گھرُ وارن جو ملڻ نہ وڻندو آھي.

لھڻ سان "ليڊي بليئر" جو سنھڙو توتاريءَ جھڙو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جو پڇڻ لڳي تہ "ڪٿي آھي؟ بٽلر ڪٿي آھي؟ بيوقوف، تون نہ. آءٌ گھر وارن جي نوڪر جو ٿي پڇان! ڪنھن جو نوڪر؟... مون کي سندس نالو وسري ويو آھي... مسٽر "ٽوشوز" جو نوڪر؟ نہ نہ، ٻيو نالو اٿس. ڪيئن آھي تنھنجو ڌڻي؟ تنھنجي ڏياڻي تہ خوش آھي؟ منھنجو مِنوُ ڪيڏي ويو؟ منھنجي سھيلي ڪيڏي ويئي؟ ڇا نالو اٿس؟... مس ٽيمپل! نہ نہ... مسز فلائڊ! ھائو ھائو، اھو نالو!

پر بہ نالا اٿس... بيٺي آهين نہ؟ هنن کي ٻڌاءِ پنهنجا نالا. مون کي وسري ٿا وڃن!“ ويچاريءَ ”مسز مانٽگامريءَ“ کي ڏکيو گهٽو ٿي لڳو، پر هن لاچار ليڊيءَ جي حڪم جي تعميل ڪئي ۽ سڀني هن جو نالو ٻڌي، دستور موجب ڪنڌ جهڪائي، هن کي سلام ڪرڻ لڳا.

پوءِ ”ليڊي بليئر“ هيڏي هوڏي نهاري، هر هڪ کي چتائي ڏسي، پوءِ وري سوالن جو پيو دس هڻڻ لڳي: ”ڪٿي آهي؟ هڪڙي شي اجا منهنجي ڪانهي- منهنجي سهيلي ۽ چتون تہ لٿا. باقي ٻي شي ڪهڙي؟ مون کي ٻي شيون ساڻ هيون! تون ڪير آهين؟ مسٽر ٽيمپل جو نوڪر آهين؟ آءٌ تنهنجي ڏٽيءَ کي تڏهن کان سڃاڻان، جڏهن هو اجا انهيءَ چتونءَ جي پچري جيڏو هو!... ڪلين ٿو؟ تو اڳي ڪڏهن ڪا نوي ورهين جي زال ڏٺي آهي؟ پڪ آهي تہ نہ ڏٺي هوندئي... پوءِ ٻي شي ڪهڙي آهي؟ هيترا بيٺا آهن، مون کي ڪو ياد نٿو ڏياري! هائو هائو، هاڻ ياد پوي ٿو- منهنجو ڇوڪر، منهنجو ننڍڙو نوڪر! الائجي پيرن ۾ چپچي پيو ڪيئن؟ آهي، آهي، اهو بيٺو آهي! تون ڪير آهين... گهر جي نوڪرياڻي آهين؟ آءٌ هڪدم نوڪرياڻيءَ کي سڃاڻندي آهيان! تون هن ڇوڪر جي سنڀال رکج، گريگريءَ کي سنڀالج... تون خوش آهين، مس ٽيمپل! ڏس، تنهنجو نالو مون کي وسريو ٿي ڪين آهي! تون منهنجي لاڏلي آهين، مون کي ڏاڍي پياري آهين! هيءَ منهنجي سهيلي بہ مون کي ڏاڍي پياري آهي... اهڙا ٽڪڙا تہ نہ هلو- پڇ ڪانہ پيئي آهي! انهيءَ ڇوڪر جي سنڀال ڪجو... جڏهن سڏيانس تڏهن ڇڏجوس!

اها ”ليڊي بليئر“ هڪڙي وائيڪائونٽ جي بيوهہ زال هئي ۽ جوانيءَ ۾ نهايت حسين ۽ عقل واري هئي. اهري تہ هسين هئي، جو مشهور ۽ قابل نقاش هن جي تصوير ڪيندا هئا ۽ مشهور شاعر ۽ مصنف هن جي صحبت ۾ رهندا هئا. اهي سڀ مري کپي ويا ۽ هيءَ اجا هلي آئي. اجا بہ سندس سڀ حواس سالم هئا ۽ هوءَ تندرست رهندي آئي- جهڙي بدن ۾، تهڙي دماغ ۽ دل ۾. ملڪ ۾ جيڪي مشهور قابل ۽ علم ۽ فضيلت وارا ماڻهو ۽ عالي نسب ۽ خوبصورت زالون هيون، سي سڀ هن جا سلامي هئا. زماني جا گهڻائي دور ڏٺا هئائين، گهڻيون ٿي جنگيون ۽ حڪومت ۾ ڦيريون گهيريون ۽ ٻيون ملڪي وارداتون هن جي حياتيءَ ۾ ٿي گذريون هيون. قريبن سؤ ورهين جي بار کان

اجا ڳُڪي نہ تي هئي، سنئين سڌي هئي، مگر ڇڻ تہ سال بسال ويئي ننڍڙي ٿيندي. اجا تائين هوءَ بهترين علميت ۽ قابليت تي نظر ڏيندي هئي، پوءِ خوبصورتيءَ ۽ حسن تي ۽ پوءِ اصل نسل تي. جنهن هڪڙي ئي شخص ۾ اهي ٽي وصفون گڏ ٿينديون هيون، انهيءَ کي هوءَ حد کان وڌيڪ پسند ڪندي هئي، بلڪ پوڄيندي هئي. دولت تي گهڻو ڌيان نہ ڏيندي هئي - جيتوڻيڪ سندس خواهش اها هوندي هئي تہ جيڪي ماڻهو کيس پسند هئا، سي دولتمند هجن تہ چڱو. ڏاڍي خوش طبع ۽ تيز فهم ۽ تجربيڪار هئي. انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي تہ جيڪي ٽي وصفون پاڻ پسند ڪندي هئي سي ٽيئي منجهس موجود هيون.

"ليڊي بليئر" گهڻا مهينا لنڊن ۾ رهندي هئي، ٻہ ٽي مهينا ٻاٽ ۾ گذاريندي هئي ۽ پوءِ پنهنجي پوٽي، هاٽوڪي وائيڪائونٽ ڏي ويندي هئي، جو اتر ۾ رهندو هو. انهيءَ گشت ۾ هوءَ نون نون ماڻهن سان معرفتون پيدا ڪندي وتندي هئي، رنلن کي پرچائيندي هئي، نين نين شادين جا بندوبست ڪندي ۽ جوڙا جوڙيندي هئي ۽ انهيءَ کي هوءَ فخر سمجهندي هئي. هن سال جي گشت ۾ هن جي "مسز مانٽگامري فلائڊ" سان معرفت ٿي ويئي ۽ اُها پسند اچي ويس، تنهن کي گهلي پاڻ سان ڪنيائين. هوءَ تمام دولتمند خانداني بيواهہ زال هئي. هُن جي بہ اُتر ۾، يعني اسڪاٽلنڊ ۾، جائداد هئي، تنهنڪري هنن کي گڏ گهمڻ ۾ مشڪلات ڪانہ ٿي. هن کي بہ سفر ڪرڻ لاءِ پنهنجي گاڏي ۽ پنهنجا نوڪر هئا. هينئر هنن پاڻ ۾ اهو نهراءُ ڪيو تہ "مسز فلائڊ" "ليڊي بليئر" سان گڏ سندس گاڏيءَ ۾ ويهي سفر ڪري ۽ سفر جو خرچ بہ پاڻ ڀري، جو پيسي واري هئي ۽ سندس گاڏي ۽ نوڪر "ليڊي بليئر" جي گهر ۾ رهي پون.

## باب اوڻيهون

# "ليڊي بليئر" جي گفتگو ۽ "هنرئيٽا" جي نااميدي

"ليڊي بليئر" جي "هنرئيٽا ٽيمپل" سان سچي پچي دل هئي، هميشہ پئي چوندي هيس تہ "مون وٽ کي ڏينهن لنڊن ۾ رهہ. جو منهنجي مرضي آهي تہ ڪنهن ڊيوڪ سان تنهنجي شادي ٿئي". تنهنڪري هينئر هوءَ "هنرئيٽا" تي ڏاڍي مهرباني ڪرڻ ۽ هن کي گهڻي محبت ڏيکارڻ لڳي. چوڻ لڳي تہ "منهنجي مني، گهڻن ڏينهن کان پوءِ تو کي ڏسي ڏاڍي خوش ٿي آهيان. ڪهڙيءَ ڪُـراڙيءَ زال کي تو جهڙي خوبصورت ۽ جوان ساهيڙي آهي؟ توکي ڏسي آءٌ نهال ٿي ٿيان. وري نئين سر جواني ٿي اچيم! تون اڳي کان بہ زيادهہ خوبصورت ٿي لڳين. جو نئي مون وٽ اچي لنڊن ۾ رهين، تہ تنهنجي شاديءَ جو بلو ڪريان! "ڊيرانڊيل جو ڊيوڪ آهي، جنهن اجا شادي نہ ڪئي آهي... پر نہ، اهو چڱو ناهي- اهو اهڙو سڙيل ناهي- انهيءَ سان متان شادي ڪرين! "فٽز وارن" جو ڊيوڪ بهتر آهي. انهيءَ کي آءٌ پسند ڪندي آهيان. مون وٽ گهڻو ايندو آهي. اهو تنهنجي لائق آهي. چو، ڪلين ٿي؟ تو کي ڪلندو ڏسي آءٌ ڏاڍي سرهي ٿي ٿيان!"

هيڏي هنن ويني پاڻ ۾ ڳالهايو ۽ هوڏي مسٽر "ٽيمپل" "مسز مانٽگا مري فلاٽڊ" سان ويني ڳالهايو، جنهن "ڊوسي بائوئر" جي تعريف پئي ڪئي ۽ "مس ٽيمپل" جي بہ. پوءِ سڀ وجي ماني کائڻ وينا ۽ ماني کائيندي اوياريون لهواريون ڳالهيون بہ پئي ڪيائين. پوءِ اٿي باجي تي راڳ ڳايائون. جڏهن واندا ٿيا، تڏهن صفي ۾ ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا. وري بہ "ليڊي بليئر" "هنرئيٽا" کي پاسي تي وٺي وڃي ويٺي ۽ چوڻ لڳس تہ "ويهہ، تہ تو کي ٻڌايان تہ آءٌ تنهنجي ۽ "لارڊفٽزوارن" جي شاديءَ جي لاءِ ڪهڙي تجويز ڪنديس. مون کي افسوس آهي تہ منهنجو ڏهٽو "لارڊ بليئر" پرڻيل آهي، نہ تہ اهو تنهنجي هر طرح لائق هو. ڏاڍو خوبصورت ۽ چرچائي آهي. هن جي زال بہ ڏاڍي خوبصورت ۽ چڱي آهي. انهن جي شاديءَ جو بندوبست بہ مون ئي ڪيو هو. "پر لارڊ فٽزوارن" بہ بڇڙو ڪين آهي. تون لنڊن ۾ ايندينءَ تہ آءٌ مجلسون ڪنديس ۽ انهيءَ ۾ هن کي گهرائينديس. اهو زور سان مجلسن ۾ ايندو آهي. جيڪو اشاري سان مجلسن ۾ ايندو آهي اهو مون کي ڪين وڻندو آهي".

”مس ٽيمپل“، بيزار ٿي، زور ڪري ٻي ڳالهه آڏي وڌي. هن ڪان پڇڻ لڳي تہ ”ليڊي بليئر“ اوهين بات مان ٽيندا آيا آهيو... هن سال جو ڪهڙو حال آهي“. هن ورندي ڏني تہ ”پياري، ڪهڙيون ٿي ڳالهيون پڇين! اتي هيل مون کي ڏاڍو مزي جهڙو ماڻهو مليو. مون کي نالو وسري ويو آهي... ڏاڍو سهڻو آهي، ۽ چرچائي بہ بيحد آهي، اصل نسل جو بہ چڱو آهي- نالو ياد نٿو پويم...“ اتي ”مسز مانٽگامريءَ“ ڪام پڇڻ ۾ لڳي تہ ”انهيءَ جو نالو تو کي ياد آهي؟“ هوءَ خيال ڪرڻ لڳي، تنهن تي خفي ٿي چيائين تہ ”چو، تو کي هن جو نالو نہ ٿو اچي؟ آءٌ ڏاڍو پيار ڪندي هئي سانس. نالو ڇا اٿس...؟ مون سان انجام ڪيو هئائين تہ لنڊن ۾ اچي مون وٽ هڪڙي ڏينهن ماني کائيندو“.

نيٺ ”مسز مانٽگامري فلائڊ“ خيال ڪرڻ کان پوءِ چيو تہ ”متان ڪئپٽن آرمن ٿي چوين!“ ”ليڊي بليئر“ چيو تہ ”هائو، اهو... ڪئپٽن آرمن! پياري هنرئيٽا، تون انهيءَ سان شادي ڪجئين! اهو لارڊ فٽز وارن کان بہ چڱو آهي“.

”ڪئپٽن آرمن“ جو نالو ٻڌي، ”مس ٽيمپل“ جو رنگ ئي هارجي ويو، پر ڪنهن جي نظر متس نہ پيئي، نہ تہ ضرور ڪنهن قسم جو شڪ پوين ها. ”مسز مانٽگامريءَ فلائڊ“ چيو تہ ”ليڊي بليئر“، اهو تہ چڱو، پر تون وسارين ٿي،تہ هو جلد شادي ڪرڻ وارو آهي“.

هي ٻڌي ”مس ٽيمپل“ اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اُتي نہ سگهي ڪنڌ هيٺ ڪري، دل ۾ چوڻ لڳي تہ ”شايد اسان جي شاديءَ جي انجام جي ڳالهہ ظاهر ٿي آهي!“ پر ”ليڊي بليئر“ هن کي ورندي ڏيئي چيو تہ ”هائو هائو، برابر، مون کي وسري ويو... هو جلد شادي ڪرڻ وارو آهي... تڏهن لارڊفٽزوارن چڱو! تنهن کان سواءِ، ”ڪئپٽن آرمن“ پيسي وارو بہ نہ آهي. پر رهڻ جي محلات تمام چڱي اٿس آءٌ ڪنهن ڏينهن اتي وڃي رهنديس. ٻيو وري قرض ۾ ٻڏو پيو آهي. پر چڱو سبب اٿس جو هڪڙيءَ تمام دولتمند زال سان ٿو پرڻجي - قرض ٻرض لهي ويندس، ۽ سگهو ئي بهتر حال ۾ ايندو“.

اِتي مسٽر ”ٽيمپل“ پڇيو تہ ”ڪئپٽن آرمن ڪنهن سان ٿو شادي ڪري؟“ تنهن جي جواب ۾ ”ليڊي بليئر“ چيو تہ ”چڱيءَ زال سان. مون کي سندس نالو ياد نٿو اچي... مس ٽوشوز يا ڪو ٻيو. پياري منٽگامري فلائڊ، تون نالو ياد ڪر“. هن چيو تہ ”گرنڊيسن؟“ ليڊيءَ چيو ”هائو، اها گهڻي ملڪيت ۽ جائداد

جي وارث آهي. گرئنڊيسن جي خاندان مان باقي اها وجي بچي آهي. آءُ هن جي ڏاڏي کي بہ سڃاڻندي هيس. هو منهنجي پٽ سان گڏ اسڪول ۾ پڙهندو هو".

مسٽر "ٽيمپل" چيو تہ "آءُ هن کي سڃاڻان، اسان جو پاڙيسري آهي. اوهان کي پڪ آهي ڇا تہ هو مس گرئنڊيسن سان شادي ڪري؟" مسز مانٽگامري فلاڊ چيو تہ "انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي. سڄو بندوبست پورو ٿي رهيو آهي. جيڪي ڇوڪريون ڪنوار سان گڏ هلڻيون آهن، ۽ جيڪي زيور ۽ ٻيون شيون ڏاج ۾ يا تحفي طرح ڏيڻيون آهن، سي مون ڏٺيون بہ آهن. ٻئي گهراڻا هينئر باٽ ۾ آهن. گهوٽ ڪنوار، ٻنهي کي آءُ هر روز گڏ ڏسندي هيس. هو پاڻ ۾ ماروٽ ٿين. جوڙو تمام چڱو آهي. ويچاري سر رئنڪلف آرمن کي سال ۾ هزار پائونڊ مس پيدائش هوندي. زمين سڀ گروي اٿس. انهيءَ شاديءَ ڪري هنن جي جائداد بچي پوندي ۽ هو بهتر حالت ۾ ايندا. خوشيءَ جي ڳالهہ ڪين آهي؟".

"ليڊي بليئر" چيو تہ "اينڊز مهيني ۾ هو پرڻجڻا آهن. مون کي گرئنڊيسن وٽندا آهن، ڇا لاءِ جو پنجاهہ ورهيہ اڳي لارڊ گرئنڊيسن منهنجي پٽ جو دوست هو. مون اهو شاديءَ جو بندوبست نہ ڪيو، مگر ٿورو گهڻو ڪم مڙئي ڪيو هوم".

"مسز مانٽگامري فلاڊ" چيو تہ "ليڊي آرمن، انهيءَ ڪري ڏاڍي خوش ٿي ڏٺي. حقيقت هيءَ آهي تہ ڪئپٽن آرمن، جو جوان ۽ خوبصورت ۽ بسٽائتو ماڻهو آهي، تنهن جوانيءَ جي شروعات عيش عشرت ۾ گذاري، پر جڏهانڪر ٻاهران نوڪريءَ تان موٽي آيو آهي، تڏهانڪر البت سنڀالي ٿو هلي ۽ چڱي رستي تي آهي. ڇهہ مهينا ٿيندا جو هنن جو مڱڻو ٿيو هو. هو سڀ وقت باٽ ۾ گذاريندو آهي، رڳو بہ هفتا کن پنهنجي گهر آرمن ڏي ضروري تياري ڪرڻ جي لاءِ ويو هو. هن جي غير حاضريءَ ۾ اسين سڀ اباڻڪا هئاسين. هو ڏاڍو خوش طبع آهي. اسان سڀني کي هميشہ پيو کلائيندو هو. ٻڌڻ ۾ پيو هو تہ سيڪا جوان زال مٿس عاشق آهي"

مسٽر "ٽيمپل" چيو تہ "هو ڏاڍو نصيب وارو آهي".

هي ڳالهيون ٻڌي، "مس ٽيمپل" اٿي جاءِ ڇڏي مٿي هلي ويئي. وري سهماڻين تائين منهن ڪونہ ڏيکاريائين. سندس نوڪرياڻيءَ اچي چيو تہ هوءَ بيمار آهي، تنهنڪري هيٺ نہ لٿي آهي.

"هنرئيٽا" هتان جا نڪتي، سا سڌي ويئي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ۽ وڃي پنهنجي هنڌ تي ڪِري. روشنائي بہ برابر نہ هئي. هزارين خيال مغز ۾ اچي ڊوڙڻ لڳس. بلڪل منجهي پيئي. بيهوشن وانگي پيئي هئي، تہ سنديس نوڪرياڻي آئي ۽ بتي ڪٽي آئي. ان کي اهو پيغام ڏنائين، جو مهمانن کي آڻي ڏيو، پاڻ وري بہ ائين ئي پئي رهي. پانيائين تي تہ "هاڻ منهنجو جيئڻ ڪونهي: جنهن کي وفادار ٿي سمجهيم، سو بيوفا ٿيو. سچي محبت دنيا ۾ آهي ئي ڪانہ. جنهن محبت مان سمجهيم ٿي تہ بهشتي خوشي حاصل ٿي ٿئي، تنهن مان فقط عذاب حاصل ٿيا". هوءَ انهن خيالن ۾ هئي، تہ اوچتو جاءِ جو در کڙڪيو. هيءَ ڇُري ئي ڪين. وري بيو پيرو در تي ڪنهن هٿ هنيو، تہ بہ هيءَ نہ ڇُري، اڌ مُئي ٿيو پئي هئي. اوچتو مسٽر "ٽيمپل" آهستي اندر لنگهي اچي ڏيءَ جي هنڌ تي ويٺو ۽ نوڙي، هن جي پيشانيءَ تي چمي ڏيئي، نرميءَ سان کيس سڏڻ لڳو. "هنرئيٽا"، جا اجا تائين اکيون پوريو پيئي هئي، تنهن انهيءَ حال ۾ پيءُ کي چيو تہ "بابا سائين، مون سان نہ ڳالهايو، آءٌ اهڙيءَ مهربانيءَ جي لائق ناهيان، مون کي معاف ڪريو". هن چيو تہ "ابا، آءٌ تو کي دلاسو ڏيڻ آيو آهيان، عتاب ڏيڻ نہ آيو آهيان. جي تنهنجي مرضي اهڙي آهي، تہ آءٌ ڪٽي ڳالهائيندس ڪين". "هنرئيٽا" چيو تہ "او بابا پلي ڳالهايو، ضرور ڳالهايو. پنهنجيءَ بيوقوفيءَ ۽ چڪ ظاهر ڪرڻ ڪري پاڻ آءٌ پنهنجيءَ دل جو بار هلڪو ڪنديس. شايد اوهان کي منهنجي حال جي سڀ خبر آهي". هن چيو تہ "سڀ تہ نہ، پر گهڻي خبر اٿم". ڏيٽس چيو تہ "جي سڀ خبر پونديو، تہ اوهين تمام ڪاوڙبؤ ۽ مون کي ڌڪاريندؤ". هن چيو تہ "منهنجي هنرئيٽا، ائين نہ چؤ. مون جهڙي پيءُ کي تون ائين ڇٽي سگهين ٿي؟ ڪنهن بہ ڊپ يا حيا کان سواءِ، تون مون کي پنهنجو حال ڏي - ائين ڀانءِ تہ ڪنهن پنهنجي حال - ڀائي خيرخواهہ سان ٿي ڳالهائين. مون کي فقط هڪڙي سوال جو جواب ڏي تہ انهيءَ ماڻهوءَ سان شاديءَ جي انجام ۾ قاتل آهين ڪيئن؟" هن چيو تہ هائو آهيان. هن کي رڳو پهرين پنهنجي پيءُ کان پڇڻو هو". ڌيئس چيو تہ "مون کي خبر آهي تہ هو توسان گهڻو ملندو هو ۽ تو سان لکپڙهہ ڪندو هو، پر مون کي انهيءَ ڳالهہ تي پروسو نٿو اچي". هن چيو تہ "پهرين تہ هو لکندو رهيو، مگر هفتو ڪن ٿيندو جو هن نہ لکيو آهي ۽ پوين هڪ ٻن خطن ۾ هن نٿائڻ ۽ گسائڻ جهڙا

لفظ لکيا آهن. او بابا، آءٌ هن لڪچوريءَ جي لڪپڙهہ ڪرڻ ڪري اوهان کان گهڻي شرمندي آهيان. مون کي ائين ڪرڻ نہ کپندو هو، پر ڪي ضروري سبب مون کي ڏسڻ ۾ آيا... پر هاڻ آءٌ پشيمان تي آهيان - هن ڏاڍي بيوفائي ڪئي آهي!" مسٽر "ٽيمپل" چيو تہ "ابا، هو تنهنجي لائق ناهي، هو نالائق ماڻهو آهي". "هنرئيٽا" تڪڙي تي چوڻ لڳي تہ "بابا، ائين نہ چئو، هن کي وڏيڪ نہ ڳالهايو. ڪالهہ کان اڳي هو مون کي ڏاڍو پيارو هو ۽ هر طرح منهنجو لائق هو... پر خبر ناهي تہ ڇا ٿيو". پٽس چيو تہ "بابا، تون ارمان نہ ڪر، اها ڳالهہ وساري ڇڏ. اچ، اچي پنهنجي پيءُ جي ڇاتيءَ سان لڳ تہ آرام اچيئي". هن اتي پيءُ کي ياڪر پاتو ۽ چوڻ لڳي تہ "هاڻ مون کي آرام اچي ٿو، مگر جهڙي اڳي آءٌ خوش هيس، اهڙي وري ڪڏهن ڪين ٿينديس. پر، خير، جيڪي قصور ۽ گناهہ ڪيا اٿم، تن کان توبهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديس". پٽس چيو تہ "ابا، خدا تو کي هدايت ڏيندو، ۽ دل جو آرام ڏيندو. هاڻ آءٌ وڃان ٿو. تنهنجي نوڪرياڻيءَ کي موڪليان ٿو، جا تو کي سنڀاريندي".

ائين چئي مسٽر"ٽيمپل" نڪري ويو، ۽ نوڪرياڻيءَ کي موڪليائين، جنهن فقط ايترو سمجهيو تہ سندس ڌياڻيءَ کي مٿي ۾ سور آهي ۽ هن جي سمهڻ تائين وٽس ويٺي رهي.

---

## باب ويهون

# ”گلئسٽن بيري“ ۽ ”فردِننب“ جي گفتگو

رات جو سهماڻين مهل ”گلئسٽن بيري“ پنهنجي جاءِ ۾ ويٺو هو، تہ اوچتو در کڙڪيو. هو اُٿي در تي ويو، تہ ”فردننب آرمن“ لنگهي آيو. پر ٻاهر جو مينهن - واءُ هو، تنهن ۾ پسنو آيو ۽ ڏسڻ ۾ تمام ملول ٿي آيو. هن ٻاهه ۾ اگر وڌا، ۽ ٻتيءَ کي مٿي ڪيائين. پڇيائينس تہ ”ٻاٽ مان تو اچين ڪيئن؟“ هن انهيءَ جو جواب تہ ڪونہ ڏنو. رڳو ايترو چيائين تہ ”گلئسٽن بيري، مون جهڙو ڪم بخت دنيا ۾ ڪونہ هوندو“. تنهن تي ”گلئسٽن بيريءَ“ کي ڳڻتي ٿي. پڇڻ لڳس تہ ٻيو تہ سڀ خير آهي؟ جيڪا حقيقت هجي سا مون کي ٻڌاءِ ۽ پنهنجي دل تان بار هلڪو ڪر. من توکي تسلي ڏيئي سگهان!“ هن چيو تہ ”آءٌ ڳالهائي نٿو سگهان. نٿو سُجهيم تہ ڇا چوان. آءٌ بلڪل نااميد آهيان. الائجي منهنجو ڪهڙو حال ٿيندو!“ ”گلئسٽن بيريءَ“ وري بہ دلاسو ڏيئي همٿايس ۽ احوال پڇيائينس. تنهن تي هن چيو تہ ”اوهان کي ياد هوندو تہ ڇهہ هفتا ڪن ٿيا، جو هتي هڪڙي جوان زال اوهان ڏٺي هئي“. هن چيو تہ ”هائو، جنهن کي پُل ۾ مس گرئنڊيسن سمجهيو هو، پر هئي ٻي“. ”فردِ ننبن“ چيو تہ ”تڏهن اوهان کي سڀ خبر آهي“. هن چيو تہ ”هائو، ڏهاڪو کن ڏينهن ٿيندا جو انهيءَ ڇوڪريءَ جو پيءُ هتي اوچتو آيو ۽ مون کان تنهنجو حال احوال پڇيائين، جيڪا حقيقت هئي، سا مون ٻڌايس. تنهنجي تعريف ڪيم. هن جي ڳالهائڻ مان معلوم ڪيم تہ ٻاٽ جا ڪي ماڻهو وٽس مهمان ٿيا هئا. تن کان مس گرئنڊيسن سان تنهنجي مڱڻي ۽ شاديءَ جو ذڪر ٻڌو هئائين. مون کان پڇيائين، جيڪا ڳالهہ اڳي ئي عالم آشڪار هئي، سا مون ٻڌايس. پوءِ ويو هليو“.

اُتي ”فردِ ننب“ دانهن ڪري چيو تہ ”او گلئسٽن بيري، اوهان مون کي خوار ڪيو آهي، مون کي ٺڳ ۽ دغاباز ثابت ڪيو اٿوَ! پيارا گلئسٽن بيري، معاف ڪجو جو اوهان کي پهريون ڀيرو اهڙا لفظ چيا اٿم، پر اوهان کي منهنجي حال جي خبر ڪانهي... منهنجي دل پڃي پرزا ٿي ٿئي، هاڻ منهنجو جيئڻ محال آهي! پر ٻڌايو تہ هينئر اهي ڪٿي آهن؟ پنهنجي گهر تہ ڪين.آهن؟“ هن چيو تہ ”انهيءَ جي مون کي بلڪل خبر ڪانهي“.

"فردننڊ" نااميديءَ ۽ غم ۾ ڪرسيءَ تي ليٽي پيو ۽ چرين وانگي چوڻ لڳو تہ "هاءِ هاءِ، ڪهڙي نہ نيڪ ۽ ملائڪ جهڙي زال هئي! مون پانيو تہ آءٌ هن جي صحبت ۾ گويا جيئري بهشت ۾ هوس... هينئر منهنجون سڀ اميدون برباد ٿي وييون... هاڻ آءٌ ڇا ڪريان؟... هاءِ هاءِ!"

"گلئسٽن بيريءَ" پڇيس تہ "انهيءَ اوهان جي محبت جي "مس گرئنڊيسن" يا تنهنجن مائٽن کي ڪا خبر آهي؟" هن چيو تہ "نہ". هن وري پڇيو تہ "تڏهن هاڻ تنهنجو مطلب ڇا آهي، ارادو ڪهڙو ڪيو اٿئي؟" "فردننڊ" چيو تہ "جڏهن هنرئيٽا ٽيمپل تي پهريندي منهنجي نظر پيئي، تڏهن مون پنهنجي دل هن کي ڏيئي ڇڏي. هاڻي جيسين آءٌ هن سان شادي نہ ڪندس، تيسين مون کي آرام ڪونہ ايندو. جي ائين نہ ٿيو، تہ منهنجو جيئرو رهڻ ڪونهي!" هن پڇيس تہ "انهيءَ بابت تو بات ۾ هنن سان ڇو نہ ڳالهہ ڪئي؟" "فردننڊ" چيو تہ "انهيءَ جا ڪي باري سبب هئا. اوهان کان مون کي ڪي لڪائڻو ناهي: ڏاڍا ڳرا قرض مون تي هئا، جن مون کي اهڙي ڳالهہ ڪرڻ نہ ڏني. هاڻ آءٌ پانيان ٿو تہ جي مون کي هنرئيٽا سلي، تہ پوءِ آءٌ ڪڙمي ٿي بہ خوش گذاري سگهندس. آرمن ۾ پنهنجن وڏن جي تجمل سان رهڻ مون کي پسند نٿو اچي، جن مون کي ههڙي سُڃي حال ۾ آندو آهي ۽ ههڙي وڏي خاندان کي آٽي گوڏن پر ڪيو اٿن". هن چيو تہ "پنهنجن وڏن جي نالي ائين نہ چوءِ. هو چڱا ماڻهو هئا. اها زماني جي گردش آهي ۽ قسمت جي بازي آهي. پر تڏهن بات ۾ ايترو وقت ڇو رهيو پيو هُئين؟" "فردننڊ" چيو تہ "ڳالهہ ئي نہ پڇو. آءٌ اتي ويس، تہ ٻئي ڏينهن منهنجي هڪڙي وڏي قرض خواهہ جو ماڻهو مختيار نامو ڪٺي لنڊن مان اتي آيو. اهو مختيار نامو هن مالٽا مان هن ڏي قرض جي وصوليءَ لاءِ موڪليو هو، تنهن اچي تنگ طلبي ڪئي ۽ دعويٰ ڪرڻ جو دڙڪو ڏنائين.

هيستائين قرض خواهہ ماٺ ڪيو ويٺا هئا، جو ٻڌو هئائون تہ آءٌ هڪڙي وڏي وارثياڻيءَ سان شادي ڪرڻ وارو آهيان، پر جڏهن شاديءَ ۾ دير ڏسڻ ۾ آين، تڏهن بي صبر ٿي ڪشش ڪرڻ لڳا آهن. تنهنڪري جڏهن انهيءَ ماڻهوءَ کي بات ۾ ڏنم، تڏهن آءٌ زور ڪري بہ ڪئٽرائن سان گڏ اٿڻ ويهڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لڳس، تہ پلي هن کي شاديءَ جي جلد هئڻ جي پڪ ٿئي. انهيءَ هوندي بہ، ٻوسيءَ ڏي خط پئي لکيم. مون کي ڪهڙي خبر تہ اهي دوزخي مهمان اتي

وجي کو ڦکڙ ڦاڙيندا! مون کي ذري گهٽ دل ۾ آيو تہ هڪڙو خط لکي، دل جي سچي ڳالهہ ڪئنٽراڻن کي ٻڌائي، باٽ مان پڇي وڃان، پر وري هنرئينا جو خط جو نہ اچڻ لڳو ۽ پنج ڇهہ ڏينهن گذري ويا، تڏهن آءٌ بي آرام ٿيڻ لڳس. اُتان نڪري پيس. لنڊن ۾ ڏهہ منٽ مس گذاري، سڌو ڊوسيءَ ويس. ڏسان تہ اتي ماڻهو ئي ڪونہ نهي! هڪڙيءَ ٻڍيءَ زال مون کي چيو تہ گهر جا ڀاتي ٻاهر ڪنهن سفر تي ويا آهن، پر ڪيڏانهن، تنهنجي هن کي خبر ڪانہ هئي. هيڏي هوڏي پڇا ڳاڇا ڪيم، پر هن جو مون کي پتو ئي ڪونہ پيو - لاچار هيڏي اچي نڪتو آهيان. چار ڏينهن برابر ٿنگون هنيون اٿم. ذرو بہ ننڊ نہ ڪئي اٿم. نہ ڪي ڪاڌو اٿم. باقي پاڻي سوجهو پيتو اٿم هينئر منهنجو اهڙو حال آهي، جو پانيان تہ آرمنَ کي هٿ سان باهہ ڏيان ۽ پاڻ بہ منجهس سڙي مران!"

"گلئسٽن بيري" دلاسو ڏيئي چيس تہ "فرڊننڊ، تون ٿڪل آهين، تنهنجو دماغ جاءِ ناهي، تو کي آرام جي ضرورت آهي، هلي سمهي رهہ. خدا سڀ خير ڪندو". هن چيو تہ "نہ، مون کي ننڊ ڪين ايندي. هي مينهن جو طوفان نہ هجي ها، تہ جيڪر آءٌ مڙئي هن جو ڪو پتو ڳولي ڪڍان ها. هينئر بہ مينهن جهڪو ٿئي، تہ آءٌ وري پنڌ پوان".

آخر "گلئسٽن بيري" هن کي نڳاري سندس جاءِ ۾ وٺي ويو. نوڪرن کي جاڳائي، بتيون ٻارايائين، هنڌ وڇارائي نهرائي، باهہ ٻارائي، هن کي زور ڪري سمهاري ڇڏيائين. پاڻ اتي پنهنجيءَ جاءِ تي ويو ۽ ڪجھ وقت تائين آرمن جي خاندان جي گذريءَ ۽ هاڻوڪيءَ حالت تي ويچار پئي ڪيائين، پوءِ سمهي پيو.

صبح جو سوير "گلئسٽن بيري" وري "فرڊننڊ" وٽ آيو. ڏسي، تہ هن کي سخت تپ آهي. معلوم ٿيس تہ رات جو ذرو بہ نہ ستو آهي. "گلئسٽن بيريءَ" ارمان ڪاڏو تہ هن وٽان نہ وڃان ها تہ چڱو هو. هو بَستليل ڳالهيون بہ ڪرڻ لڳو. تنهنڪري هن اشراف هڪڙي ويجهي طبيب ڏي ماڻهو بہ موڪليو. تيتري ۾ "فرڊننڊ" کي بہ دلاسا ڏيئي روڪي وهاريائين. جو هن صبح ٿيڻ سان اهڙي حال ۾ بہ "ٽيمپل" جي ڪتنب جي ڳولا ۾ ٻاهر وڃڻ تي گهريو. هن کي چيائين تہ "تون دلجاءِ ڪر، آءٌ ماڻهو تو موڪليان، اهو وڃي انهن جو پتو ڪڍيو تو اچي". پاڻ وري هڪڙو خط لکي "سر رئنٽڪلف" ڏي "باٽ" ۾ موڪليائين، جنهن ۾ تجويز سان "فرڊننڊ" جي بيماريءَ جو حال لکيائين تہ "رڳو اوهين اچو

تہ چڱو، ٻيو ڪو ڪونہ اچي تہ بهتر". اهو انهيءَ لاءِ ڪيائين، جو ڊپ هوس تہ متان "مس گرئنڊيسن" بہ هلي اچي ۽ انهيءَ جي اچڻ ڪري متان "فرڊننڊ" جو حال ابتر ٿئي.

طبيب سگهو ئي آيو. انهيءَ چيو تہ هن کي مغز جو تپ آهي ۽ دماغ ۾ حرڪت اٿس ۽ سير ڇوڙڻ جو بندوبست ڪيائين. "فرڊننڊ" جي طبيب سان بہ اها ئي جنگ هئي تہ جلد سير ڇوڙي، ٻانهن ٻڌي، هن کي آرام جي دوا پياري، ۽ ٻي ضروري فهمائش ڪري هليو ويو ۽ "فرڊننڊ" کي انهيءَ دوا جي اثر ڪري چڱي ننڊ اچي ويئي.

---

## باب ايڪيهون

# ”فرڊننڊ“ جي بيماري ۽ سندس مائٽن جو اچڻ

جڏهن ”فرڊننڊ“ جي مائٽن کي ”گلئسٽن بيريءَ“ جو خط پهتو، تڏهن هنن کي ڏاڍو انتظار ٿيو. هڪدم آرمن ڏي وڃڻ جي تياري ڪيائون. جنهن ڳالهه کان ”گلئسٽن بيريءَ“ تي پڪو، سا نيٺ ٿي: ”مس گرئنڊيسن“ چوي ته آءٌ ضرور هلان ۽ پنهنجي ”فرڊننڊ“ کي ڏسان ۽ هن کي ڪم اچان. سندس ماسي، جا اجا بيمار هئي ۽ جنهن جي لاءِ هو سڀ هيترا ترسي پيا هئا، تنهن کي لاچار اُتي ڇڏيائون، جو هوءَ سفر ڪرڻ جهڙي نه هئي. لنڊن ۾ هنن کي ”گلئسٽن بيريءَ“ جو وري ٻيو خط پهتو، جنهنڪري هنن کي پاڻ زيادهه انتظار ٿيو ۽ راتو واهه اچي آرمن کان نڪتا. ”فرڊننڊ“ جي اهڙي سخت حالت هئي، جو طبيب منع ڪري ڇڏي هئي ته سواءِ ”گلئسٽن بيريءَ“ ۽ طبيب ۽ خذمت ڪرڻ واريءَ دائي جي ٻيو ڪو به هن وٽ نه وڃي - خود ماءُ پيءُ کي ڏاڍو درد ٿيڻ لڳو. ذري ذري پئي هن کان پٽ جو احوال پڇيائين. هن کي مغز جو تپ تمام زور هو، ۽ دماغ جي خلل ڪري اجا به اجائي بَڪ شڪ پئي ڪيائين.

ٽي ڏينهن برابر اها سختيءَ جي حالت هلي. جنهن ۾ هو مرڻ ۽ جيئڻ جي وچ ۾ پئي لُڏيو. چوٿين ڏينهن ”فرڊننڊ“ کي چڱي ننڊ آئي، جا هيترا ڏينهن هن کي نه آئي هئي. طبيب هن جي ماءُ پيءُ کي آهستي آهستي وٺي هن وٽ آيو. ”ڪئٿرائن“ ۽ ”گلئسٽن بيري“ باغ ۾ پئي گهميا. هن کي سٽل ڏسي، طبيب جي دلجاءِ ڏيڻ تي تمام خوش ٿيا- ”ڪئٿرائن“ ته خوشيءَ کان ذري گهٽ بيهوش ٿي هئي. ماءُ پيءُ کي پٽ جي جلد تندرست ٿيڻ جي اميد ٿي.

تنهن کان پوءِ روز بروز ”فرڊننڊ“ ويو بهتر ٿيندو- پر تمام آهستي آهستي. اجا تائين به طبيب مناسب نٿي سمجهيو ته مائٽن مان ڪو به ”فرڊننڊ“ وٽ وڃي. هڪڙي ڏينهن صبح جو ”فرڊننڊ“ ”گلئسٽن بيريءَ جي پڇا ڪئي ۽ اُهو طبيب جي اجازت سان وٽس ويو. انهيءَ سان ڳالهايائين ۽ پڇا ڪرڻ تي چيائين ته هاڻ بهتر آهيان. پوءِ هن کان پڇيائين ته ”ڪو وڏيڪ حال احوال معلوم ٿيو، يا ڪو پتو؟“ هن چيو ته ”سڀ چڱي ٿيندي، تون خير سان چڱو ڀلو ٿي اُٿ، پوءِ سڀ خبرون ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندين“. پوءِ ماءُ جو پڇيائين ته ”انهيءَ کي منهنجي بيماريءَ جي خبر

آهي؟" هن چيو تہ "هائو، آهي". "فرڊيننڊ" چيو تہ "تڏهن هوءَ ضرور جلد ايندي، پر آءٌ هن جي اچڻ کان پيو ڊڄان. آءٌ هيءَ حال ۾ انهن مان ڪنهن کي ڏسي نہ سگهندس. پر، تون منهنجو حال ڄاڻين ٿي، تو منهنجي محبوب کي ڏٺو آهي، وري بہ تون هن کي ڳولي لهندين ۽ هن کي حقيقت جي ڳالهہ ٻڌائيندين، تو تي هوءَ ويساهہ ڪندي، مون تي ڪڏهن نہ ڪندي". "گلئسٽن بيريءَ" هن کي وري بہ دلاسا ڏيئي چيو تہ "تون چڱو ٿي اُٿ، پوءِ جيڪي تون چوندين سو آءٌ ڪندس ۽ تو کي ڪنهن بہ طرح خوش ۽ راضي ڪندس".

پوءِ "فرڊيننڊ" وري چيس تہ "مون ڏاڍا خوفناڪ خواب پئي ڏٺا آهن ۽ هر روز پئي ڏٺا اٿم: ڏسان ٿو تہ ڪٽميءَ جي گهر هنڌ تي پيو آهيان، "هوءَ منهنجي پاسي ۾ ويٺي آهي، آءٌ سندس هٿ ونيو ويٺو آهيان، سمجهان پيو تہ هوءَ مون سان خوش آهي ۽ مون کي معافي ڏني اٿس".

تنهن کان پوءِ "گلئسٽن بيريءَ" سندس ماءُ جي ڳالهہ آڻي وڌي ۽ ٻڌايائينس تہ "اُها آئي آهي ۽ تنهنجو پيءُ بہ آيو آهي." تنهن تي فرڊيننڊ تڪڙو ٿي پڇيو تہ "ٻيو تہ ڪو ماڻهو ساڻن ڪونہ آيو آهي؟" هن چيو تہ "تنهنجن خيرخواهن ۽ دوستن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ هتي ڪونهي. تون هينئر گهڻو نہ ڳالهاءِ، آرام ڪر. سڀاڻي تنهنجي ماءُ تو کي ڏسڻ ايندي. هاڻ آءٌ وڃان ٿو، تہ تو کي آرام اچي". ائين چئي، "گلئسٽن بيري" آهستي کسڪي هليو ويو.

ٻئي ڏينهن، "ليڊي آرمن" "فرڊيننڊ" کي اچي ڏٺو. اچڻ کان اڳي، "گلئسٽن بيري" توڙي طبيب، جو بيهوشيءَ جي حالت ۾ "فرڊيننڊ" جو وقلڻ ٻڌي گويا سندس حال - ڀائي ٿيو هو، تن هن کي جهلي ڇڏيو هو تہ هن سان "مس گرئنڊيسن" جي ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ ڪري، بلڪ هن جي اتي هئڻ جو بہ ذڪر نہ ڪري، نيٺ ماءُ، پٽ سان ڳالهيون ڪري، دڙ دلاسا ڏيئي، خوش ٿي هلي ويئي. ٻئي ڏينهن وري پٽس اچي ڏٺو. ٻئي هاڻ خوش ٿيڻ لڳا ۽ پڪ ٿين تہ هينئر سندن پٽ بيماريءَ کان ڇٽيو. اوير سوير، "فرڊيننڊ"، "گلئسٽن بيريءَ" کي گهرائي، انهيءَ سان پنهنجي دل جون ڳالهيون ڪندو هو. "مس گرئنڊيسن" کي بہ "گلئسٽن بيري" خوش رکندو آيو ۽ اڪثرگاڏيءَ تي چاڙهي هن کي گهمائڻ ويندو هو ۽ ڪڏهن ڳائڻ وڄائڻ ۾ هن سان شامل ٿيندو هو. هن کي بہ پنهنجي مڱيندي ۽ آئيندي جي مڙس جي اُستاد جي صحبت گهڻي وڻندي هئي

۽ "گلئسٽن بيريءَ" کي بہ هن جي طبيعت وڻي ويئي ۽ معلوم ٿيس تہ نهايت نيڪ ۽ قابل ۽ چڱي طبيعت واري زال آهي: مطلب تہ هنن جي پاڻ ۾ ايتري محبت ٿي ويئي، جهڙي ڪنهن پيءُ ۽ ڌيءُ جي ٿيندي آهي.

هڪڙي ڏينهن صبح جو "فردننڊ" "گلئسٽن بيريءَ" کي چيو تہ "آءٌ پانيان ٿو تہ "ڪئٽرائن" هتي آهي!" هن چيو تہ "هائو، برابر هتي آهي". هن وري پڇيو تہ "تڏهن چو ڪير هن جو ذڪر مون سان نٿو ڪري؟ متان منهنجي ڳجهہ جي خبر سيني کي پئجي ويئي آهي!" گلئسٽن بيريءَ چيو تہ "مون هنن کي ڪو عذر ڏيئي جهليو آهي، پر تنهنجي ڳجهہ جي اجا ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي، انهيءَ جي دلجاءِ ڪر". تڏهن "فردننڊ" چيو تہ "منهنجي مرضي آهي تہ آءٌ هن کي ڏسان ۽ ساڻس ڪي ڳالهايان، چا لاءِ جو آءٌ وسهان ٿو تہ آءٌ هن کي هر روز پيو زياده نڱيان ۽ هوءَ پُل ۾ گمراهہ رهندي اچي- اها ڳالهہ مناسب ناهي". "گلئسٽن بيريءَ" چيو تہ "تون ڪنهن بہ وقت مس گرئنڊيسن کي ڏسي سگهين ٿو، مگر انهيءَ ڳالهہ بابت في الحال هن سان ذڪر ڪرڻ چڱو ناهي. هوءَ نهايت عقل واري ۽ تعريف جوڳي جوان زال آهي، مون کي هن جي صحبت نهايت پسند آهي، منهنجي هن سان تمام گهڻي محبت آهي، منهنجي ڪڏهن مرضي ناهي تہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪجي يا اهڙو ڪو ڪم ڪجي، جنهنڪري هوءَ رنج ٿئي، يا هن جي آبروءَ کي ڪو ٽڪو لڳي: تنهنڪري بهتر آهي تہ تون هن کي نہ ڏسين ۽ نہ ڳالهائين. اُميد آهي تہ جلد اهڙو وقت ايندو، جڏهن تون هن سان ڳالهائي سگهندين، نہ تہ هونئن هوءَ تو ڪان وڌيڪ تنهنجي ڏسڻ ۽ توسان ڳالهائڻ لاءِ منتظر آهي".

هوڏي، "گلئسٽن بيري" "ڪئٽرائن" کي اهو عذر پيو ڏيندو هو تہ تنهنجي "فردننڊ" وٽ وڃڻ ڪري ڊپ هو تہ متان هو گهڻي شوق ۽ محبت ڪان وري بيمار ٿي پوي ۽ هوءَ بہ خيرخواهيءَ جي نظر تي راضي رهندي ايندي هئي. اُهو ڏينهن تمام چڱو ٿيو هو، سج جي روشنائي چڱي ٿي هئي، اهڙو ڏينهن هر روز نہ ٿيندو هو. تنهنڪري "سر رئنٽڪلف" بندوق کڻي ٻيلي ۾ شڪار تي ويو ۽ "گلئسٽن بيري" ۽ "مس گرئنڊيسن" گاڏيءَ تي چڙهي ويجهي ڪنهن ڳوٺ ڏي ويا ۽ نقش ڪيڻ جو سامان پاڻ سان کڻي ويا. ڏينهن جي ماني کائي ويا هئا، وري شام جو موٽي اچڻا هئا.

اُهو ڏينهن خير جو گذريو. ”سر رئنٽکلف“ چڱو شڪار ڪري، سج لٿي کان اڳي آيو. ”ليڊي آرمن“ پنهنجي پٽ وٽ ويني هئي. ”گلئسٽن بيريءَ موٽڻ ۾ دير ڪئي. سڀ انتظار ۾ هئا. آخر دير دير گاڏي آئي. ”مس گرئنڊيسن“ ماٺ ماٺ ڪري مٿي چڙهي ويئي. اونداهيءَ جي ڪري، سندس ڳاڙهيون اکيون ڪنهن کي ڏسڻ ۾ نہ آيون. ”گلئسٽن بيري“ هنن کي چيو تہ ”مس گرئنڊيسن“ جي طبيعت برابر ناهي، تنهنڪري اوهين انتظار نہ ڪجو، جو سندس اهڙي مرضي آهي“.

آخر، هميشہ وانگي، ماني ڪائي، ”فرڊننڊ“ کي ڏسي سڀئي وڃي ستا.

## باب ٻاويھون

# ”فرڊننڊ“ ۽ ”ڪيٿرائن“ ھڪٻئي جا حال - پائي

ٻئي ڏينھن صبح جو جڏھن ”گلئسٽن بيري“ محلات ۾ ويو، تڏھن اتي گوڙ گڙٻڙ ڏٺائين. معلوم ٿيس تہ ”مس گرئنڊيسن“ اجا بيمار آھي، ۽ جھلي چڙيو اٿس تہ مون وٽ ڪونہ اچي وڃي، ۽ ڪنھن طبيب کي بہ گھرائجي، تنھنڪري جھڙو ”سر رئنٽڪلف“ تھڙو ”ليڊي آرمن“، ٻئي نھايت انتظار ۾ ھئا. ”مس گرئنڊيسن“ جي ھن پنھنجي پڦيءَ سان تمام گھڻي دل ھوندي ھئي ۽ ھميشہ اھا خواھش پئي ڪندي ھئي تہ الائجي ڪڏھن ”فرڊننڊ“ جي زال ۽ پڦيءَ جي ننھن ٿينديس. ھوڏي وري ”سر رئنٽڪلف“، گھڻي وقت تائين ساڻن رھڻ سان، ”مس گرئنڊيسن“ جي قابليت ۽ نيڪ طبيعت ۽ فضيلت معلوم ڪري، ھن کي تمام گھڻو پسند ڪندو ھو، ھن کي پيار ڏيکاريندو ھو، ۽ ھميشہ خدا کي اھو سوال پيو ڪندو ھو تہ جلد ”فرڊننڊ“ جي ھن سان شادي ٿئي، جو انھيءَ ڪري اھا بہ اميد ھيس تہ سندن خاندان بہ وري سنڀاليندو ۽ سڌرندو.

مسٽر ”گلئسٽن بيري“، جو ٿورو گھڻو طبابت جو ڪم بہ ڄاڻندو ھو ۽ پادري بہ ھو، سو ”مس گرئنڊيسن“ وٽ وڃي ٿي سگھيو. ٿورن ڏينھن کان پوءِ ”مس گرئنڊيسن“ بھتر ٿي، ۽ ھيٺ لھي ٻين سان شامل ٿيڻ جھڙي ٿي، مگر سندس شڪل اڳئين جھڙي نظر نٿي آئي - تمام ملول ۽ غمگين ھئي. اڳي جيڪا خواھش ”فرڊننڊ“ کي ڏسڻ جي يا خط لکڻ جي ڏيکاريندي ھئي، سا بہ وري ڪانہ ڏيکاريائين - ايترو سو اجا بہ ڪندي ھئي، جو اڳي وانگي باغ مان گل گڏ ڪري ھن جي جاءِ ۾ رکڻ لاءِ موڪليندي رھي. اڪثر گھڻو وقت پنھنجيءَ جاءِ ۾ گذاريندي ھئي.

نيٺ ھڪڙي ڏينھن صبح جو ”ليڊي آرمن“ سڏيس تہ ھلي ”فرڊننڊ“ کي ڏس، جو ھينئر البت گھمڻ گھتڻ جھڙو ٿيو آھي. ”مس گرئنڊيسن“ سنبري ۽ ”گلئسٽن بيريءَ“ کي ساڻن گڏجي ھلڻ لاءِ چيائين. ٽيئي اُتي آيا. ”فرڊننڊ“ انھيءَ مھل آرام ڪرسيءَ تي وھاڻن جي ٽيڪ تي ويٺو ھو. تمام ضعيف ھو. اکيون ذرا ڏيئي ويون ھيس. مٿو ڪوڙائي ڇڏيو ھئائونس، تنھنڪري ھڪڙو ڪارو رومال مٿي کي ويڙھيل ھوس. جڏھن ”ڪيٿرائن“ کي ڏٺائين، تڏھن

اکيون کٽي هيٺ ڪيائين، پر هٿ ڏکيري هن کي ڏنائين. هوءَ بہ تمام ٿڪي ڏسڻ ۾ آئي ۽ هن جو ٿڌو هٿ وٺي ۽ هن جي ضعيف ۽ خوف جهڙي شڪل ڏسي، روئڻهارڪي ٿي ويئي. "فرڊننڊ" چوڻ لڳس تہ "ڪئٿرائن، تون تہ مون کي سڃاڻي نہ سگهندي هوندينءَ؟ تو پلاٽي ڪئي آهي، جو مون بيمار کي ڏسڻ آئي آهين!" "مس گرئنڊيسن" ڪجهہ جواب ڪونہ ڏنو. "فرڊننڊ" وري چيو تہ "آرمن تو کي وٺي ٿو يا نہ؟ آءٌ چڱو ڀلو هجان تہ جيڪر تو کي گهمائي ڏيکاريان، پر گلشسٽن بيري ڏاڍو مهربان آهي، اهو سڀڪجهہ ڪندو هوندو". هن ويچاريءَ گهڻو ٿي گهريو تہ ڪي ڳالهايان پر زبان ٿي نہ پئي اٿليس، چپ پئي چُريس، پر آواز ٿي نہ پئي نڪتس.

اتي "ليڊي آرمن" چيو تہ "ڪيٽ بہ بيمار هئي، تو کي ڏسي، پاڻ زيادهہ بيمار ٿي ٿئي". پوءِ اتي، "ڪئٿرائن" کي چمي ڏيئي، چوڻ لڳي تہ "پياري ڪيٽ، گهڻو افسوس نہ ڪر، خدا ڪندو تہ فرڊننڊ جلد وري چڱو ڀلو ٿيندو". تنهن تي هوءَ منهن ڍڪي سڏڪا ڀرڻ لڳي. نيٺ "فرڊننڊ" لاچار ٿي چوڻ لڳس تہ "پياري ڪيٽ، اچ، اچي منهنجي پاسي ۾ ويهہ". تنهن تي هوءَ هيڪاري اچي روئڻ ۾ پيئي ۽ بيهوش ٿيڻ تي هئي: هوڏي "فرڊننڊ" ٽپ ڏيئي اٿيو، هوڏي "ليڊي آرمن" ۽ "گلشسٽن بيريءَ" پاٽي ڇٽڪي هن کي سامت ۾ آندو، ۽ پوءِ هن کي جاءِ مان ڪڍي ويا. "فرڊننڊ" کي ماٽس وري اچي دڙ دلاسو ڪيو. چوڻ لڳي تہ "ابا، تون گهڻو فڪر نہ ڪر، هوءَ جلد بهتر ٿيندي. تو کي ڏسي هن کي صدمو پهتو آهي. ويچاريءَ جي دل ڪهڙي نہ محبت ڀري آهي! فرڊننڊ، تون ڏاڍو نصيب وارو آهين... هن سان گڏ تون ڏاڍو خوش گذاريندين!" هن ڪرڪي چيو تہ "امان، آءٌ ڪڏهن خوش ڪين گذاريندس..." ماٽس چيو تہ "ابا، خير گهر، اهڙو ملول نہ ٿيءُ، دل نہ لاهہ، اميد آهي تہ تون جلد چڱو ڀلو ٿيندين ۽ پوءِ پاڻيهي خوش رهندين". "فرڊننڊ" چيو تہ "امان، تون ڀلجين ٿي... ڀلجين ٿي!" ماٽس چيو تہ "رک خدا تي، اميد آهي تہ تون جلد تندرست ٿيندين. اجا تنهنجي سنڀال ٿيڻ گهرجي. هاڻ آءٌ وڃان ٿي، ڀلي تون سمهي ننڊ ڪر ۽ آرام وٺ". ائين چئي، "ليڊي آرمن" هلي ويئي.

ٻئي ڏينهن "فرڊ ننڊ" اهڙو ٿيو، جو لهي هيٺ ڪتبخاني ۾ اچي ويٺو. سيئي اچي اتي گڏ ٿيا. "مس گرئنڊيسن" بہ، ڪي پنهنجيءَ عادت ڪري ۽

ڪي "گلئسٽن بيريءَ" جي صلاح مصلحت سان، اهڙو پاڻ تي عمل هلائڻ لڳي جو "فرڊ ننڊ" سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ حجاب نہ ڪرڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ٻئي گڏ گهمندا بہ هئا ۽ ڪلندا بہ هئا. پر "فرڊ ننڊ" ايترو بيشڪ سهي ڪري سگهيو تہ هوءَ زور سان ائين ٿي ڪري ۽ سندس هلت اهڙي نہ هئي جهڙي اڳي "باٿ" ۾ هوندي هئي. جيڪو ظاهري پيار هو ڏيندو سو ماٺ ڪري ٻڌندي هئي ۽ بيو وڌيڪ ڪين چوندي هئي - تنهن تي "فرڊ ننڊ" کي بہ حيرت لڳندي هئي.

هڪ ڏينهن فرڊننڊ جي چوڻ تي، "سر رئنٽڪلف" ۽ "ليڊي آرمن" گاڏيءَ تي چڙهي هوا کائڻ ويا، جو "فرڊ ننڊ" جي بيماريءَ ڪري گهٽا ڏينهن هو ٻاهر نہ ويا هئا. گهر ۾ باقي "فرڊ ننڊ" ۽ "مس گرئنڊيسن" هئا. هن جي وٺي ڪان پوءِ هو ٻئي، هڪبئي کي ٻانهن ۾ ٻانهن ڏيئي، باغ ۾ پسار ڪرڻ لڳا. ٿوري پنڌ ڪرڻ ڪان پوءِ "فرڊ ننڊ" چيو تہ "پياري ڪيٽ، ٿورو ساهي ڪٽنداسون، توکي ڪي چوڻو اٿم". هي ٻڌي هن جو رنگ هارجڻ لڳو. هوءَ ڏڪڻ لڳي ۽ جواب ڪونہ ڏيئي سگهي. "فرڊ ننڊ" وري چيو تہ "منهنجي حالت رحم جي لائق آهي ۽ منهنجي دل ٽُٽل آهي. اگرچ ڳالهہ ڪرڻ ڏکي آهي، تہ بہ مون کي فرض ادا ڪرڻو آهي ۽ سچ چوڻو آهي. پياري ماروٺ، آءٌ تنهنجو قصور وارٌ آهيان. مون توکي تمام گهڻو رنج ڪيو آهي. ڪٿتراٿن، آءٌ بلڪل تنهنجو لائق ناهيان. مون توسان ٺڳي ۽ دغابازي ڪئي آهي. هي جيڪي پنهنجي ڳنڍڻ جا نهراءَ پيا ڪن، تن مان نڪا توکي عزت حاصل ٿيندي، نڪا خوشي، پر خدا تنهنجي ٻاران مون ڪان انهيءَ جو حساب وٺي ڇڏيو آهي." "مس گرئنڊيسن" چيو تہ "نہ، فرڊ ننڊ، نہ، آءٌ توڪان وير وٺڻ نٿي گهران... انهيءَ ڳالهہ کي وساري ڇڏ، متان وري بيمار ٿي پوين!" هن گهڻو ئي ننايو، پر "فرڊ ننڊ" نہ ڇڏيس. ٻانهن وٺي، زور ڪري ويهاري، چيائينس تہ "ڪٿتراٿن، ٻڌ: پياري ماسات، آءٌ توکي نهايت گهڻيءَ عزت ۽ تعظيم جو لائق ٿو ڄاڻان. توکي خوش رکڻ جي لاءِ آءٌ جيڪر پنهنجي جان بہ فدا ڪريان. تون نهايت خوبصورت ۽ نيڪ سيرت آهين. مون چاتو تي تہ پاڻ ڏاڍا خوش گذاريندا سين، پر هاڻ آءٌ توسان ٺڳي نہ ڪندس، توکي گمراهہ نہ ڪندس، توسان ڪوڙ نہ ڳالهائيندس..."

"مس گرئنڊيسن" چي تہ "آءٌ ڪو توکي ڏوراپو ٿي ڏيان، يا توتي ڪا تهمت ٿي آڻيان ڇا؟" هن چيو تہ "جي توکي حقيقت جي خبر پوندي، تہ تون مون

کي عتاب بہ ڏيندينءَ“. هن چيو تہ ”مون کي حقيقت جي سچي خبر آهي“. ”فردِ نندِ“ حيران ٿي چيو تہ ”انهيءَ هوندي بہ ساڳئي گهر ۾ ۽ ساڳئي ڇت هيٺ مون سان گڏ رهي سگهين ٿي، مون کي ڌڪارين نٿي!“

هن چيو تہ ”آءٌ ڪنهن کي ڪين ڌڪاريندي آهيان، تڏهن توکي خاص ڪهڙيءَ طرح ڌڪاري سگهنديس؟“ ”فردِ نندِ“ وري بہ حيرانيءَ مان چيو تہ ”توکي سيڪا خبر آهي ۽ پوءِ بہ منهنجي هيتري سنڀال ٿي ڪرين، هيئن مون کي ٻانهن ڏيئي هلين ٿي ۽ مون سان کلي ڳالهائين ٿي! ڪئٿرائن، تون ڪا ڏاڍي خوش خُلق ۽ خوش نصيبت آهين!“ هن نرمائيءَ سان چيو تہ ”فردِ نند، پنهنجي فرض ۽ پنهنجي مذهب ۽ ڪن ٻين ڳالهين جي نظر تي مون کي ائين ڪرڻ ضرور ٿو ٿئي، نہ تہ مون کي خبر آهي تہ تنهنجي دل ٻئي ماڻهوءَ جي آهي. مون کي انهيءَ جي نالي ڄاڻڻ جو ضرور ڪونهي“. هن پڇيو تہ ”تڏهن گلئسٽن بيريءَ توکي ٻڌايو آهي؟“ ڪئٿرائن چيو تہ ”انهيءَ اشراف بہ جيڪو اشارو ضروري ڄاتو اُهو مون کي ڏنو، وڌيڪ احوال معلوم ڪرڻ منهنجو ڪم ناهي“.

ٿورو ماٺ ڪري، ”فردِ نندِ“ چيو تہ ”ڪئٿرائن، تون مون کي پڪ ڏي تہ مون کي نٿي ڌڪارين. مون کي معاف ڪر، مون کي ديوانو سمجهہ، پر مون کي خراب نہ سمجهہ!“ هن چيو تہ ”فردِ نندِ“ پاڻ ٻئي ڪمبخت آهيون!“ ”فردِ نندِ“ چيو تہ ”ائين نہ چئُ... آءٌ برابر ڪمبخت آهيان، پر تون چڱي نصيب واري ٿيندينءَ ۽ خوش رهندينءَ.“ هن چيو تہ ”فردِ نند، پڪ ڄاڻج تہ جي تون خوش نہ هوندين تہ آءٌ بہ ڪڏهن خوش نہ رهي سگهنديس. : آءٌ هن دنيا ۾ اڪيلي آهيان، تنهنجا مائٽ ئي منهنجا مائٽ آهن، تنهنجي ماءُ منهنجي ماءُ آهي، منهنجي خوشي ۽ خوش نصيبي تنهنجي ڪٽنب تي منحصر آهي، اسان جي ميلاپ ۾ هنن کي گهڻي اميد ۽ آسرو آهي، جيڪڏهن اسان جي جدائيءَ جي هنن کي خبر پوندي، تہ هو نهايت غمگين ۽ نااميد ٿيندا. تنهنڪري آءٌ نفس ماريو پيئي گذاريان - نڪو توکي ڪو مهڻو ٿي ڏيان، نہ ڏوراپو - صبر ڪري، پنهنجي قسمت تي راضي ٿي پيئي گذاريان!“

هي ٻڌي ”فردِ نندِ“ چيو تہ ”ڪئٿرائن، پياري ڪئٿرائن، چو پاڻ جدا ٿياسين جو منهنجي ههڙي حالت ٿي!“ هن چيو تہ ”اهو قسمت جي وس آهي، گهڙيءَ لاءِ ڌڪارجڻ بهتر آهي، جو پوءِ عمر تائين ڏهاڳ ۾ رهجي“. ”فردِ نندِ“ چيو تہ ”خدا جي واسطي، ڪئٿرائن، ائين نہ چئُ. آءٌ قسم کڻي ٿو چوان تہ آءٌ توکي نهايت تعظيم ٿو

ڏيان، توکي نهايت لائق ۽ پاڻ کي نهايت نالائق ٿو ڄاڻان، پر، بس، منهنجي دل پنهنجي وس ناهي.... جيڪو ٿيو سو ٿيو." هن چيو ته "فرڊ ننڊ، آءٌ گهڻو خوش آهيان جو تون مون تي مهربان آهين، پر اسان کي گهرجي ته هڪٻئي کي سمجهي ڇڏيون. آءٌ في الحال هتي ويٺي رهنديس، پر تنهنجي محبت هٽ ڪرڻ لاءِ ڪا به ڪوشش ڪانه ڪنديس. ايترو مون کي گذرئي آزمودي مان معلوم ٿي رهيو آهي ته اسين هڪٻئي جا جوڙ ٿي نه سگهنداسين. جيڪي مست ڪندڙ خاصيتون توتي جادوءَ جهڙو اثر وجهي سگهن، سي مون ۾ ڪينهن. اڳتي خفي کان سواءِ هڪٻئي سان گڏ رهي نه سگهداسين. آخر ويجها مائٽ آهيون: جيڪي هيستائين تو منهنجي نسبت ۾ ڪيو آهي تنهن جي لاءِ آءٌ توکي دليئون بجانيئون معافي ٿي ڏيان ۽ اهو اصل وساريو ٿي ڇڏيان".

"فرڊ ننڊ" اکين مان ڳوڙها وهائي چيو ته "ڪئٿرائن، تون نهايت صاف دل ۽ مهربان زال آهين. تو جهڙي وڏي دل ۽ دماغ واري ٻي دنيا ۾ مشڪل هوندي. مون کي زبان سان شڪر گذاري ڪرڻ نٿي اچي، اها آءٌ دل سان ڪريان ٿو. برابر، جيئن تون چوين ٿي تيئن، پاڻ مائٽ آهيون: جي منهنجي ماءُ تنهنجي ماءُ آهي، ته آءٌ به اڳتي توسان ڀاءُ ٿي گذاريندس ۽ اميد اٿم ته ڀائپيءَ جا سڀ حق پوريءَ طرح ادا ڪنديس".

انهيءَ مٿينءَ گفتگوءَ کان پوءِ "فرڊ ننڊ" جي دل جو بار گهڻو هلڪو ٿيو ۽ انهيءَ کان پوءِ هو سڀ هڪ گهر ۾ تمام چڱيءَ طرح گذاريندا هئا. "فرڊ ننڊ" آهستي بهتر ٿيندو ويو ۽ سيني هن کي خوش رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي - خاص "مس گرئنڊيسن". انهيءَ هوندي به، "فرڊننڊ" جهڙو پهرين ڏينهن ۾ خوش گذاريندو هو. اهڙو نٿي گذاريائين. جيتوڻيڪ محبت ڏيڻ وارا گهڻا هئس، تڏهن به هن جي دل "هنرئيٽا ٽيمبل" جي لاءِ اٻاڻڪي هئي ۽ هو هميشه اها اميد رکيو ايندو هو ته نيٺ هو ساڻس گڏبي. انهيءَ جي پتي ڪڍڻ لاءِ "گلئسٽن بيريءَ" گهٽائي مٿا هنيا - ايترو معلوم ٿيو ته انگلنڊ مان نڪري ويا آهن، باقي ٻئي ڪهڙي هنڌ آهن سا خبر نه پئجي سگهيس. انهيءَ ڳالهه جو فرڊ ننڊ کي هميشه فڪر ۽ غم رهندو هو.

---

## باب ٽيويهون

# ”لارڊ مانٽفرڊ“ سان مسٽر ۽ مس ٽيمپل جي معرفت

هتي اسين هڪڙو نئون ماڻهو آڻيون ٿا، جو ”انٽفرڊ“ جو ”مارڪُئس“ آهي. هن جو ڏاڏو، فوتي مارڪُئس، ”گلئسٽن بيريءَ“ جو مربي هو. انهيءَ جي مرڻ کان پوءِ هيءُ جوان سندس ملڪيت ۽ لقب جو وارث ٿيو. جڏهن ”فرڊ ننڊ آرمن“ مالٽا ڏي وڃڻ کان اڳي لنڊن ۾ ويو هو، تڏهن هن سان واقفيت ٿي هيس. انهيءَ وقت هن جو نالو ”ڊگبي“ هو، پوءِ ”مارڪُئس“ ٿيو. هو ڏاڍو قابل ۽ همت ڀريو ۽ چڱن اخلاقن وارو جوان ماڻهو هو. مذهب جو ڪئٿولڪ هو ۽ جرمنيءَ ۾ چڱي تعليم حاصل ڪئي هئائين. شڪل جو بہ تمام چڱو هو. يورپ جو گشت بہ ڪيل هوس ۽ نقاشيءَ ۽ ٻين عمدن هنرن جو بہ شوق هوندو هوس، تنهنڪري روم ۾ پنهنجي رهڻ جي جاءِ نهراياڻين.

مسٽر ”ٽيمپل“، پنهنجي ڌيءَ جي بيماري سبب، هوا بدلائڻ لاءِ ”ڊوسي“ ڇڏي اٽليءَ ڏي ويو هو ۽ اتي وڃي ”پئسا“ شهر ۾ رهيو، اتي ”لارڊ مانٽفرڊ“ جي هن سان واقفيت ٿي. ٻنهي کي هڪٻئي جي صحبت وڻي ويئي، سو اڪثر هڪٻئي وٽ ايندا ويندا هئا. ”هنرئيٽا“ پيءَ سان گڏ هن جي جاءِ تي نہ ويندي هئي، جو اڃا هن جي دل ۽ طبيعت پوري ٺڪاڻي نہ هئي. پر، لارڊ جي گهڻي چوڻ تي، هڪڙي ڀيري مسٽر ”ٽيمپل“ پنهنجي ڌيءَ کي صلاح ڏني تہ ٻاهر نڪرڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ ۽ دل وندرائڻ سندس لاءِ بهتر آهي ۽ ”لارڊ مانٽفرڊ“ جي بہ هن تعريف ڪئي تہ تمام چڱو ۽ صحبت جو لائق ماڻهو آهي. انهيءَ هوندي بہ هن نٽايو ۽ ڪو عذر پيش ڪيائين... پر تقدير جو لکيو اٿين هو تہ ”هنرئيٽا“ ۽ ”لارڊ مانٽفرڊ“ پاڻ ۾ ملن ۽ واقف ٿين.

هڪڙي ڀيري پيءُ ۽ ڌيءَ ڪنهن مشهور قبرستان جي ڏسڻ لاءِ ويا، جنهن کي ”ڪئمپوسانٽو“ چوندا آهن. اها اهڙي عمدي ۽ وڻندڙ جاءِ هئي، جو ”هرنئيٽا“ بہ چيو تہ ”جي آءٌ هتي دفن ٿيان تہ ڪهڙو نہ چڱو!“ اهي لفظ هن جي پيءُ کي بدشگونيءَ جهڙا نظر ۾ آيا. وري ”هنرئيٽا“ جو چيو تہ ”اها عجب جي ڳالهہ آهي تہ ڦهرين جاءِ جا آءٌ ڏسڻ هليس سا قبرستان آهي“، تنهنڪري پڻس پاڻ زياده ملول ٿيڻ لڳو. هو انهن ئي خيالن ۾ هئا، تہ قبرستان جو وڏو در

ڪليو ۽ گھڻا ماڻھو اندر لنگھي آيا. ڪي عملدار بہ ھئا ۽ ڪي مزور بہ، جي ھڪڙو وڏو قديم گلدان کڻي آيا، جو اٽليءَ جي قديم پوريل شھر ڪوٽيندي ھٽ آيو ھو، ۽ ”لارڊ مانٽفرڊ“ خريد ڪري ”ڪئمپوسانٽو ۾ رکڻ لاءِ تحفي طرح موڪليو ھو. خود اھو لارڊ بہ آيو ھو. تنھنڪري مسٽر ”ٽيمپل“ کي لاچار ٿيو تہ ھن سان گڏجي ۽ ”ھنرئيٽا“ جي بہ ھن سان معرفت ڪرائي. انھيءَ لارڊ ھنن کي اھو گلدان ھلي ڏيکاريو ۽ انھيءَ جي تعريف ڪيائين. اتي جيڪا گفتگو ھلي، تنھن مان ”ھنرئيٽا“ کي معلوم ٿيو تہ ھو تمام چڱو فضيلت وارو ۽ سڌريل جوان ماڻھو ھو ۽ اھو بہ معلوم ٿيس تہ پڻس سان گھڻي محبت ھيس - جيتوڻيڪ ھن پيري خود ساڻس ھن جو گھڻو ڳالھائڻ نہ ٿيو.

اُتي، انھيءَ گلدان جي ذڪر ڪندي، ”لارڊ مانٽفرڊ“ چيو تہ ”مون وٽ ھڪڙي ھنڌ چڱا عجيب غريب ھنرمنديءَ جا نمونا رکيل آھن، جي ڏسڻ جھڙا آھن، جي اوھان کي تڪليف نہ ٿئي تہ ھلي ڏيکاريان“. ”ھنرئيٽا“ ڏنو تہ پڻس جي گھڻي خواھش آھي، مگر ساڻ ھئڻ جي ڪري پئي ڪٽ ڪتان ڪيائين، تنھنڪري پيءُ جي خوشيءَ خاطر پاڻ بہ ھلڻ قبول ڪيائين، ۽ ٽيئي گڏجي ”لارڊ مانٽفرڊ“ جي محلات ۾ آيا، جا انھيءَ شھر ۾ ھئي. اُھا تمام عمدي عمارت ھئي ۽ منجھس عمدو سامان رکيل ھو. لارڊ چوڻ لڳو تہ ”ھيءَ ڏيکارڻ جھڙي جاءِ ناھي، آءٌ ڏاڍو خوش ٿيندس، جي اوھين ڪڏھن مون وٽ روم ۾ ايندؤ“. پوءِ اُتي جيڪي عجيب غريب شيون ۽ اُستادن جي ھنرمنديءَ جا نمونا ھئا، سي ھڪ ھڪ ڪري ڏنائون. ڪلاڪ کن ڪان پوءِ نوڪر ميوو ۽ شراب آندو، سو ويھي کاڌائون ۽ پيتائون. پوءِ مسٽر ”ٽيمپل“ موڪلايو ۽ جھڙو پاڻ تھڙو سندس ڌيءَ ”لارڊ مانٽفرڊ“ جي شڪر گذاري ڪئي ۽ جيڪي ڏنو ھئائون، تنھن تي خوشي ظاھر ڪيائون. پوءِ گاڏيءَ تي چڙھي ھليا ويا. جيڪو وقت اُتي ترسيا ھئا، تنھن ۾ ”لارڊ مانٽفرڊ“ جيڪي چيو يا ڪيو، سو اھڙي ڍول سان ڪيو ھئائين، جو انھيءَ جو پيءُ توڙي ڌيءَ تي تمام چڱو اثر ٿيو ۽ ”ھنرئيٽا“، جا ڪن ڏينھن ڪان وٺي اُباٽڪي ۽ ملول ڏسڻ ۾ ايندي ھئي ۽ انھيءَ ڪري ٻاھر نہ نڪرندي ھئي، سا بہ پھرئين ئي پيري سرھي ڏسڻ ۾ آئي. انھيءَ سبب، سندس پيءُ ڏاڍو خوش ٿيو.

ٻئي ڏينھن ”لارڊ مانٽفرڊ“ ھڪڙو خط بہ مسٽر ”ٽيمپل“ ڏي موڪليو ۽ ھڪڙي انگور جي ٽوڪري بہ موڪلي، جا سندس باغ جي ھئي ۽ جا ھنن اُتي ڪائڻ مھل ڏاڍي پسند ڪئي ھئي. انھي خط جي جواب ۾ مسٽر ”ٽيمپل“

”لارڊمانٽفرڊ“ کي رات جي ماني وٽن اچي کائڻ لاءِ دعوت لکي. اها دعوت هن ڏيءَ سان صلاح ڪرڻ کان پوءِ لکي هئي، جو هن کي هينئر هن جي اچڻ ۽ ساڻس ملڻ تي اعتراض ڪونہ هو، بلڪ پسند هو.

انهيءَ موجب، شام جو ”لارڊمانٽفرڊ“ آيو. دستوري مرحبا کان پوءِ، هو ۽ مسٽر ”ٽيمپل“ ڪن ملڪي ڳالهين بابت پاڻ ۾ گفتگو ڪرن لڳا ۽ ”هنرئيٽا“، جا اجا بيمار ٽيل هئي، سا ڪوچ تي ويٺل هئي. لارڊ سندس تندرستيءَ بابت پڇا ڪئي، جا هن اڳي ئي پنهنجي خط ۾ ڪئي هئي. ملڪي معاملن کان پوءِ هو جرمنيءَ جي ڪتابي علم بابت ذڪر ڪرڻ لڳا، جنهن ۾ ”لارڊمانٽفرڊ“ ڏاڍي هوشياري ۽ قابليت ڏيکاري. ڪن ڪتابن جا نالا ”مس ٽيمپل“ ڏنا، جي ”لارڊمانٽفرڊ“ نوٽ ڪري ورتا، جو چيائين تہ سندس ڪتبخانو روم ۾ آهي، اُتان گهرائي وٺندو ۽ چئن ڏينهن م سندس خاص قاصد ڪٽي ايندو. ڳچ تائين ويهي، پوءِ ”لارڊمانٽفرڊ“ موڪلائي ويو.

انهيءَ کان پوءِ اڪثر ”لارڊ مانٽفرڊ“ شام جي وقت هنن وٽ ملاقات لاءِ ايندو هو ۽ مسٽر ”ٽيمپل“ سان جدا جدا مضمونن تي گفتگو ڪندو هو. هو ”هنرئيٽا“ سان گهٽو ڪين ڳالهائيندو هو، جا ڪوچ تي بيمارن وانگر ويٺي رهندي هئي، مگر ذري ذري جيڪا شي هن کي گهربل هوندي هئي سا ڊوڙ پائي ڪٽي ايندو هو، يا جي ڪا شي ڪري پوندي هئي جهٽ ۾ اُها ڪٽي ڏيندو هو، يا وهاڻا هيٺ متي ٽيندا هئا تہ اُهي جوڙي رکندو هو: مطلب تہ ”هنرئيٽا“ ڏي گهٽو خيال رکندو هو. اڪثر صبح جو سندس ماڻهو ڪتاب يا ميوو يا اخبارون يا نقش يا تصويرون - هڪڙي نہ ٻي شي ڪٽي ايندو هو، جي مسٽر ”ٽيمپل“ ۽ ”هنرئيٽا“ ٻئي ڏسي پڙهي خوش ٽيندا هئا.

ٿورو ٿورو ڪري، ”لارڊ مانٽفرڊ“ هڪڙو اُتي جو پروفيسر ۽ هڪڙو نقاش واقف ڪيا. انهن جي صحبت ۾ مسٽر ”ٽيمپل“ توڙي سندس ڌيءَ جو وقت چڱيءَ وندر ۾ گذرندو هو. هوءَ هينئر ڪوچ ڇڏي گهمڻ ڦرڻ جهڙي ٽي. ”لارڊ مانٽفرڊ“ هڪڙي انگريزي آرام ڪرسي سندس لاءِ موڪلي، تنهن تي ويهڻ لڳي. ڪڏهن ڪڏهن لارڊ سان گڏ گاڏيءَ تي چڙهي شام جي وقت هوا کائڻ لڳي. انهيءَ هوا خوريءَ جي ڪري ”هنرئيٽا“ سگهو ئي بلڪل تندرست ٽي ۽ اڳي وانگي خوبصورت ۽ خوش طبع ٽيڻ لڳي، جا حالت ڏسي پٽس گهٽو خوش ٽيندو هو، پيءُ کي خوش ڏسي، هوءَ پاڻ بہ خوش ٽيندي هئي.

## باب چوويهون

# پيو عشق جو اظهار

هڪڙي ڏينهن صبح جو "لارڊمانٽفرڊ" هنن وٽ آيو ۽ رٿ ڪيائين تہ اڄ هلو تہ پر پرو هلي ٻهراڙيءَ ۾ گذاريون. مسٽر "ٽيمپل" ڏيءَ سان صلاح ڪئي، هن ڪي اعتراض ڪونہ هو. تنهنڪري جلد سنبري روانا ٿيا. ٿوري پنڌ تي هڪڙو ٽَڪرُ هو، جنهن تي ڏاڍي ساوڪ هئي ۽ ڪي قديم مڙهيون بہ هيون، هڪڙو مزي جهڙو ننڍڙو گهر بہ اُتي هو. ڏاڍي مزي جهڙي جاءِ هئي. هي چڱيءَ طرح گهمي گهتي خوش ٿيا ۽ جڏهن ٿڪا تڏهن انهي گهر ۾ وڃي ويٺا. اتي ڳالهين ڪندي، مسٽر "ٽيمپل" ۽ "هنرئيٽا" کي معلوم ٿيو تہ اهو گهر بہ "لارڊ مانٽفرڊ" جو هو، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هو وڃي ماٺ ۽ اڪيلائيءَ ۾ آرام وٺندو هو. اتي موچارو چڱو سامان پيل هو، باغيچو هو ۽ ڪتاب رکيل هئا، تصويرون ۽ ٻيون سينگار جون شيون هيون. اهڙي عمدي جاءِ هئي. جو هنن کي ڏاڍي وڻي ۽ "هنرئيٽا" کي اتي جي گلڪاري ڏسي "ڊوسي" ۽ "آرمن" ياد پوڻ لڳا. انهيءَ يادگيريءَ ڪان غمگيني پيدا ٿي ۽ سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو. جيتوڻيڪ هوءَ گوشائتي وڃي ويهي رهي، تہ بہ "لارڊ مانٽفرڊ" جي هن تي نظر پئجي ويئي. سو، مسٽر "ٽيمپل" سان مشغول رهيو ۽ "هنرئيٽا" کي ڇڏي ڏنائون تہ آرام وٺي، جو ڄاتائون تہ ٿڪي پيئي آهي. انهيءَ بابت ذڪر ڪندي، "لارڊ مانٽفرڊ" مسٽر "ٽيمپل سان صلاح ڪئي تہ روم هلي ڪي ڏينهن گذارڻ تہ بهتر آهي، جو اهو وڏو شهر آهي ۽ منجهس عجيب غريب قديم عمارتون ۽ هنرمنديءَ جون نشانيون آهن، جن جي ڏسڻ ڪري "مس ٽيمپل" جي دل وندرندي ۽ وڏيڪ خوش رهندي. مسٽر "ٽيمپل" کي اها رٿ پسند آئي، مگر سمجهيائين تي تہ سنديس ڌيءَ طبيعت جي ناسازيءَ ڪري ايترو پري وڃڻ پسند نہ ڪندي ۽ اهڙو عذر "لارڊ مانٽفرڊ" کي بہ ڏنائين. پر جڏهن سگهو ئي مس ٽيمپل بہ اچي ساڻن گڏ ويني ۽ "لارڊ مانٽفرڊ" روم جي عجيب غريب شين جي تعريف ڪئي، تڏهن "هنرئيٽا" بہ انهن جي ڏسڻ جي خواهش ڏيکاري. تنهن تي "لارڊ مانٽفرڊ" پنهنجي رٿ ظاهر ڪئي ۽ چيائين تہ "روم ڏي هلڻ جي اهڙي تجويز ڪنداسين، جو "مس ٽيمپل" کي سفر ڪرڻ ۾ بلڪل تڪليف نہ ٿيندي".

تنهن کان پوءِ هو، اهو ڏينهن اُتي گذاري، شام جو موٽي آيا. هفتو کن پوءِ هو ٽيئي روم ۾ آيا ۽ "لارڊ مانٽفرڊ" جي محلات ۾ اچي لٿا. محلات جو بندوبست ۽ باغ ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيا. جيڪو سک ۽ آسائش جو بندوبست اتي ڏٺائون، تنهن جي ڪري "هنرئيٽا" ائين ٿي ڀاتو ته جڻ اسين پنهنجي "ڊوسيءَ" واري گهر ۾ وينا آهيون بلڪ انهيءَ کان به سکيا آهيون.

"لارڊ مانٽفرڊ" جي سنگت ۾ هو روم جون اهي جايون ڏسي سگهيا، جي سيڪو ماڻهو ڏسي نٿو سگهي، هر روز مانيءَ تي هڪڙي نه ٻئي مشهور ۽ عزت واري ماڻهوءَ سان هنن جي معرفت ۽ ملاقات ٿي ۽ هنن کي جدا جدا ڳالهين جي خبر چار ٿي پيئي، ڪڏهن ڪڏهن وجي راڳ ۽ باجا به ٻڌندا هئا ۽ تماشا ڏسندا هئا: مطلب ته ٿورن ئي ڏينهن ۾ "هنرئيٽا" وري تازي تواني ٿي ۽ سندس منهن ۾ لالاڻ آئي ۽ اڳي کان زياده خوبصورت ڏسڻ ۾ آئي. هن کي ايترو به معلوم ٿي سگهيو ٿي ته "لارڊ مانٽفرڊ" سندس سک ۽ خوشيءَ لاءِ گهڻائي ڪين ٿو - روز بروز ساڻس زيادهه گهاٽل مائل ٿيندو وجي ۽ محبت جا اشارا ڏيندو وجي. رفتي رفتي "لارڊ مانٽفرڊ" ظاهر ظهور منهن تي هن جي تعريف ڪرڻ لڳو ۽ سيڪنهن کي خبر پئجي سگهي ته مٿس عاشق ٿيو آهي.

"لارڊ مانٽفرڊ" پنهنجي مطلب حاصل ڪرڻ لاءِ "فرڊننڊ" آرمن کان بلڪل ٻي طرح رستو ورتو: هن شاديءَ لاءِ خود "مس ٽيمپل" کي ڪي به ڪين چيو، پر پٽس کي اندر جو حال ڏيڻ ۽ انهيءَ وٽ پنهنجو ارادو ظاهر ڪرڻ لڳو. مسٽر "ٽيمپل" رنج ڪين ٿيو، پر ايترو هن کي اشارو ڏيئي ڇڏيائين ته "هنرئيٽا جو انجام ڪنهن ٻئي ماڻهو سان آهي، پر اهو ڪنهن به طرح هن جي لائق ناهي، تنهنڪري جڏهين مون کي اها خبر معلوم ٿي، تڏهن آءٌ انگلنڊ ڇڏي پنهنجي ڌيءَ سميت ڌارئين ملڪ ۾ نڪري آيو آهيان".

تنهن کان پوءِ مسٽر "ٽيمپل"، اتڪل سان، پنهنجي ڌيءَ جي اڳيان "لارڊ مانٽفرڊ" جي تعريف ڪندو هو ۽ انهيءَ ڏي پنهنجي احسانمندي ظاهر ڪندو هو. نيٺ، وجهه ڏسي، "لارڊ مانٽفرڊ" جو عرض سندس ڪن تي وڌائين. "هنرئيٽا" ڪنڌ ڌوڻي چيو ته "لارڊ مانٽفرڊ" تمام چڱو ماڻهو آهي، گهڻي تعظيم جو لائق آهي، پر منهنجي دل، ٻڳي ٿُنڻي پيئي آهي، سان هن جي لائق ناهي" تنهن تي پٽس گهٽو ئي سمجهايو، اها به خبر ٻڌايائينس ته "لارڊ مانٽفرڊ

کي سندس اڳوڻي انجام جي خبر آهي، انهيءَ هوندي بہ هن پنهنجي دل تو کي ڏيئي ڇڏي آهي ۽ انهيءَ جي عيوض هو تنهنجو هٿ وٺڻ ٿو گهري“.

هن اجا ڏيءَ کي ويني سمجهايو. تہ نوڪر اچي اطلاع ڏنو تہ ”لارڊ مانٽفرڊ“ آيو آهي ۽ اندر اچڻ ٿو گهري. تنهن تي مسٽر ”ٽيمپل“ ڏيءَ کي چيو تہ ”هاڻ آءٌ وڃان ٿو. پلي اوهين پاڻ ۾ خُـلاصيون ڳالهيون ڪريو“. ائين چئي هو نڪري ويو ۽ ”لارڊ مانٽفرڊ“ اندر آيو.

اچڻ شرط. مس ٽيمپل چيس تہ ”لارڊ مانٽفرڊ. مون کي اوهان سان ڪنهن درد پريءَ ڳالهہ بابت ذڪر ڪرڻو آهي. بابي ڪان مون کي معلوم ٿيو آهي تہ اوهين مون کي نهايت گهڻي عزت ڏيئي، همسريءَ جو شرف ڏيڻ ٿا گهرو. آءٌ انهيءَ جي لاءِ اوهان جي تمام شڪر گذار آهيان ۽ اوهان جي آڇ کي پنهنجيَ ٿي سمجهان. اوهين مهرباني ڪري مون کي پنهنجي دل ڏيڻ گهرو ٿا، پر آءٌ انهيءَ جي بلڪل لائق ناهيان، جو اوهان جي قابليت ۽ نيڪيءَ ۽ فضيلت جي مون کي پوري طرح خبر آهي. بابي ڪان پوءِ اوهان کي ادب ۽ تعظيم جي لائق ٿي ڄاڻان، اُوهان اسان تي گهڻا احسان ۽ گهڻيون مهربانيون ڪيون آهين، انهيءَ جي عيوض ۾ آءٌ سچي دلي دوستي اوهان کي ڏيان ٿي، جو مون کي پنهنجي دل اصل آهي ئي ڪانہ“.

”لارڊ مانٽفرڊ“ چيو تہ پياري مس ٽيمپل، مون کي فقط تنهنجي دوستي گهرجي، فقط پنهنجي مني صحبت ۽ سنگت گهرجي، منهنجي دل جي خواهش نسوري اها آهي تہ آءٌ تو کي خوش رکان ۽ خوش ڏسان“. هن چيو تہ ”اوهين پڪ ڄاڻو تہ اهڙي دوست جي سنگت ۾ آءٌ نهايت خوش آهيان ۽ هميشہ خوش رهنديس. جي پاڻ اڳيرو ملون ها تہ بهتر هجي ها. پر هينئر آءٌ بيمار. دل شڪستي ۽ ملول آهيان، اهڙي حالت ۾ منهنجي انڪار ڪرڻ ڪان اوهان کي خوش ٿيڻ گهرجي...“

”لارڊ مانٽفرڊ“ ورندي ڏني تہ ”ساهہ ڪان پياري مس ٽيمپل، آءٌ وڌيڪ هينئر چوڻ نٿو گهران. جي منهنجو وس پڄي تہ آءٌ جيڪر تو کي پنهنجي اندر جو درد ٻڌائي، تنهنجي دل ۾ رحم پيدا ڪريان. اميد آهي تہ تون مون کي پيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندينءَ ۽ مون کي نااميد نہ ڪندينءَ“.

پوءِ هو اُتي، سندس هٿ وٺي، چمي، موڪلائي هليو ويو. پر انهيءَ ملاقات ڪري هو دل شڪستو يا نا اُميد نہ ٿيو. هن ڪي اهو ڏڍ هو تہ عرصي پئي هوءَ نيٺ راضي ٿيندي- جيتوڻيڪ پهرين هن جي خاطر بئي ماڻهوءَ سان هئي. ڪيس هن سان محبت گهٽيئي هئي، پر في الحال انهيءَ بابت هن ڪي ستائڻ نہ گهريائين - پڪ هيس تہ پڻس سندس پاسي آهي، اُهو سندس پاران وقت بوقت سفارش پيو ڪندو. مسٽر "ٽيمپل" برابر وجهہ ملڻ تي هن جي سفارش پيو ڪندو هو. انهيءَ ڪان پوءِ گهڻن هنڌن تي هنن ڪي گڏ وجھوٽيندو هو ۽ "لارڊ مانٽفرڊ" ڪان جيڪي پڇندو هو تنهن ۾ "هنرئيٽا" کي خوش ڪرڻ ۾ ڪين گهٽائيندو هو. انهيءَ جو اثر اهو ٿيو جو "هنرئيٽا" جي دل پيئي نرم ٿيندي ۽ "لارڊ مانٽفرڊ" ڏي راغب ٿيندي.

## باب پنجويهون

# ٽيمپلن کي اوچتو ڀاڳ لڳڻ ۽ حالتن جي ڦير گهير

سگهو ئي سيڪنهن کي معلوم ٿي ويو تہ "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "مس ٽيمپل" جو مڱڻو ٿيو آهي ۽ جلد انهن جي شادي ٿيندي. انهيءَ ڪري مسٽر "ٽيمپل" دل ۾ گهڻو خوش هو. جو ڄاڻائين تہ سندس ڌيءَ بہ بهتر طبيعت ۽ بهتر حالت ۾ ايندي ۽ ڪيس بہ آئيندي جو انتظار ڪونہ رهندو. "هنرئيٽا" پاڻ بہ خيال ڪري، اڳوڻيون ڳالهيون وساري، اڃي هاڻ انهيءَ نهراءَ تي بيٺي هئي.

اتي مسٽر "ٽيمپل" جو ٻيءَ طرح نصيب ڪليو: هڪڙو ٻڍو جرمن "بئرن" هو. جو سندس ڏاڏي جو ڏرم جو پٽ هو ۽ جنهن جو نالو "سر ٽيمپل ڊيورو" هو ۽ پارليامينٽ جو ميمبر هو. اهو تمام دولتمند ماڻهو هو ۽ يارڪشائر ۾ هن جي وڏي جائداد هوندي هئي، اهو هينئر مري پيو ۽ ٻئي وارث نہ هئڻ ڪري مسٽر "ٽيمپل" کي پنهنجو وارث ڪري ويو انهيءَ طرح. هن کي اوچتو ڀاڳ لڳي ويو ۽ هو هينئر "رائٽ آنربل سر پيلهئم ٽيمپل" ٿي پيو ۽ تمام دولتمند ماڻهو شمار ۾ اچڻ لڳو ۽ تنهنڪري "مس هنرئيٽا ٽيمپل" هڪڙي ڏاڍي دولتمند ماڻهوءَ جي وارثياڻي شمار ۾ اچڻ لڳي. انهيءَ ڳالهہ تي خود "هنرئيٽا" بہ ڏاڍي خوش ٿي ۽ اڪيلائيءَ ۾ انهي تي خيال ڪرڻ لڳي. "ڊوسي" ۽ "آرمن" جون اڳوڻيون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيس. جي "ڪئپٽن فرڊننڊ آرمن" ساڻس بيوفا نہ ٿئي ها، تہ هينئر جيڪر هڙهي دولتمند زال جو مڙس هجي ها - هن جا قرض برض سڀ لهي وڃن ها، آرمن واري جاگير سندن ٿئي ها ۽ محلات وري نئين سر جڙي پوي ها. "هنرئيٽا خيال ڪري دل ۾ چيو "آءٌ جيڪر هينئر هن کي ڪيترو نہ فائدو پهچائي سگهان ۽ جيڪو انجام ڪيو هوم تہ انهيءَ خاندان کي ٻوري بهتر حال ۾ آڻينديس، سو پورو ڪري سگهان ها!... پر افسوس جو هو هينئر ٻئي جو ٿي پيو ۽ آءٌ ٻئي جي - جهڙو هو قيديءَ وانگي بند ۾ قاتل آهي، تهڙي آءٌ!" انهيءَ ڳالهہ تي ويچار ڪري، هن کي بعضي وقتن تي ڏاڍو ارمان ۽ غم ٿيندو هو.

* * *

هيڏي ”هنرئيتا“ جو هي حال هو، هوڏي ”فرڊننڊ“ جو حال بڇڙو. هو سگهو ئي بيمارءَ کان اُٿيو ۽ بدن ۾ توڙي دل ۾ بلڪل تندرست ٿيو، ليڪن هميشہ ملول رهندو هو. قرض خواهن جي ڪشش بہ آٿي تنگ ڪيس، تنهنڪري هن پڪو ٺهراءُ ڪيو تہ بات ڇڏي لنڊن ۾ اچي. اپريل جو مهينو هو، جو هو ۽ ”گلئسٽن بيري ٻئي لنڊن ۾ آيا، هڪڙيءَ هوٽل ۾ اچي رهي پيا. اتفاق سان انهيءَ مهيني ۾ ”مس گرئنڊيسن“ بہ انهيءَ هوٽل جي نزديڪيءَ ۾ هڪڙو گهر هٽ ڪري موسم گذارڻ جي لاءِ اچي رهڻ لڳي. سندس چاچو ۽ چاچي، ٻارن سميت، بہ اچي وٽس مهمان ٿيٺا هئا. ”ليڊي آرمن“ جي پيٽ، جا بات ۾ بيمار هئي، سا بہ اتي اچي رهٽي هئي.

لنڊن جهڙي شهر ۾ ”فرڊننڊ“ گهمڻ گهتڻ ۽ دل وندرائڻ لڳو. هڪڙي ڏينهن ڪنهن جنگي ڪاتي جي ڪلب ۾ لنگهي ويو ۽ هڪڙي اخبار کڻي ويهي پڙهڻ لڳو. نظر گهمائيندي، هينئن خبر پڙهيائين، جنهن وري ڳٽيءَ ۾ وجهي ڇڏيس: ”لارڊ مانٽفرڊ“ موٽي انگلنڊ ۾ آيو آهي. هن گهڻا ورهيہ اٽليءَ ۾ گذاريا هئا. انهيءَ جي شادي جلد ”سر ٽيمپل“ جي ڌيءَ سان ٿيڻي آهي، جا تمام خوبصورت ۽ وڏي دولتمند جي وارثياڻي آهي. ”رائٽ آنربل پيلهئم ٽيمپل“ گهڻا ورهيہ جرمنيءَ ۾ سفير ٿي رهيو آهي، اهو هاڻ تازو ”سر ٽيمپل ڊيورو“ جو وارث ٿيو آهي، جنهن جي يارڪشائر ۾ وڏي جاگير آهي، جنهن مان پندرهن هزار پائونڊ سال ۾ پيدائش ٿي ٿئي. مسٽر ”ٽيمپل“ هڪڙي ڊيوڪ جي محلات خريد ڪئي آهي، جا ”گراسوينر اِسڪُئائر“ ۾ آهي. ”لارڊ مانٽفرڊ“ بہ انهن سان گڏجي انگلنڊ ۾ آيو آهي“.

هي خبر پڙهي، ”فرڊننڊ“ جو مغز چرخ ٿي ويو. ”هنرئيتا“... انگلنڊ جي هڪڙي وڏي دولتمند ٻئرن جي ڌيءَ ۽ وارثياڻي! اها ”هنرئيتا“ جنهن کي هو پوڄيندو هو ۽ جنهن تان ساهہ صدقو ڪندو هو، جنهن جي لاءِ هن ڌن من ۽ تن قربان ڪري ڇڏيو هو ۽ ”گرئنڊيسن“ جي دولت ۽ جائداد کي بہ ٺُڪ هڻي ڇڏي هئائين، - اها هينئر وڃي ٻئي جي ٿي زال ٿئي! حسد ۽ ساڙ ڪري هينئر هن کي اهي چڪ پوڻ لڳا، جي اڳي نہ لڳا هئس. شايد ”هنرئيتا“ سمجهيو تہ هي بيوفا ٿيو آهي ۽ تنهنڪري هن کيس غريب ڄاڻي، هن کي ڇڏي، ”مس گرينڊيسن“ سان شادي ڪرڻ جي ڪئي آهي، جو هوءَ وڏي جائداد واري ۽

سندس ماروٽ آهي. هن کي اها ڪهڙي خبر تہ هي اجا بہ سندس لاءِ پيو مري ۽ انهيءَ ماروٽ کي بہ صاف جواب ڏيئي ڇڏيو اٿس. هاڻ هي ڇا ڪري؟ جي هوءَ ساڻس شادي ڪري تہ هن جون هينئر تہ پنج ئي گيهہ ۾ - دلگهُري ٻانهن بہ مليس ۽ انهيءَ جي پنيان دولت بہ، قرض بہ لٿا، اباڻي جائداد بہ آزاد ٿي ۽ محلات بہ جڙي: مطلب تہ جيڪي خيالي ماڙيون هنن ٻنهي پاڻ ۾ گڏجي اڏيون هيون، سي سچ پچ هاڻ تيار ٿي سگهن ها!

انهن خيالن "فرڊننڊ" کي مرڻ هارڪو ڪري ڇڏيو. هو پاڻ کي ڏوهہ ڏيڻ لڳو. جي خط پٽ لکندو اچي ها، تہ سندس هيتري غفلت ۽ بيپرواهي ۽ بيوفائي معلوم نہ ٿئي ها. پر حقيقت ڪري، تہ هي اجا بہ سچو ۽ وفادار هو... مگر انهيءَ جي هاڻ هُن کي ڪيئن خبر پوي ۽ جا ڳالهہ هيستائين ويئي آهي، تنهن جو هو ڪهڙو علاج ڪري؟ هوءَ هينئر "لارڊ مانٽفرڊ" جي مڱيندي هئي - اهو لارڊ، جو سندس جهونو سنگتي هو، جڏهن اجا ڊگبي سڏبو هو ۽ اوائل وارن ڏينهن ۾ لنڊن ۾ رهندي هن سان دوستي ڳنڍي هئائين. هنن ڳٺتين هن ويچاري کي اهڙو منجهايو، جو انهيءَ رات هن پنهنجي ماروٽ سان انجام ڪيو هو تہ وٽس وڃي ماني کائيندو. سو ههڙي حال ۾ هن جي دل نہ چيو تہ اتي وڃي، تنهنڪري عذر جو خط لکي هن ڏي روانو ڪيائين ۽ پاڻ پنهنجيءَ جاءِ ۾ ويهي رهيو. "گلئسٽن بيريءَ" وري انهيءَ رات پنهنجي قديم مربي ڊيوڪ جي بيوهہ زال جي گهر ماني کائڻ جو انجام ڪيو هو. سو اوڏي ويو. انهيءَ کي بہ "فرڊننڊ" پنهنجو اهو حال ڏيئي نہ سگهيو.

## باب چويهون

# ”گلئسٽن بيريءَ“ جو ”هنرئيٽا“ کي ڏسڻ ۾ پوءِ ”فرڊيننڊ“ کي ٻڌائڻ

جڏهن ”گلئسٽن بيري“ ”ڊچيس“ جي گهر پهتو ۽ ملاقات واري ڪمري ۾ ويو، تڏهن اتي فقط هڪڙو جوان ماڻهو ويٺل ڏٺائين. انهيءَ جو واقف نہ هو، تڏهن بہ هُن سلام ڪيس ۽ هِن سلام جو جواب ڏنس. ڳالهين ڪندي، هن پاڻ سڃاڻايس: چيائينس تہ ”مسٽر گلئسٽن بيري، گهڻا ورهيہ ٿيا جو پاڻ گڏيا هئاسين، اوهان مون کي وساري ڇڏيو آهي... آءٌ ”ڊگبي“ آهيان!“

”گلئسٽن بيريءَ“ ويچاري اتي هن جي زيادهہ آڌر ڀاءُ ڪئي ۽ پنهنجي ٻڍاپي ۽ ڪم نظريءَ جو عذر ڏنائين. اهو بہ چيائين تہ ”اوهين تڏهن ننڍا هئؤ، هاڻ وڏا ٿيا آهيو ۽ شڪل بہ ڦري ويئي اٿوَ“.

اتي گهر جي مالڪياڻي ”ڊچيس“ بہ آئي. انهيءَ کي بہ هنن هڪبئي کي نہ سڃاڻڻ جي ڳالهہ ٻڌائي. سگهو ئي هن ٻڍيءَ بيوهہ ڊچيس جو پٽ، هاڻوڪو ڊيوڪ ۽ انهيءَ جي زال ڊچيس، يعني ”لارڊمانٽفرڊ“ جا پيءُ ماءُ ۽ انهيءَ جو ن ٻہ ڏيون يعني ”لارڊمانٽفرڊ“ جون ڀيڻون بہ آيون. انهن سان ”گلئسٽن بيري“ گڏيو. انهن جي نالي بہ هن چيو تہ ”اڳي ننڍڙا ٻار هئا، هينئر وڏا ٿيا آهن، تنهنڪري سڃاڻڻ ۾ نٿا اچن“. پوءِ تہ هو ڊيوڪ سان هڪڙي هنڌ وهي ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ڇوڪريون وري هن جوان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون. پڇيائونس تہ ”ڊگبي، هنرئيٽا هاڻ ڪيئن آهي؟ اڳهڙو اسان کي مِلي چيائين تہ اجها ٿي اچان!“ ائين ڪندي، در کليو ۽ ”مس ٽيمپل“ لنگهي آئي. اچڻ سان ٻڍيءَ ليڊيءَ کي چيائين تہ ”بابو هينئر اچي نہ سگهيو، چيو اٿس، تہ رات جو دير پرو ايندس، جو ڪنهن ملڪي مجلس ۽ ڪاني ۾ هن کي شامل ٿيڻو هو“. پوءِ ويهي ڇوڪرين سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. ”گلئسٽن بيريءَ“ تي هن جي نظر نہ پيئي، جو هو پاسي تي هو ۽ نہ هن جي ئي مٿس نظر پيئي.

سگهو ئي ماني آئي ۽ سيئي ميز تي ويهي ويا. ”لارڊمانٽفرڊ“ ۽ ”هنرئيٽا“ گڏ ويٺا، ”گلئسٽن بيري“ ۽ ڊيوڪ هڪڙي ڪنڊ تي ويٺا، جنهنڪري ”گلئسٽن بيري“ ۽ هنرئيٽا“ هڪ ٻئي کي ڏسي نٿي سگهيا.

ماني کائيندي، ”لارڊمانتفرڊ“ نالو وني مسٽر ”گلئسٽن بيري“ سان ڪا ڳالهہ ڪئي. اهو نالو ٻڌي، ”هنرئيٽا ڇرڪ پريو. خيال سان ڏسي هن کي سجاتائين ۽ ڪرسيءَ تي ليٽي پيئي. اڳوڻيون ڳالهيون ياد پوڻ لڳس. جيئن تيئن ماني پوري ڪري جڏهن اُٿي ۽ ٻيا بہ اٿيا، تڏهن ”گلئسٽن بيريءَ“ جي بہ مٿس نظر پيئي ۽ هن بہ سڃاتس ۽ هن کي اڳوڻا خيال اچڻ لڳا. سٽت ئي هو گڏيا. هڪٻئي کي وسارڻ ۽ نہ سڃاڻڻ جو عتاب ڏنائون. ٻين کي بہ خبر پيئي تہ هو ٻئي اڳي هڪٻئي جا سڃاڻو هئا، جا خبر هنن کي اڳي ڪانہ هئي. پوءِ تہ ڪي ڳائڻ وڄائڻ کي لڳا ۽ ڪي شين ڏسڻ وائسڻ ۾ لڳا! ”گلئسٽن بيريءَ“ ۽ ”هنرئيٽا“ خلاصا رهجي ويا. ”هنرئيٽا“ پڇيس تہ ”اوهين ڪڏهن هتي آيا آهيو ۽ اوهان جا دوست تہ سڀ خوش آهن؟“ هن چيو تہ ”ڏهہ ڏينهن ٿيندا جو آءٌ ڪنهن دوست سان گڏجي هتي آيو آهيان... ٻيو سڀ خير آهي“. ”فرڊننڊ“ جو هن ڄاڻي ٻجهي نالو نہ ورتو. هن وري پڇيس تہ ”اوهان ۾ هڪڙي شادي ٿيڻي هئي؟“ ”گلئسٽن بيريءَ“ چيو تہ ”اها نہ ٿي. پياري مئڊم، اها ڳالهہ نہ ڇوريو تہ ڇڱو، جو مون کي اهڙي ماڻهوءَ جو دردناڪ ذڪر ڪرڻو ٿيندو، جنهن جو نالو وٺڻ نٿو گهران“. تنهن تي هن زور ڪيس ۽ چيائينس تہ ”جي اهو اشارو ڪئپٽن آرمن ڏي آهي، تہ انهيءَ جي بيشڪ خبر چار ٻڌايو تہ ڪيئن آهي؟“ هن چيو تہ ”ڇا چوان جهڙو فرڊننڊ ڪي تو ڏٺو هو، اهڙو هاڻ ناهي- هو مري ٻچيو آهي آءٌ بيان ڪري نٿو سگهان تہ هن ڇا ڇا سَنو آهي. هو سخت بيمار هو، مس مس اٿيو آهي. اها بيماري انهيءَ ڪري ٿيس، جو هو پنهنجي مگينديءَ سان کهڙي بہ حال ۾ شادي ڪرڻ لاءِ ڊُوسيءَ ويو، پر اُنهن کي اتي نہ ڏسڻ ڪري ۽ ڪنهن بہ پتي نہ ملڻ ڪري اڌ چريو ٿي پيو - پوءِ اچي پٿجي رهيو ۽ اجا بہ پنهنجي پوري حال ۾ نہ آيو آهي“.

بس، هن جو ايترو چوڻ، تہ ”هنرئيٽا“ڊرڪي، ماندي ٿي، ڪري پئي. ”لارڊ مانتفرڊ“، سندس پيٽون ۽ ٻيا ڊوڙي آيا. اچي ڪنيائونس، پکا هنيائونس. پاڻي وڌائونس، هڪدم ڪٽي باهر هوا ۾ کٽ تي ليٽايائونس. سڀئي ”لارڊمانتفرڊ“ سان همدردي ڪرڻ لڳا. تنهن تي ”گلئسٽن بيريءَ“ کي شڪ پيو. پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائونس تہ ”هنرئيٽا“ هن سان مڱيل آهي ۽ ايندڙ مهيني ۾ هنن جي شادي ٿيڻي آهي“.

هي ٻڌي، ”گلئسٽن بيري“ جو هوش خطا ٿي ويو. عذر ڪري، گوڙ ۾ موڪلائي نڪري هليو ويو ۽ وڃي پنهنجي هوٽل ۾ نڪتو. ”فرڊننڊ“ سويرو ئي وڃي سمهي پيو هو، پر جاڳيو پئي. هن جي مونجهاري جهڙي حالت ۽ شڪل ڏسي، ”فرڊننڊ“ سبب پڇيس. تنهن تي هن خبر ڏنيس تہ ”مون اڄ هنرئيٽا کي ڏٺو آهي!“ جڏهن وري ”فرڊننڊ“ حيرانيءَ مان وڌيڪ احوال پڇڻ لڳس، تڏهن هن ٻڌايس تہ ”هوءَ ٻئي سان پرڻجڻي آهي ۽ تو کي ڪا بہ اميد نہ رکڻ گهرجي“. هن چيو تہ ”مون کي اڳي ئي خبر آهي“ ۽ جهڙو ”هنرئيٽا“ کي تهڙو هن جي نئين مگيندي کي ، گهٽ - وڌ ڳالهائڻ ۽ پِٽڻ لڳو. پر جڏهن هن ٻڌايس تہ ”تنهنجي ذڪر ڪندي هوءَ بيهوش ٿي ويئي ۽ ڏاڍي وفادار ۽ نيڪ آهي“، تڏهن هو هنڌ تي ٽپ ڏيئي ويهي رهيو ۽ پڇڻ لڳو تہ ”سچ پچ! منهنجي يادگيري اٿس ڇا ۽ مون سان اڃا محبت اٿس ڇا؟“ هن چيس تہ ”تنهنجي غفلت ۽ بيوفائيءَ ڪري هوءَ ڏاڍي بيمار ٿي پيئي هئي ۽ مس مس ساهہ پٽيو اٿس!“ هيءَ خبر ٻڌي، ”فرڊننڊ“ ڏاڍو خوش ٿيو - اهڙو، جو ويجهڙائيءَ ۾ اڳي ڪڏهن ڪونہ ٿيو هو. ”گلئسٽن بيري“ ”لارڊمانٽفرڊ“ جي بہ تعريف ڪرڻ لڳو ۽ هيءَ خبر بہ ٻڌايائينس تہ ”هو هڪبئي جي لائق آهن ۽ مس ٽيمپل هاڻ وڏي دولتمند وارثياڻي آهي ۽ هو ڏسندي مهيني ۾ شادي ڪرڻ وارا آهن“. تنهن تي هن البت ارمان ڪيو ۽ وڌيڪ ٻيو ڪجهيائين ڪين. ”گلئسٽن بيريءَ“ ڪان موڪلائي منهن پاسي ڪري سمهي رهيو ۽ هي اُٿي ويو.

---

## باب ستاويهون

# ”فرڊننڊ“ جي ”هنرئيٽا“ سان ملاقات

”فرڊننڊ“ ڏکي سکي رات گذاري ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ڏهين بجي پنهنجي وڪيل کي ڏسڻ ويو. اُتان موٽندي، رستي ۾ هن کي هڪڙي گاڏي گڏي، جنهن ۾ هڪڙي ليڊي وينل هئي ۽ جنهن لنگهندي گاڏيءَ جي دريءَ مان ٻيهي ڳالهائڻ لاءِ اشارو ڏنس. هو بيهي رهيو ۽ انهيءَ دم ”ليڊي بليئر“ جو آواز گاڏيءَ مان آيو. جنهن ڪاوڙ مان چيس ته تون ڪو ڏاڍو حرڪتي شيطان آهين - مون کي بلڪل نه تو وڻين! مون ڏهاڙي تنهنجي خاطر مجلسون پئي ڪيون آهن ۽ تون لنڊن ۾ هوندي به مون وٽ ڪين آئين! هاڻ ٻڌاءِ ته تنهنجو نالو ڇا آهي؟... مون کان وسري ويو آهي. تنهنجي زال ڪيئن آهي؟... اڇا ڪين پرڻيو آهين! تو کي پرڻجڻ گهرجي! هاڻ لنگهي اچ. مون سان هل. تو کي گهڻو ئي ڪي چوڻو اٿم“.

هي ڪاوڙ جو دس جهلي، ڪجهڻ پڇڻ کان سواءِ، ”فرڊننڊ“ لاچار ٿي اندر گاڏيءَ ۾ گهڙيو ۽ گاڏي اتي هلي. اتي ”ليڊي بليئر“ جو وري ٻيو دس شروع ٿيو: ”هاڻ ڪيڏي هلون؟ ٻي بجي تائين آءٌ ٻاهر رهي سگهنديس پوءِ ٻن کان ڇهين بجي تائين آءٌ گهر رهندي آهيان ۽ ملاقاتين کي گڏبي آهيان. تون ڏهاڙي اچي سگهين ٿو. تون ڪنهن پاسي هلڻ گهرين ٿو؟ ڪين ٿو گهرين؟ چڱو، تنهنجو پيءُ ته خوش چڱو ڀلو آهي؟ ڇا نالو اٿس؟ سر پيٽر يا سر پال؟... خير حرڪت ڪانهي... ۽ تنهنجي ماءُ ڪيئن آهي؟ تون پرڻجڻو هئين نه؟ ٻڌاءِ ڇو ڪين پرڻين؟ مس... مِس... ڇا نالو اٿس - جنهن جو ڏاڏو منهنجي پٽ جو يار هو - اهي به لنڊن ۾ آهن نه؟ آءٌ انهن کي ڏسندي هلنديس“.

سگهو ئي ”ليڊي بليئر“ جي گاڏي هلي ”مس گرئنڊيسن“ جي در وٽ بيني. ”فرڊننڊ“ جي ٻانهن تي ٽيڪ ڏيئي، هوءَ ملاقات واري ڪمري ۾ ويئي. جتي ”ليڊي آرمن“ ۽ ”ڪئٿرائن“ هنن کي گڏيون. انهن کي ڏسي، ”ليڊي بليئر“ وري ٿيو دس هڻڻ لڳي: ”منهنجي پياري ليڊي، تون ڪيئن آهين؟ ۽ تون، منهنجي پياري مِس....! تنهنجون اکيون ڏاڍيون چمڪن ٿيون - آءٌ ڏسان ٿي ته جوان ٿيو پوان! مون کي ڏاڍي وڻين ٿي. مون ڏهاڙي هتي پارٽيون پئي ڏنيون

آهن ۽ سڀ اوهان جي لاءِ، تہ بہ اوهان مان ڪوبہ آيو! باقي ٽي راتيون آهن، پوءِ بس - انهن ٽنهي تي اوهان کي اچڻ کپي. پر، بهتر آهي تہ هڪڙي ڏينهن آءُ اوهان وٽ اچي ماني کان! هاڻ ڪڏهن منهنجو اچڻ ٿا گهرو؟ هي سچو هفتو تہ ڊيوڪن ۽ لارڊن وٽ وڃڻ جو ڪون انجام ڪيو آهي، ٻئي هفتي ۾ اوهان ڏي لکنديس".

پوءِ هوءَ ٽپ ڏيئي اٿي ۽ وري بہ فرڊننڊ جي ٻانهن تي ٽيڪ ڏئي ٻاهر آئي. هن کي چاڙهي، روانو ڪري، فرڊننڊ موٽي پنهنجيءَ ماءُ ۽ ماروٽ وٽ ويو. ٿوري تائين وينو. پوءِ هنن جي بہ گاڏي آئي، جو هو ٻاهر وڃيون هيون. موٽندي فرڊننڊ هڪڙو ننڍو ڳاڙهو نوٽبڪ کنيو، جو ليڊي بليئر ڪيرائي ويئي هئي. هن سوچيو تہ "آءُ سندس گهر وٽان لنگهندس، اتي ڇڏيندو ويندس."

"ليڊي بليئر" جو گهر "مي فيئر" ۾ هو. اهي ڏاڍي عمدو جڙيل هو ۽ منجهس عجيب غريب سامان رکيل هو. جڏهن فرڊننڊ اتي ويو، تڏهن هوءَ پنهنجي خاص ڪرسيءَ تي ويٺل هئي، جنهن جي پٺ اهڙي وڏي هئي، جو سندس مٿي کان بہ مٿي بيٺي هئي، جو هوءَ قد جي تمام ننڍي هئي. هڪ بہ سڪر مڙس ۽ زالون بہ وٽس ويٺل هيون. فرڊننڊ اهو نوٽبڪ ڏنس. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. انهيءَ رات وٽس مجلس ۽ جو ناچ هو، تنهن بابت ذڪر پئي هليو. فرڊننڊ کي بہ ناچ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ زور ڪيائين، پر هن ٻئي هنڌ وڃڻ جي انجام جو عذر ڏنو ۽ موڪلايائين. ليڊي بليئر موڪل ڏنيس، پر چيائينس تہ ڪتبخاني جي پاسي واريءَ جاءِ ۾ منهنجو هريل نوريٽڙو آهي، سو ڏسندو وڃجئين!" انهيءَ موجب، فرڊننڊ اتان نڪري باغ ۾ ويو ۽ اتي، هوا خوريءَ واري صفي ۾، هن پنيري ويٺل هڪڙي ليڊي ڏني. جنهن ڪو تصويرن جو ڪتاب ويٺي ڏٺو. فرڊننڊ جي پيرن جو آواز ٻڌي، هن ڪنڌ ورايو، ... ۽ فرڊننڊ ڏٺو تہ اها هنرئيٽا ٽيمپل هئي!

ڏسڻ شرط، "فرڊننڊ" جتي هو اُتي ڄمي بيهي رهيو. وات مان وائي نٿي نڪتيس. بلڪل حيران ٿي ويو. هنرئيٽا جو حال بہ انهيءَ کان گهٽ نہ هو. ٿوري وقت تائين تہ هڪبئي ۾ اکيون اٽڪائي بيٺا هئا. جڏهن فرڊننڊ سامت ۾ آيو، تڏهن مٿ ڪري اتي هلڻ لڳو، تہ هُن سندس نالو وٺي سڏ ڪيو- "ڪئپٽن آرمن، فرڊننڊ!" هو رڙهي وٽس ويو. ڳچ تائين ڪنڌ هيٺ ڪري، نيٺ هنرئيٽا چوڻ لڳيس تہ "مسٽر گلئسٽن بيريءَ کان مون کي معلوم ٿيو تہ تون

ڏاڍو بيمار هئين. تنهنڪري مون کي ڏاڍو فڪر تي بيٺو". "فردننڊ" ماٺ ڪري بيٺو هو، جواب ڪونہ ڏنائين. هن وري چيو تہ "منهنجي مرضي آهي تہ مَن پاڻ اڳتي رڳا دوست تي گذاريون!" اتي فردننڊ جي اکين مان ڳوڙها ڪرڻ لڳا. چوڻ لڳو تہ "اڳتي پنهنجي گڏجڻ مان ڪهڙو فائدو؟" هن ٿڌو ساھ کنيو ۽ ماٺ ڪيائين. "فردننڊ" چيو تہ "مس ٽيمپل، هاڻ خدا حافظ". هي حال ڏسي "هنرئيٽا" کي ڏاڍو درد ٿيو. چوڻ لڳي تہ "برابر، اسان ڏاڍا عذاب سَٺا آهن... پر اهو منهنجو قصور تہ ڪين هو!" "فردننڊ" چيو تہ "برابر، منهنجي چڪ هئي، تو کي عتاب ڏيڻ حق آهي، پر مون کي پڪ هئي تہ تو کي منهنجي دل جي سچائيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونهي ۽ جيڪي مون ڪيو سو فقط هڪڙي چڪ شمار ڪندينءَ، نہ بي‌وفائي ۽ ڪُوڙائي".

"مس ٽيمپل"، ڪنڌ هيٺ ڪري، وري چيو تہ "بس، گذريءَ کي ياد ڪرڻ جو ڪهڙو ضرور... اميد آهي تہ تون پنهنجي ماروٽ سان خوش گذاريندين! آءٌ تنهنجي خير سلامتيءَ جو ٻڌي هميشہ خوش پيئي گذاريندي‌س".

"فردننڊ" چيو تہ "او هنرئيٽا، ائين نہ چوءِ. انهيءَ بيماريءَ ۾ مري وڃان ها تہ چڱو هو، ههڙا مهڻا ۽ طعنا تنڪا نہ ٻڌان ها. جنهن کي پنهنجي دل ڏنيم، جنهن لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪيم، جنهن لاءِ بيماريون ڪاٽيم، تنهنجو هي حال آهي! شابس آهي انهيءَ کي، جنهن جو تون اشارو تي ڏين. انهيءَ کي رنجايم، تہ بہ هن مون کي معافي ڏني. هوءَ زال ذات جو سينگار آهي، نهايت ڪشاده دل ۽ نيڪ زال آهي، پر افسوس آهي جو هن جي ايتري مهربانيءَ ڪري بہ آءٌ پنهنجي دل هن کي ڏيئي نہ سگهيس! اهڙن عذابن ۽ ڏکن ۾ بہ هن منهنجي همدردي ۽ خير خواهي نہ ڇڏي - جيتوڻيڪ خبر هيس تہ منهنجي ساڻس دل ڪانهي ۽ شاديءَ جي نسبت ۾ مون کان نااميد هئي. اهڙي بردبار ۽ عالي دماغ، جو هن ڪڏهن ايتري بہ پڇا ڪانہ ڪئي تہ اُها زال ڪير آهي، جنهن تي مون هن کي صدقو ڪري ڇڏي ڏنو. جيترو هن جو قدر مون کي اڳي هو، انهيءَ کان هينئر ڏهوڻو وڌيڪ آهي. آءٌ هميشہ هن کي خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندس - جيتوڻيڪ جنهن قسم جي محبت جي هوءَ طلبگار هئي، سا آءٌ هن کي ڏيئي نہ سگهندس. پر، خير، انهيءَ بابت زياده ذڪر ڪرڻ اجايو آهي."

هن چيو تہ "فردِيننڊ"، مون کي انهن ڇپن سان وڏيڪ مهٺا ڏيئي نہ مار... ڇو نہ پاڻ دوست ٿي گذاريون؟" "فرڊننڊ" چيو تہ "ائين ٿي ڪين سگهندو، ڇا لاءِ جو پاڻ دوستن کان وڌيڪ هٿاسون ۽ اجا آهيون. انهيءَ کان بهتر آهي تہ اصل نہ گڏجون. آءٌ ڪنهن پاسي ڪين ويندو آهيان، هن بڍيءَ ليڊيءَ وٽ بہ اوچتو ڪم پئي آيو هوس. هن مون تي گهڻي مهرباني ڪئي آهي ۽ آءٌ هن جو احسانمند آهيان".

اتي نوڪر اچي چيو تہ "مس ٽيمپل، منهنجي ليڊي ٿي چوي تہ ڊچيس ۽ لارڊمانٽفرڊ آيا آهن". "فرڊننڊ"، "هنرئيٽا" ڏي گهنڊ وجهي نهاري، ماٺ ڪري نڪري هليو ويو ۽ وري ڪتبخاني واريءَ جاءِ ۾ منهن بہ نہ وڌائين.

## باب اناويهون

# "فردِنند" بابت "لارڊمانٽفرڊ" ۽ "هنرئيٽا" جي رٿ

جنهن ڏينهن جو مٿي ذڪر آهي، انهيءَ ڏينهن شام جو "ليڊي بليئر" وٽ وڏي مجلس ٿيڻي هئي. شام ٿي جو هوءَ هڪڙيءَ وڏيءَ ڪرسيءَ تي ويٺي ۽ هڪڙو وڏو پکو، جو سندس قد جيڏو ئي هو، سو ڪنيو ويٺي نوڪرن کي حڪم ڏنائين ۽ جيڪي مهمان آيا ٿي، تن کي ويهڻ جو اشارو ٿي ڏنائين. سڳهو ئي گهٽا ئي سڪر ماڻهو ۽ زالون اچي گڏ ٿيا. جيڪي آيا، انهن ۾ "سر رئنٽڪلف" ۽ "ليڊي آرمن"، مسٽر ۽ مس "ٽيمپل"، مسز مانٽگامري"، "لارڊمانٽفرڊ" ۽ سندس پيا گهر جا ڀاتي ۽ مس گرئنڊيسن" ۽ ڊچيس" ۽ ڪيترائي ٻيا هئا.

"لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "هنرئيٽا" اڪثر گڏ پئي گهميا ۽ ماڻهن سان پئي گڏيا. "ليڊي بليئر" هر هڪ مهمان سان پنهنجا دس لڳايو آئي. "مس ٽيمپل" جي طبيعت چڱي ڏسڻ ۾ تي آئي. سندس دل جي خواهش اها هئي تہ "مس گرئنڊيسن" سان زيادهہ واقف ٿئي، تنهنڪري اڪثر هن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ هلڻ چلڻ ڏي گهڻو ڌيان ڏنائين. "فردِنند" ڪونہ هو. سندس ماءُ، ليڊي آرمن"، کان ڪنهن پڇيو تہ "فردِنند" ڇو ڪين آيو. هن ورندي ڏني تہ "بيماريءَ کان اٿڻ کان پوءِ بہ هو خوش نٿو گذاري ۽ ماڻهن سان گهڻو گڏجي ڪين ٿو ، انهيءَ ڪري رهيو ٿي وڃي هڪڙي هوٽل ۾ آهي". هي ٻڌي، جهڙو "ڪئنٽرائن" جو تهڙو "هنرئيٽا" جو منهن البت سُسيل ڏسڻ ۾ آيو. انهيءَ هوندي بہ ٻئي ٻين سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ مشغول پئي رهيون ۽ "مس گرئنڊيسن" تہ "هنرئيٽا" ۽ "لارڊمانٽفرڊ" جي تعريف پئي ڪئي ۽ پئي چيائين تہ ٻئي هڪٻئي جا چڱا جوڙ ۽ لائق آهن.

"فردِنند" سان اهڙيءَ تازيءَ ملاقات کان پوءِ "هنرئيٽا" جي دل جي ملولائي "لارڊمانٽفرڊ" کان ڳجهي رهي نہ سگهي. سو، جڏهن انهيءَ رات واريءَ مجلس کان پوءِ هوءَ پنهنجي نئين مڱيندي ۽ ان جي ماءُ سان گڏجي گهر آئي، تڏهن خلاصگيءَ ۾ "لارڊمانٽفرڊ" کي چيائين تہ "ڊگبي، تو کي ڪي چوڻو اٿم". هن چيو تہ "منهنجي پياري، آءٌ حاضر آهيان". ائين چئي، وڃي پاسي ويٺس. "هنرئيٽا" چيو تہ "منهنجي مرضي آهي تہ منهنجي دل جي حالت تو کي پوريءَ

طرح معلوم ٿئي، جو انهيءَ ڪري منهنجي دل جو بار هلڪو ٿيندو". هن چيو ته "پياري، جيڪي ڇوٽو هجئي سو بي حجاب ٿي مون کي چئج. منهنجي همدرديءَ جي تو کي پڪ رکڻ گهرجي". تڏهن "هنرئيٽا" چيو ته "منهنجي مرضي آهي ته تو کي خبر پوي ته اهو ماڻهو ڪير آهي، جنهن تو کان اڳي منهنجيءَ دل تي ايترو اثر پيدا ڪيو هو. اهو هاڻ هن شهر ۾ آهي. شايد سياڻي تو سان ڪنهن هنڌ گڏبو به. مون سان ته اڄ به گڏيو هو. اهو "ڪئپٽن آرمن سر رئنڪلف جو پٽ آهي". "لارڊ مانٽفرڊ" چيو ته "شايد ڪالهه رات تو ڪنهن کان انهيءَ جو ذڪر ٻڌو آهي... پوءِ انهيءَ ڪهڙي ڳالهه ڪئي؟" "هنرئيٽا" چيو ته "پيارا ڊگبي، تون غلط فهمي متان ڪرين: منهنجي دل، جهڙيءَ حالت ۾ آهي، تهڙي تنهنجي آهي، جي اها تون رکڻ گهرين ٿو. تو مون سان گهڻيون ڀلايون ڪيون آهن ۽ آءٌ تنهنجي احسانمند آهيان. جي انهيءَ جو پورو عيوض تو کي ڏيئي سگهان، ته جيڪر ڏاڍي خوش ٿيان. جي منهنجي عمر جي خدمت ۽ چاڪري عيوضو ٿي سگهي، ته اها حاضر آهي". "لارڊ مانٽفرڊ" هن جو هٿ وٺي پنهنجن چپن تي رکيو ۽ آهستي چوڻ لڳو ته "پياري، مون کي جيڪا به ڳڻتي آهي سا تنهنجي خوش رهڻ جي: جنهن ۾ تون راضي، تنهن ۾ آءٌ راضي". "هنرئيٽا" چيو ته "تڏهن ٻڌ... مون انهيءَ شخص سان ڏاڍي بي انصافي ڪئي آهي. انهيءَ جو مون کي دل ۾ داغ آهي. هن جي حالت پوريءَ طرح نه ڄاڻڻ ڪري جيڪو ظلم مون هن سان ڪيو، تنهن جو مون کي گهڻو ارمان آهي. انهيءَ مان تون ائين نه سمجهه ته تو سان محبت رکڻ ڪري آءٌ پشيمان ٿي آهيان - نه نه، آءٌ تو سان ٻڌل آهيان - پر آءٌ پاڻ تي اهو به فرض ٿي سمجهان ته هن سان جيڪو ظلم ٿي چڪو آهي، تنهن جي تلافي ٿئي، نه ته به ٻيو وڏيڪ ظلم نه ٿئي". هن چيو ته "آءٌ تيار آهيان، جيئن چوين تيئن ڪريان". "هنرئيٽا" چيو ته "مون کي خبر آهي ته تون چڱو ۽ صافدل ۽ انصاف وارو آهين، جيڪي واجبي هوندو تنهن جي ڪرڻ ۾ ڪين گهٽائيندين. ٻڌ... هن جي معرفت مون سان ٿي، تنهن کان اڳي هو پنهنجي ماروٽ سان مڱيل هو. اها خوبصورت ۽ نيڪ سيرت ۽ شريف خانداني جوان زال آهي. ڪنهن به چڱي ماڻهوءَ کي خوش رکيو ايندي. طبيعت تمام چڱي اٿس. آهي به دولتمند. آءٌ ؟مس گرئنڊيسن" جو اشارو ٿي ڏيان. "آرمن جو خاندان وڏو آهي، مگر زماني جي گردش ڪري

ضعيف ۽ مفلس ٿي ويو آهي، خانداني خرچن ڪري متس گهڻو قرض چڙهي ويو آهي. انهيءَ ڪري، ”ڪئپٽن آرمن“ جي مائٽن جي ڏاڍي خوشي هئي تہ انهيءَ زال سان هن جي شادي ٿيڻ ڪري سندس حالت بهتر ٿئي. جڏهن هن جي مون سان معرفت ٿي، تڏهن بابو ايترو دولتمند نہ هو. تنهنڪري، منهنجي مرضي آهي تہ جي هنن جي شادي ڪنهن تجويز سان ٿي وڃي تہ تمام چڱو، جو بهتر حال ۾ رهندو“.

”لارڊ مانٽفرڊ“پڇيو تہ ”اها ڪهڙي تجويز ڪجي؟“ هن چيو تہ ”تون ڪوشش ڪري هن سان ياراڻي رک. هن کي اهڙي صلاح ڏي، ۽ ٻيا جيڪي واجبي اُپاءَ سُجهنئي اهي وٺ. پيارا ڊگبي، تون سيڪجهہ ڪري سگهين ٿو. منهنجو تو ۾ پڪو ويساهہ آهي“.

هي ٻڌي ”لارڊ مانٽفرڊ“ اُٿيو ۽ جاءِ ۾ پسار ڪرڻ ۽ ويچار ڪرڻ لڳو. نيٺ چيائين تہ ”منهنجي هنرئيٽا، تون دلجاءِ ڪر. تو کي خوش ڪرڻ لاءِ، جيڪي ٿي سگهيو سو آءٌ ڪندس. آءٌ مسٽر گلئسٽن بيريءَ سان صلاح ڪندس، انهيءَ جوَ هنن سان گهڻو واسطو آهي“.

## باب اٺٽيهون

# "فردننڊ" کي ٺاهڻ جي ڪوشش

جنهن رات "ليڊي بليئر" جي محفل هئي، انهيءَ جي ٻئي ڏينهن، صبح جو، "فردننڊ" کي سندس نوڪر ننڊ مان جاڳائي چيو ته "هڪڙي ليڊي گاڏيءَ تي چڙهي آئي هئي ۽ هي خط ڏيئي ويئي آهي. فردننڊ خط کولي پڙهيو. هيئن لکيل هو: "ڪئپٽن آرمن، تون ڏاڍو نادان آهين. رات ڇو نه منهنجي مجلس ۾ آئين؟ منهنجي مرضي هئي ته تو کي هڪڙي ڏاڍي خوبصورت جوان زال سان معرفت ڪرايان! تون ڪڏهن تو شادي ڪرين؟ مس "گرئنڊيسن" ڏاڍي چڱي ڏسڻ ۾ تي آئي، پر پنهنجي مڱيندي کان سواءِ اباڻڪي هئي. تنهنجي ماءُ مون کي ڏاڍي تي وڻي! هه. ب."

"فردننڊ" سنبري، ناشتو ڪري، پنهنجي ماءُ ۽ ڀين گهر جي ڀاتين کي ڏسڻ ويو. اتي وڃي ته"ڊچيس" ۽ "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "هنرئيٽا ٽيمپل" کي وينل ڏٺائين. ڪئٽرائن به اتي هئي، جنهن سان مس "ٽيمپل" ويٺي ڳالهيون ڪيون. جوان زالون سڀ سواريءَ جي پوشاڪ ۾ هيون. "فردننڊ" کي ڏسي "لارڊ مانٽفرڊ"، هٿ ڊگهو ڪري، هن کي ملڻ آيو. چيائينس ته "آءٌ پنهنجي جهوني دوست کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان". هن ڪنڌ جهڪائي سلام ڪيس. "ڊچيس وري پڇيس ته "ڪئپٽن آرمن، اوهين رات ليڊي بليئر واريءَ مجلس ۾ ڪين آيا هئو؟" "فردننڊ" جواب ڏنو ته "آءٌ ڪيڏي ڪين ويندو آهيان". "ليڊي آرمن"چيو ته "هي اڪثر بيمار ٿو گذاري". ڪئٽرائن چيو ته "فردننڊ" ڪنهن ڏينهن اسان سان گڏجي عجائبخاني ۾ هل. مس ٽيمپل سان اڳي واقف آهين يا نه". ائين رڳي اٽڪل ڪري چيائينس. هن ڪنڌ سان چيو ته "هائو". وري وچ ۾ ٻي گفتگو اچي پيئي. اتي "فردننڊ" اتي موڪلائڻ جي تي ڪئي، ته "ڪئٽرائن" چيس ته "فردننڊ"، اسين گهوڙن تي چڙهي گهمڻ ٿيون وڃون. مس ٽيمپل جي مرضي آهي ته تون به اسان سان هلين". "فردننڊ" چيو ته "آءٌ گهڻي خوشيءَ سان هلان ها، پر مون کي ڪو ٻيو ڪم آهي". "ڪئٽرائن" چيو ته "تو کي هميشه ڪم آهي، هميشه عذر پيو ڏيندو آهين!" "لارڊ مانٽفرڊ" به اچڻ لاءِ چيس ۽ ڪن ڀين ٻه، پر "فردننڊ" ضروري ڪم جو عذر ڏيئي، ٽوپي کڻي اتي بيٺو. اتي "هنرئيٽا" به چوڻ لڳيس ته "ڪئپٽن آرمن، پلاڻي ڪري اسان سان هل، اهو تنهنجو مون تي ٿورو ٿيندو!"

انهيءَ مٺي آواز هن جي دل جي ارادي کي لوڏو ڏيئي ڇڏيو. انهيءَ مٿس جادوءَ جو اثر ڪيو. مٿي کان پيرن تائين ڏڪي ويو. رنگ ئي ڇڏي ويس. ٽوپي بہ هٿ مان ڪري پيئس. هوءَ اڳيان بيٺي هيس، تنهن جو ئي سماءُ ڪو نہ پيس ۽ نہ انهيءَ کي ڪو جواب ڏيئي سگهيو. بيا سڀ پنهنجي منهن پاڻ ۾ ڳالهائڻ ۾ هئا. نيٺ هن ايترو چيو تہ "ائين مناسب تہ ڪين هو..." پر "هنرئيٽا سندس ٽوپي ميز تي رکي ۽ "ڪئٽرائن" کي سڏ ڪري چيائين تہ "ڪئپٽن آرمن اسان سان هلندو". ائين چئي، "ليڊي آرمن" جيٰ پاسي ۾ ويهي رهي.

"فرڊننڊ" پنهنجو گهوڙو گهرايو ۽ تيار ٿيو. ٽيٽري ۾ البت اڌ ڪلاڪ ڪن دير ٿي، اها هن ڏاڍي فڪر ۽ ويچار ۾ گذاري. انهيءَ خيال ۾ هو تہ "لارڊ مانٽفرڊ" کي الائجي "هنرئيٽا" سندس اڳوڻيءَ دوستيءَ جي خبر آهي يا نہ ۽ "هنرئيٽا" جو الائجي هيئنر ڪهڙو مطلب آهيَ - پر پاڻ کي اهو دلاسو ڏنائين تہ هنن سان گڏ گهمندي انهيءَ جو سارو سماءُ وٺندس.

آخر هو سوار ٿي روانا ٿيا. "هنرئيٽا" سواريءَ جي پوشاڪ ۾ اهڙي عجيب ٿي ڏسڻ ۾ آئي، جو "فرڊننڊ" نئين سر مٿس ڇڪن ٿيو ٿي پيو. بيو وري هوءَ بہ اڪثر سندس پاسو وٺيو پئي آئي - جيتوڻيڪ ڪنهن خيال ۾ هئي ۽ گهٽو نٿي ڳالهايائين. پر "لارڊ مانٽفرڊ"، جو هميشہ ٿور - ڳالهائو هو، تنهن زيادہ ٿي ڳالهايو - خاص هن سان. انهن سيني ڳالهين "فرڊننڊ" کي حيرانيءَ ۾ وڌو. نيٺ ڇگو خاصو گشت ڪري، دير دير هو موٽيا. جڏهن ويجها آيا، تڏهن "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "هاڻ ڇگي صلاح تہ اها آهي تہ سڀ هلي سينٽ جيمس اسڪوائر ۾ اسان وٽ ماني کائو. اٺ لڳي ويا آهن، پوريءَ مهل تي هلنداسين. ڪيئن، ڪئپٽن آرمن، تون بہ ايندين؟" هن چيو تہ "مون کي معاف ڪريو". "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "واه، هيستائين سنگت ڪري، پوءِ اسان کي ڇڏي ڏيندين... ائين ڪونهي!" هن وري بہ چيو تہ "منهنجا ڪپڙا خراب آهن، مهرباني ڪري مون کي معافي ڏيو. تنهن کان سواءِ، مون کي ٻاهر ڪٿي ماني کائڻ نہ وڻندي آهي". اتي بين بہ زور ڪيس. پڇاڙيءَ ۾ وري بہ "هنرئيٽا" چيس تہ "مَن مون تي ٿورو ڪرين!" اها منٿ ڪا هو موٽائي ٿي سگهيو؟ لاچار هائو ڪيائين ۽ سيئي خوش ٿيا.

---

## باب ٽيهون

# ”لارڊ مانٽفرڊ“ ۽ ”گلئسٽن بيريءَ“ جي مصلحت

”سينٽ جيمس اسڪوائر“ ۾ جنهن جاءِ ۾ ”فرڊننڊ“ ويهي پين سان گڏ ماني کاڌي، سا هن کي ياد آئي ته اُها ساڳي هئي، جنهن ۾ شروعات ۾ نوڪري ڪرڻ کان اڳي ”گلئسٽن بيري“ سان گڏ اچي رهيو هو. انهيءَ ساڳيءَ هنڌ هن پنهنجا پراوا سڀ گڏ ڏٺا. انهيءَ حيرانيءَ ۾ هو ته قسمت الائجي ڪهڙي بازي تي ڏيکاري. ماني کائيندي اهو ذڪر نڪتو ته ”فرڊننڊ“ اڳي خوش گذاريندو هو، پر بيماريءَ کان پوءِ اڪثر اُباڻڪو ٿو گذاري. ماني کاڌي کان پوءِ وري هنن پتا ڪڍيا ۽ راند ۾ زور ڪري ”فرڊننڊ“ کي شامل ڪيائون. ڳالهين ڪندي، ”لارڊ مانٽفرڊ“ ”مس گرئنڊيسن“ کي چيو ته ”جي تون فرڊننڊ کي خوش رکڻ گهرندينءَ ته رکي سگهندينءَ، جو تنهنجي هن تي هلندي آهي“. هن اهو چرچو سمجهي چيو ته ”نڪا مون کي اهڙي هلندي آهي، نڪي انهيءَ بابت ڪي چوڻ مون کي پسند آهي“. انهيءَ ڳالهه تي هنن ٻنهي پاڻ ۾ چرچا ڪيا ۽ کلي ڳالهايو ۽ هڪٻئي کي چتائي ڏٺو. انهيءَ مان هو هڪٻئي جي دل جو خيال معلوم ڪري سگهيا.

اتي ”گلئسٽن بيري“ به اوچتو ملاقات لاءِ اچي نڪتو ۽ سيني کي اتي گڏ ڏسي ۽ خاص ”هنرئيٽا“ کي خوش ۽ سرهو ڏسي، حيران ٿيو. حال احوال ڏيڻ کان پوءِ، پين ويهي هن سان صحبت ڪئي ۽ ”لارڊ مانٽفرڊ“ ۽ ”هنرئيٽا“ ائين ئي ”فرڊننڊ“ سان پتي راند ويني ڪئي. ”لارڊ“ هن کي چيو ته ”مون کي تنهنجي بيماريءَ جو ٻڌي ڏاڍو ارمان ٿو ٿئي“. هن چيو ته ”برابر، منهنجي طبعيت چڱي نٿي رهي“. هن چيس ته انهيءَ عمر ۾ ماڻهوءَ کي خوش رهڻ گهرجي. اميد آهي ته هن بهار جي موسم ۾ تون بلڪل چڱو ڀلو ۽ اڳي جهڙو خوش طبيعت ٿيندين!“ ”فرڊننڊ“ چيو ته ”مون کي اها دعا دل سان نٿي لڳي!“ ”هنرئيٽا“ چيو ته ”جيڪي ٿئي ٿو، سو سڀ چڱو آهي، ماڻهوءَ کي انهيءَ تي پورو ويساهه رکڻ کپي ۽ چڱائيءَ جي اميد ڌارڻ کپي“. ”فرڊننڊ“ چيو ته ”منهنجو مذهب اهو ناهي“. آتي راند به پوري ٿي ۽ ”لارڊ مانٽفرڊ“ ”فرڊ ننڊ“ کي چيو ته ”سڀاڻي اچجئين ته هلي عجائبخانو گهمون“. هن پهرين نٽايو، پر پوءِ قبول ڪرايائونس. تنهن کان پوءِ ”فرڊ ننڊ“ موڪلايو، ۽ ٻيا به موڪلائڻ لڳا. ”گلئسٽن بيريءَ“، کي ”لارڊ مانٽفرڊ“ روڪي ٻيهاري چيو ته ”اوهين

منهنجي خانگي جاءِ ۾ هلو، ته اوهان کي هڪڙو چڱو اُڪر جي ڪم جو نمونو ڏيکاريان".

جڏهن هو ٻئي اڪيلا ٿيا، تڏهن "لارڊ مانٽفرڊ" هن کي چيو ته "اوهين سڀني مهمانن کي هتي گڏ ڏسي حيران ٿي ڏٺوُ". هن چيو ته "برابر". تڏهن لارڊ چيس ته "هنرئيٽا گڏريل ڳالهيون مون کان ڪين لڪايون هيون، مون اڄ ڪيس چيو هو ته اوهان سان آءٌ انهيءَ بابت ذڪر ڪندس، تنهنڪري اوهان کي هتي خلاصو گڏيو آهيان". "گلئسٽن بيريءَ" هن جي پڇا ڪرڻ تي ٻڌايس ته "جڏهن پهرين مون هنرئيٽا کي فرڊ ننڊ سان گڏ ڏٺو، تڏهن مون پل ڪان ڇاتو ته هوءَ مس گرئنڊيسن آهي، پوءِ مون، تجويز سان، جيڪا حقيقت معلوم ٿي هُيَم سا مس گرئنڊيسن کي ٻڌائي، ليڪن اهو نه ٻڌايومانس ته اها ٻي زال ڪهڙي آهي، جنهن فرڊ ننڊ جي دل هٿ ڪئي آهي. هن پاڻ انهيءَ جو نالو ٻڌڻ نٿي گهريو". پوءِ انهيءَ تي ٻئي ڄڻا "مس گرئنڊيسن" جي هر طرح تعريف ڪرڻ لڳا. خاص انهيءَ ڪري جو جيتوڻيڪ ڪيس "فرڊ ننڊ" سان شاديءَ جي ڪا به اميد ڪانه آهي، ته به، هن جي مائٽن کي پنهنجا مائٽ ڄاڻي، هنن کي رنج ڪرڻ نٿي گهري ۽ نه هنن کي پنهنجو حال ٻڌائي ٿي، مات ڪريو، هن جي مرضي رکي، "فرڊ ننڊ" سان رس رکيو اچي ۽ هن جي سچي خير خواهه ٿي هن کي خوش رکڻ جي لاءِ دليئون جانيئون ڪوشش ڪندي اچي. "گلئسٽن بيريءَ" "فرڊ ننڊ" جي "هنرئيٽا" سان حد کان زيادهه محبت بلڪ ديوانگيءَ جهڙي حالت جو به بيان ڪيو ۽ اها حيراني ڏيکاري ته جي حقيقت جي هن کي خبر پوندي ته الائجي سندس ڪهڙو حال ٿيندو. "لارڊ مانٽفرڊ" چيو ته "پوءِ ڪا اهڙي تجويز به ڪري سگهبي، جو هو ۽ مس گرئنڊيسن پاڻ ۾ نهي وڃن، ۽ هڪبئي سان شادي ڪرڻ جو نهراءُ ڪن؟ هنرئيٽا جي ڏاڍي خواهش آهي ته ائين ٿئي... اوهين اسان سان انهيءَ منصوبي ۾ شامل ٿيندؤ؟" هن چيو ته "آءٌ خوشيءَ سان شامل ٿيندس، مگر مون کي اميد نٿي سُجهي. فرڊ ننڊ جي طبيعت ۽ محبت جي ڊول ۽ شوق جي مون کي پوري خبر آهي - هو بلڪل مُڙڻ جو ناهي. باقي، مس گرئنڊيسن ويچاري پنهنجو مَٿُ پاڻ آهي. هن جي پنهنجي ماروٿ سان محبت تمام گهٽي آهي، پر جڏهن مون کان معلوم ٿيس ته هو ٻئي ماڻهوءَ جي لاءِ حيران آهي، تڏهن هن پنهنجي دعويٰ اصل ڇڏي ڏني آهي. چوي ٿي ته آءٌ هن جي پيٽ ٿي گذاريندس، پلي ته هو خوش ٿي رهي ۽ چڱو پلو ٿئي!" اتي وري به هو ٻئي "مس گرئنڊيسن" جي گڻن جي تعريف ڪرڻ ۽ ڪيس تحسين ڪرڻ لڳا. پوءِ ته "لارڊ مانٽفرڊ" گهٽي تائين مات ڪري خيال پئي ڪيو. نيٺ "گلئسٽن بيري" موڪلائي هليو ويو.

## باب ايڪٽيهون

# "فرڊننب" قرض جي پيسن جو بندوبست ڪري ٿو

جڏهن "فرڊ نندب" موٽي پنهنجي هوٽل ۾ آيو، تڏهن جيڪي ٻڌي آيو هو، تنهن تي ويچار ڪرڻ لڳو. شڪ پيس ته ڪيس "ڪئٽرائن" سان شادي ڪرائڻ لاءِ ڪو منصوبو برپا ٿيو آهي، ڇا لاءِ جو "هنرئيٽا" پنهنجي نئين مگيندي "لارڊ مانٽفرڊ" جي اڳيان ساٿس زور ڪري پئي ڳالهايو ۽ منتون ڪيائين ۽ گهوڙي تي چڙهي ساڻن گڏ گهمڻ لاءِ ۽ عجائبخاني ڏسڻ لاءِ تي چيائين ۽ هيئن به اشاري طرح تي چيائين ته "ماٿهوءَ ڪي اميد لاهڻ نه گهرجي ۽ جيڪي ٿئي ٿو سو ماٿهوءَ جي چڱائيءَ لاءِ آهي". هو "هنرئيٽا" جي ننگيءَ ۽ دغابازيءَ ۽ بيوفائيءَ تي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ پاڻ کي بيوقوف سمجهڻ لڳو. جو جيئن تي هن چيو تيئن تي ڪيائين. هن کي خفي ڏيارڻ جي لاءِ بيا به سبب اچي گڏ ٿيا. سندس وڪيل جو خط اڳي اتي پيو هو، جنهن ۾ هن اطلاع ڏنو هوس ته تنهنجن قرضخواهن مان هڪڙي ڏاڍي تنگ طلبي ڪئي آهي ۽ دعويٰ داخل ڪرائي ڪيس پڪڙائڻ جو ارادو ڪيو اٿس. اتي "هنرئيٽا" سندس مغز مان نڪري ويئي ۽ پنهنجيءَ عزت آبرو بچائڻ جي ڳڻتي ٿيس. وڃي ستو سهي، پر خواب ۾ به پئي ڪورٽون ۽ بيلف ۽ جيل ڏنائين ۽ مونجهاري ڪان پوءِ "هنرئيٽا" سان به پرچڻ ۽ شاديءَ ڪرڻ جا پئي مزا ڏنائين.

صبح ٿيڻ سان هو ڪپڙا ڍڪي شهر ۾ هڪڙي ماٿهوءَ وٽ ويو، جنهن جي پاءِ سان مالٽا ۾ ڪا ڏيتي ليتي هيس ۽ جنهن سان انگلنڊ ۾ پاڻ اڳي واقف ٿيو هو. سگهوئي هڪڙيءَ جاءِ ۾ آيو، جنهن جي در تي "مارس ۽ ليويسن ڪمپني - اگرن جا واپاري" لکيل هو. اندر آفيس ۾ ڪلارڪ وينا هئا. هن پنهنجي نالي جو ڪارڊ موڪليو ۽ سگهو ئي "فرد نندب" کي متي ماڙيءَ تي وني ويا. مسٽر "ليويسن" وينو هو، جنهن سان هي واقف هو. انهيءَ کي گڏيو ۽ حال احوال ڏنائون ورتائون. "ڪئپن آرمن" چيس ته "آءٌ ڪنهن ڪم سان آيو آهيان، اوهان جي مون کي مدد گهرجي: مون کي پندرهن سوءِ پائونڊ اُڌارا گهرجن، پر تمام ٿوري وقت تائين". مسٽر "ليويسن" نٽايو، عذر ڪيائين ته "منهنجو پائيوار حاضر ڪونهي ۽ اڳي ئي گهڻا پيسا توڏانهن رهيل آهن، جن کي ٿي ورهيه گذري ويا آهن." اهو به چيائينس ته "تنهنجي شاديءَ کي ڏسي ڏسي

تڪجي پيا آهيون. الائجي ڪڏهن تيندي". هن چيو تہ "اوهان کي وياج سان ڪم، سو اوهان کي تمام چڱو ملندو. مون کي هينئر تمام ضرور آهي، تنهنڪري اوهان کي اهڙي مدد ڪرڻ گهرجي. شادي تيسين تي ڪين سگهندي، جيسين ناني جي وفات کي پورو سال نہ گذرندو. جو اهو عرصو ماتمداريءَ ۾ شمار ڪرڻ ۾ ايندو آهي".

نيٺ، هٽندي هٽندي، هو ٽن سون ڪان وٺي ستن سون پائونڊن تائين لهي اچي بيٺو چيائين تہ .ايترا پيسا نقد ٽن مهينن تائين في پائونڊ ٻن شلنگن وياج تي ڏيئي سگهندس، وڌيڪ نقد ڪين آهي، باقي اگر وٺي وجي ٻين ڪي وڪڻين، تہ خوشي تنهنجي". پر "فرڊ ننڊ" اگرن جو واپاري ٿيڻ نہ گهريو ۽ جيڪي نقد تي مليو سو ڪنهن ڏينهن وٺڻ جو انجام ڪيائين.

اجا فرڊ ننڊ نڪري ٻاهر ٿيو، تہ هڪڙيءَ عمديءَ گاڏيءَ ۾ "لارڊ ڪئچم هوڪئن" اچي انهيءَ ساڳئي در تي بيٺو. فرڊ ننڊ جي انهيءَ سان اڳي ئي واقفيت هئي. "ليڊي بيليئر" وٽ بہ هن کي ڏٺو هو. انهيءَ جو بہ انهن اگرن وارن واپارين سان واسطو هو ۽ انهن جو قرضي هو. هڪٻئي کي ڏسي خوش خير عافيت ڪيائون. هڪٻئي کي سهي ڪيائون تہ ڪهڙي ڪم تي آيا هئا. فرڊ ننڊ هن کي پنهنجو حال ڏنو ۽ جنهن مشڪلات ۾ هو سا ٻڌايائينس. هن دلاسو ڏيئي چيس تہ "دلجاءِ ڪر، آءٌ توکي انهيءَ مشڪلات مان ٿو ڇڏايان. تون اچي هتي گاڏيءَ ۾ ويهہ، آءٌ هڪ منٽ ۾ ليويسن وٽان ٿيو ٿو اچان، پوءِ تنهنجي ڪم پٺيان ٿا هلون". هو لهي ويو ۽ جهٽ ۾ وري آيو ۽ ٻئي گاڏيءَ ۾ روانا ٿيا. واٽ هلندي، هن لارڊ فرڊننڊ کي پنهنجي چالاڪيءَ جا ڪم ٻڌايا ۽ چيائين تہ "ٻاهران ڪوڙي ناٺ رکڻ سان سيڪجهہ حاصل ٿي ٿو سگهي. جيئن تون شادي ڪرڻ جي ٿو ڪرين، تيئن آءٌ پارليامينٽ ۾ گهڙيو آهيان. انهيءَ ڏي تي سڀ ڪم پورو پيو ٿئي! هينئر آءٌ توکي اهڙي ماڻهوءَ وٽ وٺيو ٿو هلان، جتان ضرور تنهنجو ڪم ٿيندو".

سگهوئي گاڏي اچي هڪڙيءَ وڏيءَ عمارت جي در تي بيٺي. هي ٻئي لنگهي ويا. نوڪر کان معلوم ٿين تہ مسٽر "بانڊ شارپ" حاضر آهي، مگر ٻيا بہ ڪيترائي ملاقاتي هن کي ڏسڻ جي لاءِ هيٺ منتظر وينا آهن. "لارڊ ڪئچم هو ڪئن" هڪڙو پائونڊ نوڪر کي خرچي ڪري ڏنو، جنهن هڪدم هن جو ڪارڊ سيني کان اڳي وجي پهچايو ۽ هنن ٻنهي کي سڏ ٿيو ۽ هي مٿي چڙهي ويا.

"لارڊ" هن سان "فرڊيننڊ" جي معرفت ڪرائي ۽ ٻڌايائينس تہ "ڪئپٽن آرمن سر رٽڪلف" جو هڪڙو ئي هڪڙو پٽ ۽ "آرمن" واري قلعي جو وارث آهي. هو انگلنڊ جي هڪڙي وڏي دولتمند جي وارث "ليڊي مس گرئنڊيسن" سان تمام جلد شادي ڪرڻ وارو آهي. هن ڪي پندرهن سون پائونڊن جي گهرج آهي". هن جي پڇڻ تي فرڊ ننڊ ٻڌايس تہ "اهي پيسا مون ڪي قرض ڏيڻو آهي، جنهن لاءِ قرض خواهہ دعويٰ ڪرڻ ۽ ڪيس پڪڙائڻ جو اطلاع ڏنو آهي". هن پڇيو تہ "اهو قرض گهرڻ وارو ڪير آهي؟" فرڊ ننڊ چيو تہ "مالٽا ۾ هڪڙو ماڻهو آهي". هن چيو تہ "مسٽر "يونس" تہ نہ آهي؟" فرڊ ننڊ چيو تہ "هائو، اهو". مسٽر "شارپ" چيو تہ "چڱو، آءٌ پندرنهن سوءَ پائنڊ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. آءٌ نڪو ضامن ٿو وٺان، نڪو ڪو هٿڻ، رڳو مون ڪي هٿ سان ڪاغذ تي لکي ڏيو تہ مون هيترا پيسا هن ڪان اڌارا ورتا- پوءِ جڏهن دل چئيوَ، تڏهن موٽائي ڏجو". ائين چئي، هن پيٽي کولي پندرنهن سون جو چيڪ صحيح ڪري هن کي ڏنو ۽ هن جي رسيد لکائي، تڪلي هٽائي، پاڻ وٽ رکيائين ۽ عذر ڏنائين تہ اجا مون وٽ گهڻا ملاقاتي وينا آهن، اوهان جو ڪرَتيو".

"فرڊ ننڊ" مسٽر "شارپ" جي مروت ۽ مهرباني ڏسي حيران ٿي ويو - خاص جڏهن "ليويسن" جي ڳالهہ ياد پيس. هي ٻئي اٿيا ۽ موڪلايائون. مسٽر "شارپ" اٿي هنن کي گڏيو ۽ فرڊ ننڊ کي ايترو بہ چيائين تہ "هينئر وقت تنگ آهي، جي اوهين اڄ رات منهنجي دعوت قبول ڪري مون وٽ اچي ماني کائيندؤ، تہ پاڻ زيادهہ هڪٻئي جا واقف ٿينداسين".

جڏهن "فرڊ ننڊ" ۽ "لارڊ ڪئچم هو ڪئن" گاڏيءَ ۾ وينا، تڏهن مسٽر "شارپ" جي تعريف ڪرڻ لڳا. لارڊ ٻڌايس تہ "هو نہ رڳو خوبصورت جوان آهي، پر ڏاڍن چڱن اخلاقن وارو آهي ۽ ڏاڍو دولتمند آهي - ڪروڙ پتي آهي. اڳي غريب ماڻهو هو، ٿورن ئي ڏينهن ۾ هي پيسو ڪمايو اٿس. شرطون هڻندو هو، سورتيون وڄهندو هو، هاڻ وياج تي پيسا ڏيندو آهي، پارليامينٽ ۾ داخل ٿيڻ تي آهي".

"فرڊننڊ" پڇيو تہ "جهڙيءَ سولائيءَ سان هن مون کي پيسا اڌارا ڏنا، تهڙيءَ سان جي هو ٻين کي بہ ڏيندو هوندو، تہ ايتري دولت گڏ ڪري نہ سگهندو". هن ورنديَ ڏني تہ "هو نالي ناموس جي پٺيان آهي، پيانئي تہ سڪرن ۽ خانداني ماڻهن سان گڏجي وڃي ۽ انهن تي احسان ڪري".

پوءِ "فرڊننڊ" پنهنجي سنگتيءَ جي شڪرگذاري ڪري موڪلايو ۽ هن ڪيس چيو تہ رات جو انين ٻجي گڏجي ماني کائينداسين".

## باب ٻٽيهون

# "ڪئٽرائن" ۽ "هنرئيٽا" جي گفتگو

جنهن ڏينهن "فرڊننڊ" ڪي شڪار لڳو، انهيءَ ڏينهن "هنرئيٽا" ۽ "مس گرئنڊيسن" کي "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "گلئسٽن بيريءَ" عجائبخانو گهمائڻ وٺي ويا. "فرڊننڊ" جي نه اچڻ تي سڀني کي ارمان ٿيو - خاص ڪري "هنرئيٽا" کي، جنهن کي سمجهيو ٿي ته هو ويچارو پنهنجي قرض جي ڳڻتيءَ ۾ هوندو ۽ ٻيا به ڏک هوندس. گهمندي گهمندي، "لارڊ مانٽفرڊ" مس گرئنڊيسن" سان "فرڊننڊ" جي ڳالهه ڇوري ته اڪثر هو ناخوش ٿو رهي ۽ اڪيلو گذارڻ ٿو گهري. چوڻ لڳو ته "ڇو نه اسين ڪوشش ڪري هن کي خوش رکون؟ مس گرئنڊيسن ۽ مس ٽيمپل جهڙين سنگتياڻين هوندي، ڪو به سبب ڪونهي ته ڇو نه هو خوش رهي سگهي". "ڪئٽرائن" چيو ته "مس ٽيمپل کي ڪو فرڊ ننڊ جي سنگتياڻي ڇئي سگهبو؟" هن چيو ته "مون کي پڪ آهي ته هو پاڻ ۾ گهاٽا سنگتي آهن". "ڪئٽرائن" چيو ته "شايد تنهنجي معرفت ائين ٿيو هوندو، نه ته هونئن ڪالهه ئي پهريون دفعو هو پاڻ ۾ گڏيا هئا". "لارڊ مانٽفرڊ" چيو ته "نه نه، هو پاڻ ڪان گهڻو اڳي هڪٻئي جا واقف هئا. خبر نه اٿئي ته هڪٻئي جا پاڙيسري هئا! آرمن ۽ ڊوسيءَ جي وچ ۾ ڪو پنڌ آهي؟" انهيءَ تي "ڪئٽرائن" کي البت حيراني لڳي، جو اڳئين ڏينهن هو ٻئي هڪٻئي ڪان پري ٿي رهيا ۽ اهڙو گستاخ نٿي ڏٺا ۽ نڪو ٻيو شڪ پيس، جو اهڙي ڳالهه ڪندي "لارڊ مانٽفرڊ" کي ريس يا ڪاوڙ ڪانه ٿي ڏني.

عجائبخاني ڏسڻ ڪان پوءِ مڙس ماڻهو ٻاهر پنهنجي ڪم ويا ۽ ٻئي ليڊيون گڏجي "مس گرئنڊيسن" جي گهر آيون، جو گڏجي اتي ماني کائڻ جو نهراءُ ڪيو هئائون. "مس گرئنڊيسن" "هنرئيٽا" کي پنهنجون شيون گهمائي ڏيکاريون ۽ ڪي ڪتاب به ڏيکاريائينس. هڪڙي ڪتاب جي خاص تعريف ڪيائين ۽ چيائين ته "اها هڪڙي محبت جي ڳالهه آهي ۽ لکڻ واري تمام چڱيءَ عبارت ۾ ۽ دلسوزيءَ مان لکيو آهي". تنهن تي "هنرئيٽا" چيو ته "آءٌ محبت جي ڳالهين وارا ڪتاب پڙهندي ئي ناهيان، مون کي وڻن ڪين". هن چيو ته "مون کي ڏاڍا وڻندا آهن، بشرطيڪ اخلاقي نظر تي ٻجڙا نه هجن ۽ دل

تي چڱو اثر ڪن". "هنرئيٽا" چيو تہ "پياري ڪئٽرائن، تون شايد نرم دل تي ڏسجين". هن چيو تہ "تون ڪيئن آهين؟" "هنرئيٽا" چيو تہ "آءٌ سختدل آهيان... مون جهڙو سنگدل ڪو ٿورو هوندو!" "ڪئٽرائن" ڪلي چيو تہ "ڏيان ڪر، متان لارڊ مانٽفرڊ ٻڌي! هن ڪي اها ڳالهہ نہ وڻندي". هن چيو تہ "انهيءَ ڪي اڳي ئي خبر آهي. اسين پاڻ ۾ اهڙي محبت واري گستاخي رکون ٿي ڪانہ". "ڪئٽرائن" چيو تہ "انهيءَ هوندي بہ تون هن ڪي چاهين ٿي؟" هن چيو تہ "تمام گهڻو - آءٌ هن ڪي ڏاڍي تعظيم ڏيندي آهيان، جنهن جو هو هر طرح لائق آهي". "مس گرئنڊيسن" چيو تہ "شايد آءٌ غلط هونديس، پر جي آءٌ مڙس هجان ها، تہ جنهن زال سان آءٌ محبت ۾ ڦاٿل هجان ها، تنهن ڪي جيڪر محبت جي بدران فقط تعظيم ڏيندي ۽ ادب رکندي پسند نہ ڪريان ها!" هن چيو تہ "پياري ڪيٽ، محبت رڳو هڪڙو خواب آهي - هميشہ جي خوشي تعظيم ۽ ادب تي منحصر آهي - هن ۾ ڪو بہ جٽاءُ ڪونهي". "ڪئٽرائن" پڇيو تہ "اها توکي ڪيئن خبر پيئي، جي تون پاڻ ڪڏهن محبت ۾ نہ ڦاٿي آهين؟" هن چيو تہ "مون ڪتابن ۾ پڙهيو آهي". تنهن تي ڪئٽرائن ڪلي چيو تہ "اڳهڻو تو چيو تہ آءٌ اهڙا ڪتاب پڙهندي ئي ناهيان! منهنجي مرضي آهي تہ آءٌ پنهنجي ماروٽ کي اها ڳالهہ ٻڌايان ۽ ننڍ مان جاڳايانس". هن چيو تہ "جي توکي پنهنجي ماروٽ سان ايتري محبت آهي، تہ چو نٿي تون ساڻس شادي ڪرين؟ نهي تہ ائين تہ اوهين ٻئي پرڻجو!" ڪئٽرائن چيو تہ "توکي منهنجي ۽ فرڊ ننڍ جي دل جي خبر ڪانهي: فرڊ ننڍ مون سان ڪڏهن بہ شادي ڪرڻ نہ گهرندو، نڪي آءٌ هن سان شادي ڪرڻ گهرنديس". هن ورندي ڏني تہ "چو نہ؟" هن چيو تہ "چالاڪِ جو اسين شاديءَ ڪان پوءِ جيڪر خوش نہ گذاريون. منهنجي فرڊ ننڍ سان محبت آهي ۽ ڪنهن وقت ۾ ساڻس شادي بہ ڪريان ها، پر انهيءَ هوندي بہ مون خيال ڪري ڏنو تہ شادي نہ ڪرڻ بهتر آهي ۽ اميد اٿم تہ اجا بہ اها حالت هن جي لاءِ بهتو هوندي. هو مون کي هينئر ڀاءُ وانگي آهي. فرڊ ننڍ پاڻ ڏاڍي شوق ۽ چالاڪيءَ ۽ ناهہ نوهہ وارو آهي، آءٌ سادي هلت واري، ٿور - ڳالهائي ۽ مانيٽي آهيان - اسين هڪبٽي جا بلڪل لائق ناهيون. هن کي بہ ڪا شوق ۽ چالاڪيءَ ۽ ڪرائيءَ واري زال گهرجي... جهڙي، هنرئيٽا، تون آهين! تون بيشڪ سندس لائق آهين - ڏاڍي ساڻس نهندينءَ! مون کي وڏيڪ سمجهہ ۽ عقل واري ماڻهوءَ

سان شادي ڪرڻ گهرجي - اهڙو، جنهن جي صلاح تي آءٌ هلي سگهان ۽ جنهن جي راءِ منهنجي راءِ جهڙي هجي - فرڊ ننڊ انهيءَ ڊول جو ناهي". "هنرئيٽا" جواب ڪونہ ڏنو، ماٺ ڪٽي ڪيائين.

ذري ڪان پوءِ "مس گرئنڊيسن" وري پڇيس تہ "ڪالهہ اوهين پاڻ ۾ گڏيو، تنهن کان اڳي تون فرڊ ننڊ جي واقف هئينءَ ڪين" هن چيو تہ "هائو". "ڪئٽرائن" چيو تہ "آءٌ پانيان ٿي تہ هن جي ماءُ پيءُ سان اڳي وَقف نہ هئينءَ، رڳو مسٽر گلئسٽن بيريءَ سان واقف هئينءَ". هن چيو تہ "ائين برابر آهي. فرڊ ننڊ اسان جي حد ۾ شڪار ڪرڻ آيو هو، تنهن سان اتي واقف ٿيس ۽ ٻئي ڀيري آءٌ آرمن جي قلعي ۾ تصويرون ڏسڻ ويئي هيس، اتي مسٽر گلئسٽن بيريءَ سان واقف ٿيس". پوءِ وري ٻئي "آرمن" جي تعريف ڪرڻ لڳيون ۽ پڇاڙيءَ ۾ "ڪئٽرائن" کلي چيو تہ، "اها ڪهڙي نہ عجب جي ڳالهہ آهي تہ جن ڏينهن ۾ فرڊ ننڊ آرمن ۾ بيمار پيو هو، تن ساڳين ڏينهن ۾ تون اٽليءَ ۾ بيمار پيئي هئين!" انهيءَ تي "مس ٽيمپل" البت دل جو مونجهارو ڏيکاريو. "مس گرئنڊيسن" وري بہ کلي چيس تہ "هنرئيٽا" مون سڄو ڳجهہ معلوم ڪيو آهي... تون ئي آهين، جنهن سان منهنجو ماروٺ محبت ۾ قاتل آهي!"

## باب ٹيٹيهون

# "فرڊننڊ" ۽ مسٽر "بانڊ شارپ"

جڏهن "فرڊننڊ" مسٽر "بانڊ شآرپ" وٽ ماني کائڻ ويو، تڏهن هن سندس ڏاڍي آڌر ڀاءُ ڪئي ۽ جي ٻه ٻيا مهمان ٻه اتي حاضر هئا، انهن سان ٻه معرفت ڪرايائينس. هڪڙو هو آئرلنڊ جو "لارڊ ڪئسل فش" ۽ ٻيو هو هڪڙو دولتمند نامعلوم شخص، جنهن جو نالو هو مسٽر "بلنڊ فرڊ" - ٻئي عيشي جيئڙا تي ڏنا ۽ چڱيءَ طبيعت وارا ۽ خوش مزاج هئا. سگهو ئي تي ٻيا ٻه آيا - هڪڙو هو "ڪائونٽ مرابيل" ۽ ٻه سندس سنگتي. مانيءَ تي تي اتيا، ته "لارڊ ڪئچم هوڪئن" ٻه اچي پهتو. "ڪئپٽن آرمن" جي "ڪائونٽ" سان معرفت ڪرائي ويئي ۽ انهيءَ کي هو ڏاڍو وٽيو. ماني کائڻ مهل ٻه هڪبئي جي پاسي ۾ وينا. کانو تمام عمدو هو، چالاڪ جو مسٽر "بانڊ شارپ" گهڻو خرچ ڪري استاد بورچي گهرائيندو هو. تنهنڪري مهمانن انهيءَ جي ڏاڍي تعريف ڪئي. پوءِ قيمتي ۽ عمدو شراب پيتائون ۽ پوءِ خوبصورت زالن جو ذڪر ڇيڙيائون. لنڊن جي شهر ۾ اهڙي ڪا مشهور حسين نازنين سکر يا نِڪر ڪانہ ڇڏيائون، جنهن جي بابت هڪڙي نہ ٻي راءِ نہ ڏنائون. زالن جي وصفن ۽ گڻن ۽ خيالن ۽ عادتن ۽ عيبن تي بحث ڪيائون. ٻين سيني واري سان پٺي ڳالهايو، مگر "ڪئپٽن آرمن" موڙهو مات ڪيو.وينو هو، رڳو "ڪائونٽ" سان ٻہ تي اکر ڪڏهن ڪڏهن تي ڳالهايائين، پر اهي ٻہ ڏاڍا پسنديءَ جهڙا هئا. انهيءَ ڪري ۽ سندس خوبصورتيءَ ڪري، سيني کي هو پسند تي آيو. جيڪي هنن پٺي ڪليو ۽ ڳالهايو، انهيءَ مان ظآهر هو تہ هو دولتمند ٻہ هئا. پر خرچائو ۽ جواري ۽ عيش عشرت ڪندڙ ٻہ هئا. سيني کان وڌيڪ خوش طبع ۽ خوش دل "ڪائونٽ مرابيل هو ۽ سيني اها ساک ڀري تہ ڪهڙيون ٻہ مصيبتون يا شڪستون تي آيون، تہ ٻہ هو انهن ۾ هميشہ خوش تي رهيو.

جڏهن ماني کائي ۽ شراب ۽ ڪافي پي سڀ مهمان موڪلائڻ لڳا، تڏهن "ڪائونٽ مرابيل" "فرڊ نند" کي چيو تہ .اسان سان گڏجي هل". هن وجڻ قبول ڪيو. سگهو ئي مسٽر "بانڊ شارپ" سميت سيئي گاڏين تي چڙهي نڪتا ۽ هڪڙيءَ وڏي عمارت جي اڳيان اچي بينا. جنهن ۾ نهايت گهڻي روشني هئي ۽

عجيب عجيب پردا آيل هئا. "ڪائونٽ" چيس تہ "ڪئپٽن آرمن،" اڄ تہ توکي هن ڪلب جو ميمبر ڪريون!"

پوءِ هو اندر لنگهي ويا. مزي مزي جا ڪمرا عمدي سامان سان سينگاريل هئا. ڪي سندن دوست اڳي ئي اُتي ويٺل هئا. سڳهو ئي، ٻہ ٻہ ٽي ٽي، پتن ۽ بيبن راندين تي، جدا جدا جاين ۾ ڪمرن ۾ ويهي ويا.

اُتي هنن "فرڊ ننڊ" جي "لارڊ فٽز وارن" سان معرفت ڪرائي، جنهن سان هو ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ٿورو ٿورو ڪري گڏ ٽيل ماڻهو چــتا ٿيڻ لڳا - ڪي ڪيڏي ويا، ڪي ڪيڏي. مسٽر "بانڊ شارپ" هاڻ اچي "فرڊ ننڊ" کي ويجهو ٿيو، تنهنڪري "لارڊ فٽز وارن" کي بہ نڪري وڃڻ جو موقعو مليو. مسٽر "بانڊ شارپ" "فرڊ ننڊ" کي راند ۾ شامل ٿيڻ لاءِ صلاح ڪئي، پر هن چيو تہ "آءُ پيسن تي راند اصل ڪين ڪندو آهيان". تنهن تي هن سندس تعريف ڪئي، پر ايترو ٻڌايائينس تہ "مون جا هيتري دولت گڏ ڪئي آهي، سا انهيءَ رستي سان". پوءِ پيسي جي واکاڻ ڪرڻ لڳو ۽ چيائين تہ "پيسو گڏ ڪرڻ سولو آهي، پر انهيءَ کي سنڀالڻ مشڪل آهي". تنهن تي "فرڊ ننڊ" چيس تہ "پنهنجي آزمودي سان چوان ٿو تہ اوهين اهڙا دست ڪشادا ۽ سخي آهيو، جو مون کي حيرت آهي تہ اوهان وٽ پيسو ڪيئن گڏ ٿي سگهندو هوندو!" هن چيو تہ "مون کي تجويز آهي: جن ڏنڏن سان آءُ پيسو گڏ ڪريان ٿو، سي اڪثر ماڻهن کي پسند نٿا اچن، پر آءُ انهن جي خرچ ڪرڻ ۾ اهڙي اٽڪل ٿو هلايان، جنهنڪري نيٺ ماڻهو بہ مون کي پسند ڪندا ۽ پيسو بہ گهر ٿي ڪين ويندو. مثلاً، هن ڪلب ۾ جيڪي ماڻهو اوهين ڏسو ٿا، انهن مان هڪڙو بہ ڪونهي جو منهنجو غلام ناهي. هنن ۾ "لارڊ" ۽ "ڪائونٽ" ۽ ٻيا وڏا وڏا ماڻهو آهن - اهي سڀ مون کي پنهنجو مَٽ ٿا ڄاڻن، مون وٽ اچي ماني کائين ٿا، آءُ هنن وٽ ماني کان ٿو، سڀ مون کي پسند ٿا ڪن ۽ منهنجي خوشامد ٿا ڪن - جيتوڻيڪ اها خاطري اٿم تہ جي سياٽي ڪٽي ڪُتي پوان، تہ جيڪر سڀ ڀڄي وڃن. مگر انهن ۾ هڪڙو ڪائونٽ مرابيل آهي، جنهن جي مون سان سچي پچي همدردي آهي. هو اصل نسل جي پرواهہ ڪانہ ڪندو آهي، رڳو چالاڪيءَ ۽ قابليت ۽ طبيعت تي نظر اٿس. سو ڪئپٽن آرمن، ههڙي ڏنڏي ۾ عيب ڪونهي، بشرطيڪ انهيءَ مان خلق کي فائدو رسي".

## باب چوٿيهون

# "فرڊننڊ" ۽ "هنرئيٽا" جي محبت جي زياده صفائي

"مس گرئنڊيسن" جيڪو ڳجهه معلوم ڪيو هو، سو هو تہ "فرڊننڊ" جي سچي محبت "هنرئيٽا ٽيمپل" سان آهي ۽ اهو ڳجهه هو بردباريءَ ۽ عالي دماغيءَ سان دل ۾ سانڍڻ لڳي. هوءَ جهڙو پنهنجي ماروٽ جي، تهڙو "هنرئيٽا" جي، تهڙو آرمن جي خاندان جي، سچي خير خواهہ هئي ۽ سندس مرضي هئي تہ في الحال پلي "هنرئيٽا" سندس ماروٽ کي اڳي وانگي چاهيندي اچي. اها خبرداري رکندي آئي تہ غلط فهميءَ ڪري ڪو نقصان نہ پهچي، يا ڪو خراب نتيجو نہ نڪري.

ٻئي ڏينهن هوءَ جڏهن "لارڊ مانٽفرڊ" کي گڏي، تڏهن ڳالهين ڪندي، هن کي چيائين تہ "ڪالهہ مون کي ڏاڍي حيراني لڳي، جو معلوم ٿيم تہ فرڊننڊ ۽ هنرئيٽا پاڻ ۾ جهونا واقف هئا، پر وڌيڪ حيرت جي ڳالهہ اها تہ هو هاڻ انهيءَ ڪان پري پيو ڀڄي ۽ پاسو پيو ڪري!" هن چيو تہ "اها بہ حيرت جي ڳالهہ آهي تہ مس گرئنڊيسن جهڙيءَ ماروٽ ڪان بہ هو ٽنو وتي!"

هن چيو تہ "پيارا "لارڊ مانٽفرڊ" حقيقت جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ فرڊننڊ جي پيءُ - ماءُ کي اميد آهي تہ فرڊ ننڊ مون سان شادي ڪندو، پر نڪو هن کي اهڙو ارادو آهي، نڪو مون کي". هن چيو تہ "مون کي اڳي ئي اهڙو شڪ آهي، پر ماڻهو اها ڳالهہ معلوم ڪري عجب ۾ پوندا.... پر اوهان کي ڇو اهڙو ارادو ڪونهي؟" "ڪئٽرائن" چيو تہ "جن ماڻهن جي دل هوندي ٻئي شخص سان، انهن جي شاديءَ ڪرڻ مان ڪو بہ فائدو ڪونهي". هن چيو تہ "اهو برابر آهي ۽ فرڊننڊ جي ڳالهہ تہ نهي، پر توسان اها ڳالهہ ڪيئن تي لاڳو ٿي سگهي؟" "ڪئٽرائن"، شرمائجي، ڪلي، چيو تہ "اهڙو سوال وجهڻ مناسب نہ هو، پر اها بيشڪ عجب جي ڳالهہ آهي تہ آرمن ۽ اوهان جي خاندان وارا، جي اڳي پاڻ ۾ اصل واقف ڪين هئا، سي ٿورن ڏينهن ڪان پاڻ ۾ ڪهڙا نہ گهرا ٿي گڏجي ويا آهن!" "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ مس گرئڊيسن انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ تون هڪڙو ملائڪ جهڙو انسان آهين!" هن چيو تہ "هاڻ تون بہ منهنجي خوشامد ڪرڻ لڳو آهين؟ "لارڊ مانٽفرڊي" چيو تہ "آءُ خوشامد نٿو ڪريان: جي هنرئيٽا

۾ گھٽيون وصفون ۽ گھٽا گڻ آهن، تہ منھنجيءَ راءِ ۾ تون بہ انھيءَ کان گھٽ ناهين". هن چيو تہ "تڏهن تون هن جي محبت ۾ قاتل آهين!" "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "جيڪي هنرئيٽا سان واقف هوندا، سي هن کي محبت ڪندا ۽ هميشہ ائين چاهيندا تہ شل هوءَ هميشہ خوش رهي ۽ ائين رهڻ لاءِ هن کي مدد ڪندا". هن چيو تہ "ائين برابر آهي ۽ منھنجي بہ اها ئي خواهش آهي. هو بئي بيماريءَ کان پوءِ بھتر طبيعت ۾ آهن، پر جھڙي طبيعت هنن جي اڳي هئي، اهڙي اڃا بہ نہ ٿي اٿن".

اتي "ڊچيس". ۽ "هنرئيٽا" اچي نڪتيون ۽ اڳي ئي ڪيل نھراءَ موجب سڀ گڏجي گاڏيءَ ۾ چڙهي گھمڻ ويا.

*   *   *

انھيءَ وچ ۾ "فرڊ ننڊ" گذريل ڏينھن جي ڳالھين تي گھر وڃي پئي ويچار ڪيو، تہ "ڪائونٽ مرابيل" وٽس لڳنھي آيو. اهڙو خوش پئي ڏٺو، جو ڳالھہ ڪرڻ کان ٻاهر، ڪنھن بہ قسم جو فڪر ڪونہ تي ڏٺس. هن کي ڏسي "فرڊننڊ" ڏاڍو خوش ٿيو، جو هن جي صحبت ۾ هن کي پنھنجون ڳڻتيون وسري ٿي وييون. پھريائين تہ هو پاڻ ۾ پنھنجن ڪلب وارن سنگتين، مسٽر "بانڊ شارپ" ۽ ٻين، جي طبيعت ۽ هلت چلت وغيرہ بابت ذڪر ڪرڻ لڳا، پوءِ "ڪائونٽ" چيس تہ "مون کي آزمودو آهي، ماڻھن جي منھن مان سندن طبعيت ۽ دل جي حالت معلوم ڪندو آهيان آءٌ پانيان ٿو تہ تون ڪنھن سان محبت ۾ قاتل آهين، ڇا لاءِ جو ڪالھہ جڏهن خوبصورت زالن جو گفتگو پئي هليو، تڏهن تنھنجي شڪل ڦري ويئي هئي" هي ٻڌي، "فرڊننڊ" جي شڪل وري بہ ڦرڻ لڳي. نيٺ چوڻ لڳو تہ "ڪائونٽ، تون ڏاڍو هوشيار ماڻھو آهين!" هن چيو تہ "برابر آهيان. تون هميشہ ملول خفقان ۾ پيو گذاريندو آهين. آءٌ اڳتي تنھنجو سنگتي ٿيندس ۽ تنھنجي انھيءَ بيماريءَ جو علاج ڪندس. هاڻ اتي سنبر تہ هلون. رچمنڊ ۾ هلي، اتي ماني ڪائينداسين ۽ شراب پيئنداسين... اُتي، اُتي!"

هن جي هُشيءَ تي نيٺ "فرڊننڊ" بہ تيار ٿيو ۽ ٻئي گاڏيءَ ۾ ويھي روانا ٿيا ۽ وڃي "رچمنڊ" ۾ پھتا. "ڪائونٽ" هن کي مزي مزي جون ڳالھيون ٻڌائي گھڻو خوش ڪيو. هن جي صحبت جو اثر هن ۾ بہ پيدا ٿيو: پوءِ وڃي هڪڙيءَ هوٽل ۾ ماني کاڌائون. اتان وري نڪتا، سو ويا سرڪاري باغ ۾ هوا کائڻ.

اتي ”ڊچيس“ ۽ جيڪي ماڻهو ساڻس هئا، سي منهن پئجي وين. ”فرڊننڊ“ گهڻو ئي پانيو تہ نتايان، پر لاچار هنن کي ملڻو ٿيس. هن پنهنجي سنگتيءَ ”ڪائونٽ“ جي بہ هنن سان معرفت ڪرائي. ليڊيون تہ اهڙي ماڻهوءَ کي ڏسي ڏاڍيون خوش ٿيون، جو اڳي ئي هن جي خوش مزاجيءَ جي تعريف ٻڌي هئائون، ٻيو وري هن نيون نيون ٻوليون ٻڌاين، تنهنڪري هو ڏاڍيون خوش ٿيون. ڪجھ وقت تائين گڏ گهمڻ کان پوءِ، ”ڊچيس“ هنن ٻنهي کي وٽس ماني کائڻ جي لاءِ دعوت ڏني. ”فرڊ ننڊ“ پانيو تہ ڪو عذر ڏيان، پر انهيءَ کان اڳي ”ڪائونٽ“ اها دعوت قبول ڪئي ۽ اچڻ جو انجام ڪيائين.

پوءِ سڀ، گهمي، سڌا ويا ”ڊچيس“ جي گهر، جتي ماني تيار هئي. مانيءَ تي ويهڻ مهل ”فرڊننڊ“ جي مرضي هئي تہ ”مس گرئنڊيسن“ جي پرسان ويهي، پر هوءَ چاڻي ٻجهي وڃي، ”ڊچيس“ جي پاسي ۾ ويني ۽ هن کي لاچار ”مس ٽيمپل“ جي پاسي ۾ ويهڻو پيو، جا ”لارڊ مانٽفرڊ“ کان هينئر پري ٿي. ماني ڪائيندي ”ڪائونٽ“ سيني کي پنهنجن چرچن سان خوب کلايو. سيئي واري سان گفتگو ۾ شامل پئي ٿيا، فقط ”فرڊننڊ“ ئي هو جو ماٺ ڪيو وينو هو.

نيٺ ”مس ٽيمپل“ ”فرڊننڊ“ کي زور ڪري ڳالهارايو. چيئينس تہ ”ڪائونٽ مرابل ڪهڙو نہ مزي جهڙو ماڻهو آهي!“ هن ورندي ڏني تہ ”مون کي هن جي خوش مزاجيءَ تي ريس ٿي اچي: آءٌ بہ جي اهڙو خوش هجان، تہ ڪهڙو نہ چڱو!“ ”هنرئيٽا“ چيو تہ ”پوءِ چو نٿو ٿين؟“ هن چيو تہ ”نيٺ ڏينهن پئي ٿيندس. مهرباني تنهنجي، جو اهڙي خواهش ٿي ڏيکارين. مون کي اجا ڪائونٽ جو فلسفو پوريءَ طرح سمجھ ۾ نٿو اچي: هو چوي ٿو تہ جيڪو ماڻهو ڪنهن زال بابت پاڻ کي خفي ۽ ڳڻتيءَ ۾ وجهي ٿو، سو بيوقوف آهي: جڏهن آءٌ بہ انهيءَ راءِ تي ايندس، تڏهن هن وانگي خوش رهندس.... اميد اٿم تہ جلد ئي انهيءَ راءِ تي ايندس!“ انهيءَ کان پوءِ ”هنرئيٽا“ وري وڌيڪ نہ ڳالهايو.

ماني کائڻ کان پوءِ ”ڊچيس“ رٿ ڪئي تہ ”هلو تہ ٻيڙيلن ۾ چڙهي، نديءَ تي سير ڪرڻ هلون“. وري بہ ”فرڊننڊ“ جي ڪُجهڻ کان اڳيئي ”ڪائونٽ“ ”هائو“ ڪري وينو، تنهنڪري هن کي بہ لاچار وڃڻو پيو.

شام جو وقت مزي جهڙو هو. سج لهي ويو هو. هي وڃي هڪڙي ٻيڙيلي ۾ وينا. نديءَ تي هلندي، هڪبئي کي ڳائڻ لاءِ زور ڪرڻ لڳا. نيٺ ”هنرئيٽا“

”مس گرئنڊيسن“ کي گڏ ڳاراياٿون. ڳايو ”هنرئيٽا“ تي، پر هوءَ بہ ساڻس شامل پئي ٿي. ”هنرئيٽا“ جي مٺي ٻولي ٻڌي، ”فرڊننڊ“ کي گذريو ڳالهيون ياد پيئيون. اڳي ئي پاسي تي ويٺو هو ۽ ”هنرئيٽا“ کان پري هو. منهن ورائي، پاڙيءَ پريون اکيون پاسي ڪرڻ لڳو، پر ”ڪائونٽ مرابل“ جون اکيون منجهس هيون، تنهن سهي ڪري ورتس.

تنهن کان پوءِ وري ”ڪائونٽ“ کي آٿي جهليائون ۽ انهيءَ هڪڙي مزي جهڙو راڳ ڳايو، جنهن جي ٻڌڻ ڪري ليڊيون ڏاڍو خوش ٿيون. تنهن کان پوءِ ”مس گرئنڊيسن“ ”فرڊننڊ“ کي ڳائڻ لاءِ چيو. هن عذر ڏنو، تنهن تي ”ڪئٽرائن“ چيو تہ ”هنرئيٽا“، هو منهنجي ڳالھہ اصل ڪين مڃيندو آهي... تون چئينس، تنهنجي ضرور مڃيندو.“ پر، انهيءَ کان اڳي، ”لارڊ مانٽفرڊ“ چيو تہ ”هائو، ڪئپٽن آرمن، مس ٽيمپل ڪيترا پيرا مون کي چيو آهي تہ تون تمام چڱو ڳائيندو آهين، سو ٻڌاءِ اسان کي ڪو راڳ تنهن تي ”فرڊ زنڊ“ لاچار چيو تہ، ”جيتوڻيڪ ورهيہ کن ٿيندو تہ مون ڪين ڳايو آهي، انهيءَ هوندي بہ اوهان جي مرضي رکي آءٌ ڪوشش ڪندس“. پوءِ هن هڪڙو راڳ تمام سوز پرئي آواز سان ڳايو، جنهن جو مضمون هي هو تہ ”منهنجي دل انهيءَ بانسريءَ وانگي آهي، جا ڪنهن بيوفا هٿَ اُجلائي ڇڏي هجي، جنهنڪري انهيءَ جا سب منا آواز بند ٿي ويا هجن... انهيءَ هوندي بہ، خدائي هوا ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ اجلايل ۽ سُتل ساز کي جاڳائي ٿي ۽ اهو اندر جي آھہ کي سُر ونائي ٿو... پر، تڏهن بہ جڏهن خيال ڪجي ٿو تہ جنهن گل جي لاءِ آءٌ مٿا پيو هٽان سو متان بيو ڪو پٽي وڃي، تڏهن دل کي ڪهڙو تہ درد ٿو ٿئي! تنهن کان بهتر آهي تہ اها بانسري وري اجلائي ڇڏيان - ڀلي تہ اٿين ماٺ ۾ پيئي هجي - ڀلي تہ منهنجي دل ڀڄي پرزا ٿئي ۽ ڪنهن بہ آھہ جو جواب نہ ڏئي!“

هن راڳ جو ”مس ٽيمپل“ تي اهڙو اثر ٿيو، جو هوءَ بي آرام ٿيڻ لڳي ۽ پاڙيءَ تي منهن ڪري هنجُون هارڻ لڳي. ”ڪائونٽ مرابل“، جو سندس پاسي ۾ ويٺل هو، تنهن کان اهو انهيءَ راڳ جو اثر ڳجهو رهي نہ سگهيو. ٻين کي بہ انهيءَ جو شڪ گذريو ۽ ٻيا سڀ بہ انهيءَ راڳ جي مضمون تي ڏاڍا ڏکارا ۽ دردمند ٿي پيا.

اتي بتيلو بہ اچي لهڻ واريءَ جاءِ تي پهتو ۽ سيئي لٿا. ”لارڊ مانٽفرڊ“ ۽ ليڊيون گاڏين ۾ چڙهيون ۽ موڪلائي هليون. ”ڪائونٽ“ ۽ ”فرڊ ننڊ“ اڪيلا رهجي ويا. جي پڻ گاڏيءَ ۾ چڙهي پنهنجيءَ جاءِ ڏي هليا.

رستي ۾ ”ڪائونٽ“ چيس تہ ”ڪئپٽن آرمن، لارڊ ڪئچم هوڪئن ڪان مون کي معلوم ٿيو هو تہ تون پنهنجيءَ ماروٽ سان جلد شادي ڪرڻ وارو آهين. هو بہ جوان ليڊيون جي هيون، تن مان تنهنجي ماسات ڪهڙي آهي؟“ هن چيو تہ ”جيڪا زياده سفيد آهي ۽ جنهن جو نالو ”مس گرئنڊيسن“ آهي. هن چيو تہ ”مون بہ ائين ئي سمجهيو. پر تون تہ انهيءَ سان شادي ڪرڻ نہ ٿو گهرين... ائين نہ؟“ ”فرڊيننڊ“ چيو تہ ”ها“. هن وري پڇيو تہ ”مس ٽيمپل ڪير آهي؟“ ”فرڊيننڊ“ چيو تہ ”اها لارڊ مانٽفرڊ سان شادي ڪرڻ واري آهي، هوءَ پيسي واري آهي، منهنجيءَ ماروٽ کان زياده دولتمند آهي“. هن چيو تہ ” اهو چڱو، پر هن جي بلڪل مرضي ناهي تہ لارڊ مانٽفرڊ سان شادي ڪري - مون کي پڪ آهي تہ هوءَ تنهنجي لاءِ مري ٿي!“ ”فرڊيننڊ“ چيو تہ ”ڪائونٽ، تون ڪو عجيب ماڻهو آهين، ڪهڙيون نہ پيو ڳالهيون ڪرين!“ ”ڪائونٽ“ چيو تہ ”پيارا آرمن، آءٌ ٻين سڀني کان توکي زياده پسند ٿو ڪريان ۽ تنهنجو دوست آهيان. اوهان ٻنهي جي اندر جي مون کي خبر آهي. جيڪو پنهنجي دل جو حال هجيئي، سو حجاب کان سواءِ مون سان ڪر. آءٌ توکي چڱي صلاح ۽ مدد ڏيندس“. هن چيو تہ ”پيارا مرابل، تون گهڻي مهرباني ٿو ڪرين ۽ تجربيڪار ماڻهو آهين، مگر منهنجو علاج توکان بہ ٿيڻ جو ناهي: آءٌ ڏاڍو ڏکويل آهيان، مون کي هڪڙو سچو حال - ڀائي گهرجي“. ”ڪائونٽ“ چيو تہ اهو آءٌ آهيان، تون دلجاءِ ڪر. ارادو هوم تہ هلي ڪو ناٽڪ ڏسون، پر هينئر هل منهنجي گهر، اتي هلي ٻاڻ ۾ ڳالهيون ڪنداسين. پر جي سچي پچي هنرئيٽا سان شادي ڪرڻ جي مرضي اٿئي، تہ دير بلڪل نہ ڪر“.

ائين چئي ”ڪائونٽ“ پنهنجي گاڏي هڪلي ۽ اچي گهران نڪتو. ٻئي لهي پيا ۽ ڪافي پي ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

* * *

انھيءَ جي ٻئي ڏينھن، ”ڪائونٽ مرابل“ ھوا ڪائڻ ويو، تہ ڪنھن ھنڌ پنھنجا سنگتي ”لارڊ ڪئچر ھوڪئن“ ۽ ٻيا ڪي مليس، جن سان ٻيھي اوياريون لھواريون ڳالھيون ڪرڻ لڳو. ”مس ٽيمپل“ جي خوبصورتيءَ ۽ نيڪيءَ جو بہ ذڪر اچي پيو. سڀني ھن جي تعريف ڀئي ڪئي، تہ اوچتو ”ڊچيس“، ”مس ٽيمپل“ ۽ ڪي ٻيون ليڊيون گھوڙن تي اچي اتان لنگھيون. ”ڪائونٽ“ ھنن سان سلام عليڪي ڪري وڃي ساڻن گڏيو ۽ گھمڻ ھليو ويو. ”مس ٽيمپل“ جي پاسي ۾ ھلي، ھن سان اڳئين ڏينھن جي نديءَ جي سير جو ذڪر ڪرڻ لڳو. پوءِ وري ”ڪئپٽن آرمن“ جو ذڪر نڪتو. ”مس ٽيمپل“ پڇيس تہ ”اوھين ھن جا واقف آھيو؟“ ”ڪائونٽ“ چيو تہ ”ھو تہ جڻ منھنجو ڀاءُ آھي! جيتري منھنجي ھن سان محبت آھي، اوتري ٻئي ڪنھن سان نہ آھي. ھن جھڙو عجيب انسان ٻن اکين سان ڪونہ ڏسبو! ڏاڍي نرم ۽ نيڪ دل وارو ماڻھو آھي“. ”مس ٽيمپل“ پڇيو تہ ”ڪيترن ڏينھن کان ساڻس واقف آھيو؟“ ھن چيو تہ ”ھميشہ کان پر ٿورن ڏينھن کان ھن جي طبيعت اصل ڦري ويئي آھي: اڳي ڏاڍو خوش طبع ۽ کلڻو ھوندو ھو، ھاڻ الائجي ڇا ٿيو اٿس جو غمگين، اٻاڻڪو ۽ فڪرمند ڏسڻ ۾ پيو اچي - نہ ڪنھن سان گڏجي، نہ ڪنھن وٽ وڃي - ھوٽل جي ھڪڙيءَ ڪنڊ ۾ اڪيلو پيو آھي... مون کي شڪ آھي تہ ھو ويچارو گھڻو جِي ڪين سگھندو! ھن جي مرڻ کان پوءِ منھنجي بہ ھيءَ خوش طبيعت قائم رھي ڪين سگھندي“. ھي ٻڌي ”مس ٽيمپل“ جو منھن ڇونڪيو، ۽ ڪنڌ بہ ٻئي پاسي ٿيس. چوڻ لڳي تہ ”تمام چڱو ماڻھو آھي. سڀ سندس تعريف ٿا ڪن. خدا خوش رکيس، سلامت رکيس...“

ھن پڇيو تہ ”لارڊ مانٽفرڊ کي ھن جي حال جي خبر آھي يا نہ؟ جي ھو کو ھن جو بندوبست ڪري، تہ ڏاڍو چڱو“. ”مس ٽيمپل“ چيو تہ ”لارڊ مانٽفرڊ ھن جو چڱو واقف آھي ۽ ھن کي سندس ڳڻتي آھي“. ھن چيو تہ ”جي اوھين کو ھن جو جلد بندوبست ڪريو تہ چڱو، نہ تہ مون کي اھو بہ ڊپ آھي تہ متان پاڻيھي مرڻ کان اڳي ھو پاڻ کي ماري وجھي! ھن جي تيز طبيعت جي مون کي چڱي خبر آھي“. ”ھنرئيٽا“ چيو تہ ”خير گھرو... سچي پچي اھڙو ڊپ اٿوَ ڪيئن؟“ ھن چيو تہ ”مون کي گھڻو ڊپ آھي. مون کي اھڙين حالتن جو چڱو

آزمودو آهي. هڪڙو منهنجو ڪاليج جو سنگتي هو. اهو بہ بلڪل ڪئپٽن آرمن جهڙو هو. هو منهنجيءَ هڪڙيءَ سوٽ تي عاشق هو. اها فرانس ۾ نهايت خوبصورت زال هئي. هئا بہ جلد شادي ڪرڻ وارا. آءٌ اسپين ڏي هليو ويو هوس. اتي ٻڌم تہ هوءَ ٻئي سان پرڻي. هن جي شاديءَ جي ٻئي ڏينهن، هن بندوق سان پاڻ کي ماري وڌو. سو جڏهن اها ڳالهہ تي ياد پويم، تڏهن منهنجو هانءُ ٿو ڏڪي. هن جو بہ حال اهڙو ئي ٿو ڏسجي! ٻاهر مالٽا ڏي گذاريو اٿس. شڪ ٿو پوي تہ متان اتي ڪنهن زال جي محبت ۾ قاتل هجي ۽ انهيءَ ڪيس ڇڏي ڏنو هجي - اهڙي سبب ڪان سواءِ. ٻيو تہ ڪو مون کي خيال ۾ ئي نٿو اچي. پهرين مون کي گمان هو نہ اها زال سندس ماروٽ آهي، پر مون جانچي ڏٺو تہ اها ناهي، ضرور ڪا ٻي آهي ۽ شايد ڪنهن ٻاهرئين ملڪ جي آهي. گهٽي قرض ڪري بہ ماٿهو اهڙي حال ۾ ايندا آهن، پر جي انهيءَ جي ڪري هجي، تہ آءٌ جيڪر اهو قرض پاڻؤن ڏيئي ڇڏيان. آءٌ هينئر ڏانهس ٿي ويس، جو اوهان کي گڏيس". هن چيو تہ "اوهين ڏاڍا چڱا ۽ مهربان آهيو. آءٌ اوهان جي احسانمند ٿينديس. اسين سڀ اوهان جا احسانمند ٿينداسين. اوهين دڙ دلاسا ڏيئي، خوش رکندا اچوس". "ڪائونٽ" چيو تہ "اهو تہ آءٌ پنهنجو فرض ٿو سمجهان، مگر اوهان مان بہ ڪي تہ هن کي اچي ڏسندا وڃن، يا ڏانهس خط پٽ لکندا وڃن، تہ چڱو. هو چاهندو تہ ڪي دوست ساڻس همدردي ڪرڻ وارا آهن. جي حرڪت نہ هجي، تہ اهو گل ئي ڪٽي مون کي ڏيو تہ وجي ڏيانس!" هن چيو تہ "هو انهيءَ ڏي ڪو بہ خيال ڪونہ ڪندو، پر جي اوهان جي مرضي آهي، تہ آءٌ ڏيان ٿي". ائين چئي، اهو گل ڇاتيءَ تان ڪڍي "ڪائونٽ" کي ڏنائين.

اتان موڪلائي، "ڪائونٽ" سڌو "فرڊننڊ" وٽ آيو. شام جا اَٺ لڳا هئا. "فرڊ ننڊ" وٽان تہ "گلئسٽن بيري" تازو اٿي ويو هو، اڪيلو ويٺو هو. تہ "ڪائونٽ" بہ وڃي اڳيان ويٺس. چوڻ لڳس تہ "يار، آءٌ هڪڙو منٽ بہ هينئر تو وٽ ڪين ترسندس، "فِتز وارن" سان وڃي ماني کائڻي اٿم، هتي رڳو توکي مبارڪ ڏيڻ آيس، تنهنجو ڪم ناهي ڇڏيو اٿم، هي گل نشاني اٿئي.... تنهنجن سڄڻن ڏنو آهي - انهيءَ شرط سان، تہ آءٌ پاڻ پنهنجي هٿ سان توکي ڏيان ۽ سندس پيغام بہ ڏيان". هن چيو تہ "ڪائونٽ، مون

سان مسخري نہ ڪر". هن چيو تہ "مسخري ناهي، سچ ٿو چوان. پر مون چگيون ٻوليون ٺاهي ٻڌايس - زالن سان وري ٻيو ڪيئن پڇبو؟ مون ڪي ڪوڙو متان ڪرين! هوءَ پاڻئي ٿي تہ اسين نوح جي طوفان کان وٺي پاڻ ۾ واقف آهيون. مون تنهنجي پاڻ - گھات ڪرڻ جو دڙڪو ڏنو اٿس. سياڻي توکي سڀ احوال ڏيندس. جي راتوڪيءَ رٿ تي هلنداسين، تہ هوءَ مانٺفرڊ سان پرٽبي ۽ پوءِ توسان محبت رکندي، پر انهيءَ مان ڪي بہ حاصل نہ ٿيندو. تنهنڪري بهتر آهي تہ هن ڪي ڊيچارجي ۽ هن جي دل ۾ رحم ۽ ڏک ۽ ارمان ۽ اهڙا ٻيا خيال پيدا ڪرڻ گھرجن. سياڻي صبح جو تون مون روٺ اچجئين، پوءِ ڳالهيون ڪنداسين، تيستائين هي گل سنگھي خوش رهہ ۽ پڪ ڄاڻ تہ مانٺفرڊ کي شڪست ڏيئي ڇڏيندين!"

## باب پنجٽيهون

# هنرئيٽا ۽ سندس پيءُ

انهيءَ کان پوءِ "ڪائونٽ مرابل" پنهنجي رٿ پوريءَ تجويز سان هلائيندو آيو. ڪوشش ڪري "مس ٽيمپل" کي به جلد جلد ڏسندو هو. هوءَ به اڪثر ساٽس بيحجاب ٿي "فردننڊ" جو ذڪر ڪندي هئي ۽ هي به پيو ڊيڇاريندو هوس. هوڏي، واري سان، "مس گرئنڊيسن" کي به ڏسندو هو ۽ انهيءَ جو به حال - پائي ٿي ويو - جيتوڻيڪ اها ڳالهه هو "فرڊ ننڊ" کان لڪائيندو آيو ۽ "فرڊ ننڊ" جي پيءُ ۽ ماءُ وٽ به سرخرو هو. هو ڪيس پنهنجي پٽ جو گهاٽو يار ۽ خير خواهه سمجهندا هئا. مسٽر "گلئسٽن بيريءَ" سان رس رکيائين ۽ "ڊچيس" کي به پنهنجي خوش طبعيءَ سان خوش ۽ راضي رکندو آيو.

"ڪائونٽ" جي ڪوشش ۽ تجويز جو اهو اثر ٿيو، جو "مس ٽيمپل" کي رات ڏينهن "فردننڊ" جي ڳڻتي ٿي. دل ۾ چاتائين ته مون هن سان ڏاڍو ظلم ڪيو آهي، نه ته هو اجا تائين منهنجي لاءِ پيو مري - جيتوڻيڪ "لارڊ مانٽفرڊ" جي چڱائيءَ ۾ به شڪ ڪونه هوس. پر هينئر نه رڳو "فرڊ ننڊ" تي رحم ۽ قياس ٿي آيس، پر سندس جان جي خوف ڪري ڊپ ۽ ڏک هوس. انهيءَ ڏک ۾ وهاڻي تي مٿو اونڌو ڪري ويني رنائين، ته اوچتو آهستي ڪنهن ٻانهن سندس ڳچيءَ ۾ آڻي وڌي. اهو سندس پيءُ هو، جو چوڻ لڳو ته "بابا، ڪنهن ڏک ۾ آهين ڪيئن؟" هن روئيندي چيو ته "هائو، بابا، ڏک ۾ آهيان". پڻس چيو ته "مون کي ٻڌاءِ ته ڪهڙو حال آهي؟" هن چيو ته "خير، انهيءَ کي ڇا ڪبو؟ منهنجي انهيءَ ڏک جو ڪو علاج ڪونهي، ٻڌائڻ جو ڪهڙو ضرور؟" پڻس چيو ته "آخر آءٌ تنهنجو پيءُ آهيان، ڪو علاج ڪري سگهندس، ڪا تسلي ڏيئي سگهندس. هنرئيٽا، جي تنهنجو مون سان پيار آهي، ته مون کان ڪي به لڪاءِ نه". "هنرئيٽا" چيو ته " بابا، مون کي گذريون ڳالهيون ياد پيئون هيون. سچ ٿي چوان ته آءٌ مري وڃان ها ته چڱو هو!" هن چيو ته پياري ڌيءَ، ڪا تازي ڳالهه ٿي آهي ڪيئن؟ متان هن ٺُوٺَ جي وري تون سان ملاقات ٿي آهي ڇا؟" "هنرئيٽا" چيو ته "بابا، ڀلائي ڪري هن کي اجايو سمجهايو نه ڳالهايو. آءٌ سهي ڪين سگهنديس - خود اوهان جي واتان به ٻڌي نه سگهنديس!" هن چيو ته "هي

ڇا ٿي چوين!.... آخر منهنجي ڌيءَ آهين!" "هنرئيٽا" چيو ته "برابر ڌيءَ آهيان، پر آخر زال ماڻهو آهيان: آءٌ بيو ته ڪين ٿي چوان، پيءُ جي ڪُـنـي حلال آهي، آءٌ اوهان جي حڪم جي تابعدار آهيان ۽ پاڻ کي قرباني ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيان، منهنجي هلت اوهان جي آهي، ... مگر منهنجي دل، منهنجي آهي!" پڻس چيو ته "هنرئيٽا" ڇاجي قرباني؟ "آءٌ جيڪي ٿو ڪريان، سو تنهنجي سک ۽ خوشيءَ جي لاءِ، هي انهيءَ جو عيوضو آهي ڇا؟" هن چيو ته "بابا، جيڪي مون چيو، تنهنجي معافي ٿي گهران، آءٌ اوهان جي حڪم کان ٻاهر نٿي وڃان... اها ڳالهه اصل وساري ڇڏيو". مسٽر "ٽيمپل" البت شوخيءَ مان چيو ته "ڪئپٽن آرمن وري توکي عرض ڪرڻ لڳو آهي ڪيئن؟" هن ورندي ڏني ته "جي ڪيائين ته ڇا ٿيو؟ هن کي ائين ڪرڻ حق آهي". پڻس چيو ته "هائو، تون هينئر دولتمند آهين، سو البت هو هينئر محبتي ۽ وفادار ٿيڻ لڳو هوندو!" هن فقط چيو ته "او فردننڊ" اهي جـُـنيون بـ توکي سهڻ گهرجن!" پوءِ ويهي روئڻ لڳي. پڻس ماٿ ڪري سندس پاسي ۾ ويهي سمجهائڻ لڳس. چيائينس ته "بابا، آءٌ ڪاوڙجان ڪين ٿو. مون کي خبر آهي ته تنهنجي دل جا خيال ڪهڙا هوندا، پر مون کي هميشه تنهنجي سک ۽ سلامتيءَ جي ڳڻتي پئي رهي آهي ۽ اُها آءٌ پنهنجو فرض ٿو سمجهان. جي توکي کو ڏک رسيو آهي، ته اهو تو پاڻ پاڻ تي آندو آهي، منهنجو انهيءَ ۾ ڪو بـ هٿ ڪونهي، جي ڪنهن بيوفا بدمعاش نڳي ۽ دغابازي ڪري تنهنجي دل هٿ ڪئي آهي، ته منهنجي اطلاع ڪان سواءِ ائين ٿيو آهي..." هن چيو ته "ائين نـ چئو، اها ڳالهه برابر ناهي، هو نهايت ايماندار ۽ وفادار آهي، مون کان زيادهه پاڪدل ۽ پاڪدامن آهي!" پڻس چيو ته "البتہ، ... هن توکي اهڙو ويساهه ڇمايو هوندو. پر، ٻڌ، تون لارڊ مانٽفرڊ سان انجام ۾ قاتل آهين! لارڊ مانٽفرڊ منهنجو دوست آهي، انهيءَ جهڙو ڇڱو مڙس ۽ شريف، نيڪ ۽ فضيلت وارو بيو ڪو ٿورو هوندو، تو خوشيءَ سان پنهنجو هٿ هن کي ڏنو، هينئر اهو هٿ ڪڍي وٺڻ مناسب نـ آهي: جي ائين ڪندينءَ، تـ آءٌ توکي پنهنجي ڌيءَ شمار نـ ڪندس! آءٌ هڪڙي ڳالهه ڪرڻ وارو آهيان ۽ جيڪي چوان ٿو سو سمجهان ٿو تـ برابر ٿو چوان: جي انهيءَ آرمن سان محبت رکي، تـ دعا ڪرڻ جي بدران مون کي توکي پـِٽڻو ٿيندو!" "مس ٽيمپل" پيءُ جي پيرن تي ڪـِري چيو تـ "بابا سائين، مون کي معاف ڪريو، مون

کي پٽيو نہ، آءٌ مريو ٿي وڃان، مون تي اوهان کي رحم ڪرڻ گهرجي، خدا جي واسطي مون تي قياس ڪريو، جيئن اوهين شڪجو ٿا، تيئن ناهي - هن ڪڏهن بہ پنهنجي نسبت ۾ مون کي نہ چيو آهي - هن نهايت سنجيدگيءَ ۽ عزت آبروءَ سان هلت پئي ڪئي آهي - مون کي فقط هڪڙي هنڌ اتفاق سان گڏيو. منهنجا دوست، سي هن جا دوست آهن، انهن کي بہ خبر ناهي تہ اسان جي وچ ۾ ڇا ٿي گذريو آهي. هن ڪنهن سان بہ اهڙو ذڪر نہ ڪيو آهي. هن پنهنجو گهر ڇڏي ٿي ڏنو آهي - رڳو انهيءَ لاءِ تہ متان مون کي منهن پئجي وڃي!" پٽس چيو تہ "ڪيئن بہ هجي، توکي لارڊ مانٽفرڊ سان هڪدم شادي ڪرڻ گهرجي!"

هن چيو تہ "بابا، آءٌ حاضر آهيان، اوهين راضي ٿيو، مون کي پٽيو نہ، مون کي پنهنجو اولاد سمجهي پيار ڏيو. آءٌ ڊگبيءَ سان سچي آهيان. پر جيڪي اڳي ٿي گذريو آهي، سو موٽائي تہ نٿي سگهان، انهيءَ جي فقط يادگيري آهي، جا مون کي چڪ ٿي هڻي ۽ عذاب ٿي ڏئي. انهيءَ سڄي حال جي ڊگبيءَ کي خبر آهي، انهيءَ هوندي بہ هو مون سان بلڪل چڱيءَ طرح ٿو رهي ۽ رنج ڪين ٿو ٿئي... اوهان کي بہ ائين ڪرڻ گهرجي". اتي پٽس کي البت قياس آيو ۽ پيار ڏيڻ لڳس. "هنرئيٽا" وري چيو تہ "بابا سائين، اوهين جيئن چوندؤ تيئن ڪنديس، مگر فرڊ ننڊ جي نسبت ۾ ڪي سخت نہ ڳالهايو. اسان هن سان ڏاڍي بي انصافي ڪئي. هو چڱو آهي، پاڪ ۽ صاف آهي - يقين ڄاڻو تہ ائين آهي. هو هميشہ وفادار ۽ ايماندار رهيو آهي. جي اوهين ساڻس گڏجو، تہ هن سان مهربانيءَ ۽ مروت سان ڳالهائجو. جي ساريءَ حقيقت جي اوهان کي خبر پوي، تہ جيڪر هن تي ڏاڍو قياس پئيوَ!"

---

## باب ڇٽيهون

# فرڊ ننڊ ۽ سندس پيءُ

ظاهري ڪري سيڪنهن کي هاڻ خبر هئي تہ "مس ٽيمپل" "لارڊ مانٽفرڊ" سان جلد شادي ڪرڻ واري آهي، مگر هن جي دل "ڪئپٽن آرمن" سان آهي ۽ "ڪئپٽن آرمن" جي نسبت ۾ سندس مائٽن ائين ٿي ڄاتو تہ "مس گرئنڊيسن سان شادي ڪرڻ وارو آهي. (مگر اسان کي خبر آهي تہ هنن انهيءَ جي پاڻ ۾ صفائي ڪري ڇڏي هئي). مسٽر "ٽيمپل" کي دل ۾ پڪو شڪ هو تہ سندس ڌيءَ جي دل جو لاڙو "فرڊننڊ" ڏانهن آهي، "سر رئٽڪلف" کي پنهنجي پٽ جي غير حاضريءَ ۽ بيخياليءَ ۽ اباڻڪائيءَ تي حيرت لڳندي هئي، تنهنڪري هن ارادو ڪيو تہ هن جي شادي جلد ڪري وٺي. "ڪائونٽ مرابل" ۽ "مس گرئنڊيسن" جي منصوبي جي بہ تہ اسان کي خبر آهي تہ همصلاح ٿي ڪوشش پئي ڪيائون تہ سندن رٿ اڄي بيهي. "لارڊ مانٽفرڊ" ئي هو جو ماٺ ۽ سانت ۾ پئي رهيو ۽ سندس ارادي جي ڪنهن کي خبر ڪانہ هئي.

"سر رئٽڪلف" ارادو ڪيو تہ پٽ کان سندس اهڙي بي خياليءَ جو سبب وٺي. پهرين سمجهيو هئائين تہ شايد پنهنجي مگيندڙ ۽ ماروٽ سان جهيڙو ڪيو اٿس، پر جڏهن "ڪئٽرائن" پنهنجي ماروٽ بابت چڱيون چڱيون ڳالهيون ڪيون، تڏهن اهو شڪ لٿس. زال سان صلاح ڪرڻ لڳو. ليڊي آرمن" پڪي زال هئي، تنهن کي شڪ هو سهي، مگر اهو مڙس کان لڪايو آئي ۽ "ڪئٽرائن" جي محبت بہ ساڻس وڌندي پئي ويئي، تنهنڪري مڙس کي دڙ دلاسو ڏنائين ۽ چيائين تہ شاديءَ کان پوءِ سڀ سٺائي ٿيندي.

هڪڙي ڏينهن ڪٽي هو پٽ سان گڏيو. تنهن کي چيائين تہ "فرڊننڊ، تون ڪٽي پيو گذارين، ڏسجين نہ پيو؟، هن چيو تہ "اِتي آهيان، بابا، اوهين تہ خوش پيا گذاريو؟ امان چڱي ڀلي آهي؟"

پوءِ ڳالهين ڪندي، "سر رئٽڪلف" هن کي گهر وٺي ويو، جو اتان ويجهو هو. اتي خلاصو ويهاري چوڻ لڳس تہ "فرڊننڊ، مون کي ڪي ٽوڪي جوڙو آهي. تنهنجي ڪم ڪار ۾ بہ ڪا دست اندازي ڪرڻي نہ اٿم، مگر پيءُ ٿي ڪري البت تنهنجو انتظار رهي ٿو: هاڻ آءٌ پڇان ٿو تہ تو ڪڏهن شادي

ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي؟" هن چيو تہ "آءٌ چئي نٿو سگهان تہ ڪڏهن". پڙس چيو تہ "تنهنجي نانيءَ کي مُئي ورهيہ ڪان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي. تون البت مونجهاري ۾ پيو گذارين. تون ۽ ڪئٽرائن پاڻ ۾ نهيا تہ اچو؟" هن چيو تہ "اسين پاڻ ۾ بلڪل نهيل آهيون. ڇو، ڪئٽرائن ڪا دانهن ڏني آهي ڇا؟" پڙس چيو تہ "نہ، پر تنهنجي هن سان هلت اهڙي آهي، جهڙي ڪنهن محبت واري مڱيندي جي نہ هوندي آهي. جڏهن مون تنهنجيءَ ماءُ سان تي شادي ڪئي، تڏهن اهڙيءَ طرح نہ هلندو هوس".

اتي ٿوري ماٺ ڪيائون. "سر رئٽڪلف" اخبار کڻي ڏسڻ لڳو، ۽ "فردِنند" بخاري ۾ اکيون وجهي وينو. نيٺ پيءُ ڏي منهن ڪري چوڻ لڳو، تہ "بابا، مون ۽ ڪئٽرائن پاڻ ۾ صفائي ڪئي آهي - شاديءَ جو انجام رد ڪري ڇڏيو اٿئون!" پڙس ڪاوڙ مان چيو تہ "ڇا؟... ڪڏهن؟...ڇو؟" ۽ اخبار ٿي سندس هٿ مان ڪري پيئي. "فردِنند" چيو تہ "انهيءَ ڪي گهٽا ڏينهن ٿيا. منهنجي محبت اڳي ئي ڪنهن ٻيءَ زال سان هئي - انهيءَ جي هن ڪي پڪي خبر هئي، تنهنڪري". تڏهن پڙس ڏاڍي ڏک ۽ ارمان مان ڪرسيءَ تي ليٽي پيو ۽ چوڻ لڳو تہ "فردِنند، فردِ نند، ڇا چيئہ... وري چوءُ؟ مون کي اعتبار ۾ نٿو اچي! سچي پچي اوهان جو شاديءَ جوانجام پورو ٿيو ڇا؟" "فردِنند" ڪنڌ لوڏي هائو ڪئي. پڙس چيو تہ "افسوس، ويچاري تنهنجي ماءُ هي ٻڌي مري ويندي!" پوءِ اتي جاءِ ۾ پسار ڪرڻ لڳو. ذري ڪان پوءِ وري پنهنجي منهن چوڻ لڳو تہ "مون کي پڪ هئي تہ ڪا خرابي آهي، انهيءَ مان خير ڪونہ ٿيندو. ديوانا، توکي خبر نٿي پوي تہ تو ڇا ڪيو آهي!" هن چيو تہ "بابا، مون اڳي ئي گهٽا ڏک سٺا آهن، وڌيڪ ارمان ڪرڻ اجايو آهي".

"سر رئٽڪلف" چيو تہ "ابا، ڪئٽرائن چڱي زال آهي، هوءَ توکي آسانيءَ سان معاف ڪندي. تون منٿ ڪرينس، معافي گهرينس... تنهنجي ماءُ جي چئي ۾ هي". "فردِنند" چيو تہ "سائين، ڪئٽرائن سان منهنجي شادي ناممڪن آهي!" پڙس چيو تہ "چوڪرا، تڏهن تو اڳي ئي ڪنهن ٻيءَ سان شادي ڪئي آهي ڇا؟" هن چيو تہ "نہ، مگر آءٌ اهڙي انجام ۾ ٻڌل آهيان، جو ٽيجي ڪين سگهندس". پڙس پڇيو تہ "اُهو ڪهڙو ماڻهو آهي؟" هن چيو تہ "ڪن سببن ڪري آءٌ هن جو نالو نٿو ونان". "سر رئٽڪلف" چيو تہ "فردِنند، توکي خبر نٿي

پوي تہ تون ڇا ٿو ڪرين!" اسان جي سڄي گهر جو پلو ۽ مانُ تنهنجيءَ هلت تي منحصر آهي - انهيءَ جي بچائڻ جو اجُا وقت ويو ناهي، اهو بچائڻ توکي حق آهي: وچي پنهنجيءَ ماروٽ جي پيرن تي ڪِر، هوءَ رحمدل آهي، شايد نيٺ تنهنجي ٿئي". "فردِ نند" چيو تہ "بابا سائين، بيو جيڪي چوندؤ سو ڪندس، پر ائين ڪري ڪين سگهندس". پٽس وري بہ چيو تہ "توکي سماءُ نٿو پوي تہ انهيءَ مان ڪيترو نقصان ٿيندو: "آرمن" جي لاءِ وري سڪنداسين، اسان جو گهر گهاٽ هٽان ويندو، اسين سڀ شهر - نيڪالي ڏسنداسين - اُنهيءَ جي توکي يادگيري ڪانهي... فردِ نند، تون ئي اسان کي بچائي سگهندين!" "فردِ نند" چيو تہ "بابا سائين، آءٌ ڪوڙو دلاسو ڇو ڏيان؟ ائين ٿي ڪين سگهندو، مون کي معاف ڪريو!" پٽس نااميديءَ مان چيو تہ "تڏهن تو پنهنجيءَ ماروٽ سان دغابازي ڪئي، ٺڳي ڪئي، تو پنهنجي خاندان جي آبرو اڳي ئي گم ڪئي هئي، هاڻ اصل انهيءَ کي ناس ڪيئہ! ڇو تون ڄائين، جو اهڙو مصيبت اسان تي آئي! هاءِ هاءِ، تنهنجي ماءُ ٻڌندي، سا الائجي ڪيئن ڪندي! گلئسٽن بيري ڇا چوندو؟" هن چيو تہ "سائين، گلئسٽن بيريءَ کي ساريءَ حقيقت جي خبر آهي. اهو اسان جي خاندان جو خير خواهہ آهي، انهيءَ ڪان اوهان کي خاطري ٿيندي تہ آءٌ پنهنجيءَ ماروٽ سان پرڻجي نٿو سگهان. جي مون هن کي رنج ڪيو آهي، تہ سزا بہ گهٽي ڪاڏي اتم. هن اڳي ئي مون کي معافي ڏني آهي ۽ هوءَ مون سان اڳئين جهڙي آهي. اوهين گهٽو انتظار نہ ڪريو. خدا سڀ سولي ڪندو. گلئسٽن بيري اوهان کي سڀ حال ڏيندو. هاڻ آءٌ موڪلايان ٿو". ائين چئي، "فردِنند" نڪري ويو.

---

## باب ستٽيھون

# "فرڊيننڊ" جيل ۾ ۽ انهيءَ لاءِ "هنرئيٽا" جو ارمان

پيءُ ۽ پٽ جي گفتگو هڪ نوڪر ٻڌي ورتي هئي، جو "مس گرئنڊيسن" جي نوڪريءَ ۾ هو. اهو هڪڙيءَ ڪلب ۾ ويندڙ هو، جتي "مارس ۽ ليويسن" اگرن وارن واپارين جو هڪڙو ڪلارڪ به ويندڙ هو. انهيءَ ڏينهن شام جو اهو نوڪر انهيءَ ڪلب ۾ ويو ۽ اتي جي نوڪرن سان ٻين ڳالهين ڪندي اها ڳالهه به ڪيائين ته "مس گرئنڊيسن ۽ ڪئپٽن آرمن جي شادي به نه ٿي". انهيءَ ڪلارڪ اها ڳالهه ٻڌي ورتي ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو هن پنهنجن ڌڻين سان ڪئي.

ڪن ٿورن ڏينهن ڪان پوءِ، هڪڙي ڏينهن صبح جو "فرڊيننڊ" هوٽل ۾ اچا ستو ئي پيو هو، ته سندس جاءِ جو در کڙڪيو ۽ اوچتو هڪڙو سرڪاري ماڻهو اندر لنگهي آيو ۽ پڇڻ لڳو ته "ڪئپٽن آرمن تون آهين؟" هن چيو ته "هائو، پر تون ڪير آهين؟" بيلف چيو ته "تون منهنجو قيدي آهين! مارس ۽ ليويسن توتي دانهين آهن." هن چيو ته "آءٌ پنهنجي وڪيل کي گهرايان ۽ ضامن ڏيان؟" بيلف چيو ته "هيءَ ڊڪريءَ جي تعميل آهي، تنهنڪري ائين ڪري ڪين سگهبو". هن پڇيو ته "ڪيتريءَ رقم جي دعوىٰ آهي؟" بيلف چيو ته "ٻن هزارن اَٺن سَون پائونڊن جي".

"فرڊ ننڊ" اتي ڪپڙا ڪيا. مسٽر "گلئسٽن بيري" اڳ ئي ٻاهر هليو ويو هو. هن پنهنجي نوڪر کي چيو ته "منهنجن مائٽن کي چئجئين ته آءٌ ڪن ٿورن ڏينهن لاءِ شهر کان ٻاهر ٿو وڃان ۽ تون منهنجي ڪنهن به واقف کي هن ڳالهه جي خبر نه ڪجئين".

تنهن ڪان پوءِ بيلف ۽ سندس ٻئي سنگتيءَ جيڪا گاڏي آندي هئي، تنهن تي هو هن کي چاڙهي سِول جيل ڏانهن وني ويا ۽ اتي هڪڙيءَ خلاصيءَ ڪوٺيءَ ۾ هن کي وڃي ويهاريائون. ضروري سامان هن کي موجود ڪري ڏنو ويو. ڪلاڪ کن تائين "فرڊيننڊ" ڏاڍي فڪر ۾ ويهي پسار ڪيو. سُجهيس ٿي ته سندس وڪيل ايترا پئسا ڏيئي ڪين سگهندو. "ڪائونٽ مرابل" يا "لارڊ ڪئچم هوڪئن" سان صلاح ڪرڻ جي گهڻي خواهش هيس. مسٽر "بانڊ شارپ" کان آسانيءَ ۽ نڀيءَ سان پيسن وني ڪم لائڻ ڪري پاڻ کي عتاب ڏنائين – ته

"پنهنجي خاندان جي عزت آبرو وڃايم ۽ پاڻ کي بہ خوار خراب بلڪ ناس ڪيم".
"هنرئيٽا" جا، پنهنجي پيءُ - ماءُ جا ۽ ٻين يارن دوستن جا خيال ڪرڻ لڳو.
بک لڳي هيس، سپاهيءَ کي سڏي چيائين تہ "مون کي بک لڳي آهي، اڄا ناشتو نہ ڪيو اٿم، سو آڻي ڏي". هن ماني آڻي ڏنيس ۽ ڪي پراڻيون اخبارون بہ پڙهڻ لاءِ آڻي ڏنائينس، ٻي بہ جيڪا مروت پڇي سگهيس، سا ڪيائين. انهيءَ حال ۾ ڏينهن گذري ويو ۽ رات آئي. خيال پچائي، ننڊ ڪٽي ويس.

* * *

هيڏي "فرڊ ننڊ" جو هي حال هو، هوڏي "هنرئيٽا" روز بروز ويئي ڏرڪندي. "لارڊ مانٽفرڊ" توڙي "مس گرئنڊيسن" سهي ڪري ٿي سگهيا تہ انهيءَ جو ڪهڙو سبب آهي ۽ پاڻ ۾ بہ انهيءَ بابت گفتگو ڪرڻ لڳا تہ ڪهڙو سبب هوندو. هن جي بندوبست ڪرڻ لاءِ هڪبئي کي چيائون. "مس گرئنڊيسن" چيو تہ "جڏهن فرڊننڊ پنهنجي پيءُ کي صاف چيو آهي تہ اسان جي شادي ناممڪن آهي، تڏهن زور ڪري هن سان شادي ڪرڻ بيوقوفي آهي. ارمان جي ڳالهہ آهي تہ چوڏاري اباٽڪائي ڏسڻ ۾ پيئي اچي. سيئي هڪڙيءَ نہ ٻيءَ ڳڻتيءَ ۾ آهن. تون بہ ٿورن ڏينهن کان فيلسوف بنيو وتين!" هن چيو تہ "تون سيني کي خوش رکي ٿي سگهين - مون کي بہ!" هن پڇيو تہ "سو ڪيئن؟"... تہ ايتري ۾ "هنرئيٽا" بہ اچي نڪتي ۽ ٻيون ڳالهيون اچي پييون. "هنرئيٽا" چيو تہ "ڪيٽ، ليڊي بيليئر وٽ هلنديئنءَ؟ ڏچيس مون کي اڄ اتي اچڻ لاءِ چيو آهي"" "مس گرئنڊيسن" هلڻ قبول ڪيو.

اتي نوڪر هڪڙو خط آڻي "مس گرئنڊيسن" کي ڏنو، جنهن ڏسي چيو تہ "گلئسٽن بيريءَ" وٽان آهي.

هنرئيٽا، هو مون ڏي لکي ٿو تہ مهرباني ڪري هڪدم هيڏي اچ - الائجي ڪهڙو ضروري ڪم آهي. تون پلي ليڊي بيليئر ڏي وڃ، اتان موٽندي مون کي ملج، پوءِ گڏجي گهمڻ هلنديونسين".

ان موجب، "مس ٽيمپل" ۽ "لارڊ مانٽفرڊ"، گڏجي "ليڊي بيليئر" جي گهر ويا. انهيءَ ٻڍيءَ ليڊيءَ جڏهن هنن کي ڏٺو، تڏهن پري کان ئي چيائين تہ "مون کي ويجها نہ اچو! آءٌ ڏاڍي نااميديءَ ۽ حيرانيءَ ۾ آهيان. آءٌ ڀانيان تہ پنهنجو چينيءَ جو سامان وڪڻي ڇڏيان.. ڪو ونڻ وارو سجهيوَ؟ مون کي نقد پيسن جي گهرج آهي - تمام گهڻي گهرج آهي! آءٌ اوهان جهڙي دولتمند هجان، تہ

ڪھڙو نہ چڱو! ناحق ويچاري کي پڪڙيو اٿن! مون کي تہ روئڻ ٿو اچي... ويچاري کي وڃي جيل ۾ هنيو اٿن! ڪٿي آهي گريگري؟ ڪٿي آهي منهنجو نوڪر؟ خيال ۾ نٿو اچيم تہ ڇا ڪريان! ڪھڙو نہ مزي جھڙو ماڻھو آهي! مزي جھڙا ۽ چڱا ماڻھو گھڻو ڪري مفلس ٿيندا آهن..."

هنن پڇيو تہ "پياري ليڊي بيليئر، ٻيو تہ خير آهي؟" هن چيو تہ "خير ڪٿي آهي؟" مون ڪان نہ پڇو... جي آءٌ پيسي واري هجان، تہ هنن بدمعاشن کي خوب سزا ڏيان!" "لارڊ مانٽفرڊ" وري پڇيو تہ "ڪير تڪليف ۾ آهي؟ ڪير گرفتار ٿيو آهي؟" ليڊيءَ چيو تہ "منهنجو سڀ ڪان پيارو دوست ڦاٿو آهي! اوهين اهڙا سختدل ڪيئن ٿي ٿا سگھو؟ آءٌ اڄ صبح جو ڪيس ڏسڻ لاءِ وئيس، تہ سندس نوڪر پئي رنو - او اجھو هيٺ گريگريءَ جي ڪوٺيءَ ۾ وينو آهي - اجا وينو روئي. آءٌ بہ گھڻو ئي روئان، پر روئڻ مان ڇا حاصل ٿيندو؟"

"لارڊ مانٽفرڊ" وري پڇيو تہ "ڪنهن جو نوڪر آهي؟" "ليڊي بيليئر" چيو تہ اوهين ڪين سڃاڻو؟ منهنجو سڀ ڪان پيارو دوست! بيلف هوٽل ۾ وڃي ڪالهہ پڪڙيس، ۽ نئي جيل ۾ وڌائينس... هاءِ هاءِ، آءٌ ڇري ٿي پونديس...! آءٌ پنهنجو سڀ قيمتي چينيءَ جو سامان وڪڻي بہ هن جو قرض ادا ڪنديس! مون کي نالو ياد نٿو پوي - ڇو نٿا اوهين ياد ڏياريو؟ ڪھڙا خفي ڏيارڻ جھڙا ماڻھو آهيو! ... مس گرئنڊيسن جو مڱيندو!" "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "ڪئپٽن آرمن؟" هن چيو تہ اهو نہ تہ ٻيو ڪير؟ ويچاري کي وڃي جيل ۾ هنيو اٿن!"

هي ٻڌي، "مس ٽيمپل" اٽي جاءِ ڇڏي ويئي. "ليڊي بيليئر" وري اڱوٺي دس جي باقي بقايا پوري ڪرڻ لڳي: "ويچارو مسڪين! وڃڻ ڪاڻ ويو. ڪو بِلو ڪونہ ٿيس! هيءَ ويچاري بہ اٽي ويئي - ڏاڍو صدمو رسيو اٿس - هن جي چڱيءَ طرح واقف آهي. ڪنهن کي ارمان نہ ٿيندو؟ آءٌ چندو ٿي ڪوليان، ضرور گھڻي رقم گڏ ڪنديس... در ٿو ڪڙڪي، ڪو ماڻھو اچي ٿو. منهنجو ڏھنو آهي تہ شڪ ناهي. اهو پيسي وارو آهي ۽ آهي بہ دل جو ڪشادو - "

"لارڊ مانٽفرڊ" اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چوڻ لڳو تہ "ليڊي بيليئر، پلاٽي ڪري في الحال اها ڳالهہ ڪنهن بہ ٻئي ماڻھوءَ سان نہ ڪريو. آءٌ هنرئيٽا کي وڃي ٿو ڏسان. هن جي آرمن جي ڪٽنب سان گھڻ - پلاٽي آهي، انهيءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو آهي. منهنجو غرض مڃي، ڪنهن کي بہ اها ڳالهہ نہ ٻڌائجو - انهيءَ مان گھڻي خرابي پيدا ٿيندي".

اتي نوڪر اچي ٻڌايو تہ ”ليڊي بيرگنٽن“ آئي آهي. ”لارڊ مانٽفرڊ“ پاسي واري جاءِ ۾ نڪري ويو. ڏسي تہ ”هنرئيٽا“ ڪوچ تي منهن ڍڪيو پيئي آهي ۽ سڏڪا ڀريو پيئي روئي. سڏيائينس، پر هن جواب ڪونہ ڏنو. وري چوڻ لڳس تہ ”پياري هنرئيٽا، جيئن تون چوين تيئن ڪريان“. هن چيو تہ ”بچائينس،... بچائينس! هاءِ هاءِ، مون هن کي اهڙي حال ۾ آندو!... فرڊ ننڊ، پيارا فرڊ ننڊ، ...آءٌ مري ويندس....!“

”لارڊ مانٽفرڊ“ چيو تہ ”خدا جي واسطي صبر ڪر، دل نہ لوڙهہ. تنهنجي خاطر ۽ هن جي لاءِ، آءٌ جيڪي پڇي سگهندس سو ڪندس. ماٺ ڪر، متان هوءَ بڪبڪي ٻڌي زال ٻڌي وٺي ۽ ڍنڍورو ڏئي. خاطري ڪر، آءٌ چڱو بندوبست ڪندس“. ”هنرئيٽا“ روئندي چيو تہ ”نہ نہ، تون ڪري ڪين سگهندي... توکي ڪرڻ بہ نہ گهرجي. مهربان، رحمدل دگبي، توکي آفرين آهي. جيڪي مون هينئر چيو، سو وساري ڇڏ، انهيءَ لاءِ مون کي معاف ڪر. پر، آءٌ سچ ٿي چوان، هيءَ مصيبت جي حياتي گذاري نہ سگهنديس! هن چيو تہ ”هنرئيٽا، تون دلجاءِ ڪر. تون توڙي ٻيا، سڀ خوش رهندا. آءٌ بہ آرمن جو دوست ۽ خير خواهہ آهيان. انهيءَ جي ثابتي ڏيئي ڏيکاريندس“. هن وري بہ چيو تہ ”نہ نہ، توکي ڪو بہ حق ڪونهي. ٻيا ڪن تہ ڪن، پر توکي تہ پاڻ نہ ڪرڻ گهرجي. هو عالي دماغ ۽ فخر وارو آهي. جيڪي اسين ڪنداسين، سو هن جي لاءِ موت نظر ايندو. هو اسان جي توري ڪٽڻ ڪان مرڻ زيادهہ پسند ڪندو - مون کي سنديس چڱي خبر آهي“. ”لارڊ مانٽفرڊ“ چيو تہ ”تون انهيءَ ڪان بہ وڏا احسان هن تي رکي سگهندينءَ: هائو، هنرئيٽا، جي هو توسان سچو ۽ وفادار آهي، تہ تون بہ ساڻس بيوفا نہ ٿيندينءَ!“ هن چيو تہ ”او دگبي، دگبي، ائين نہ چوءُ. بس، آءٌ هاڻ هوش ۾ آهيان... تون نهايت وڏيءَ دل وارو ۽ شريف ماڻهو آهين... آءٌ توکي دغا نہ ڏينديس! جيڪي تو هينئر ڏنو ۽ ٻڌو، تنهن جي مون کي معافي ڏي“. ”لارڊ مانٽفرڊ“ چيو تہ ”پياري، اها ڳالهہ وساري ڇڏ. هل تہ هلي باغ ۾ گهمون - اتي توکي ٻڌائيندس تہ گهٽن ڏينهن ڪان ڪهڙا پهہ پئي پچايا اٿم“. ائين چئي، هو ”هنرئيٽا“ کي ڪوچ تان اٿاري، سندس ٻانهن وٺي هليو ويو. اها نظر ڪيائين تہ متان ”ليڊي بيليئر“ ڏسي سندن پنيان اچي.

## باب انٽيهون

# ”فرنند“ سان ”ڪائونٽ مرابل“ جي ملاقات

جڏهن ”فرنند“ صبح جو اٿيو، تڏهن ننڊ جي ڪري دماغ تازو ٿيس ۽ ڪالهوڪيون ڳالهيون وسري ويس، ٿورو ٿورو ڪري ياد پوڻ لڳيس ۽ خاطري ٿيس تہ آءٌ قيدي آهيان. سگهو ئي سپاهيءَ ماني آڻي ڏنيس، پر هن چيو تہ مون کي هينئر اشتهائي ڪانهي، تنهنڪري نہ کاڌائين. سپاهيءَ ائين بہ چيس تہ هڪڙو سکر ماڻهو تنهنجيءَ ملاقات لاءِ آيو آهي. سگهو ئي مسٽر ”گلئسٽن بيري“ اچي اڳيان بيٺس. انهيءَ کي ڏسي، ”فرنند“ ڏاڍو خوش ٿيو، ليڪن هن گهڻو ارمان ۽ ڏک ظاهر ڪيو ۽ دلاسو ڏنائينس. هن ٻڌايس تہ سندس پيءُ کي اجا خبر ڪانهي، تنهنڪري هو زيادهہ خوش ٿيو. ”گلئسٽن بيريءَ“، جي پڇڻ تي سچو حال ٻڌايائينس. تہ ”قريب ٽن هزارن پائونڊن جي لاءِ جيل ۾ پيو آهيان. ڊڪريءَ جي تعميل آهي، تنهنڪري ضامن نہ وٺندا. منهنجي شاديءَ ۾ دير ٿي، تنهنڪري قرض چڪيندڙ بي صبر ٿيا“.

تنهن ڪان پوءِ ”گلئسٽن بيريءَ کي گهڻو ويهڻ نہ ڏنائين، چيائينس تہ ”منهنجي نوڪر جي هٿان کي ڪپڙا ۽ ڪتاب ڏياري موڪل ۽ منهنجي وڪيل کي بہ حال ڏجئين تہ ٿي سگهيس تہ مون کي اچي ڏسي، پر هيءَ ڳالهہ نہ ڪجئين. جي مس ٽيمپل کي خبر پيئي، تہ مون کي گهڻو درد ٿيندو - شادي ڪري، تنهن ڪان پوءِ جي خبر پيس تہ حرڪت ڪانهي“.

اهو سارو ڏينهن بہ هن اتي گذاريو، پر هن کي اهو ورهيہ جي مثال نظر آيو. هزارين خيال ۽ فڪر ۽ ڳڻتيون دل تي پئي ڊوڙيس، نيٺ سج لٿو ۽ هو نااميد ٿيڻ لڳو تہ ڪو بہ کيس ڏسڻ ڪونہ آيو. ائين ڪندي، سپاهيءَ اچي ٻڌايس تہ تنهنجو ڪو دوست آيو آهي. پوءِ ”ڪائونٽ مرابل“ تڪڙو تڪڙو لنگهي آيو. چوڻ لڳو ”واهہ واهہ، پيارا آرمن، تنهنجي دوستي واهہ جي آهي! ڪيئن آهي“ ڪنهن توکي هتي آندو آهي؟ تو چو نہ مون کي بروقت اطلاع ڏنو؟ ٻڌاءِ تہ ڪيتري رقم آهي؟“ هن چيو تہ ”ٻن ۽ ٽن هزارن پائونڊن جي وچ ۾. ”مارس ۽ ليويسن“ هي ڪم ڪرايو آهي“. ڪائونٽ چيو تہ ”مار، وڏي رقم آهي! مون وٽ فقط پنج سؤ هٿا، جي پاڻ سان کڻي آيس.. اسين وجي باقي پيسا گڏ ڪري ٿا اچون“. هن چيو تہ

”پيارا مرابل، تون مهربان ۽ ڪشادھ دل ماڻهو آهين. مون کي افسوس ٿو ٿئي جو منهنجي ڪري توکي تڪليف ٿي اچي. وڏيڪ ارمان انهيءَ جو اٿم تہ ”بانڊ شارپ“ ڪان انهيءَ ڏينهن پندرهن سؤ پائونڊ ناحق ورتم، جي ”ڪئچ“ جي معرفت هن مون کي مفت ڏيئي ڇڏيا، نہ تہ جيڪر هيڏيءَ مهل ڪم اچن ها!“ ”ڪائونٽ“ چيو تہ ”برابر، ارمان جي ڳالهہ آهي، اُهو جيڪر هي پئسا خوشيءَ سان ڏئي ها، پر هاڻ ڪنهن ٻئي سان بندوبست ڪنداسين. ”فنز وارن“ اسان کي مدد ڪندو. منهنجا هن تي گهڻا تورا آهن. چاڻ تہ اهي پيسا تو آڻيان، تون گهڻي ڳڻتي نہ ڪر. قرض جي ڪري جيل ۾ پوڻ ڪا بي آبرو ئي ڪانهي، پارليامينٽ جا ڪيترا ميمبر پهرين اهي قيد پوڳي نڪتا آهن. تون ڪل، خوش ٿي، چڱيءَ طرح کاءُ، پيءُ - دنيا جا اهي ڪم آهن“.

مطلب تہ جيڪو وقت ”ڪائونٽ“ اتي هو، اوترو وقت ”فردِ نند“ کي پنهنجو غم وسري ويو ۽ ائين پئي پانيائين تہ جيل ڪان ٻاهر آهيان ۽ پنهنجي سنگتيءَ سان هوائون ڪائيندو وتان. ڳالهين ڪندي ”فردِنند“ پڇيس تہ ”ٻڌاءِ تہ سهي، هنرئيتا کي ڪي ڏسندو آهين؟“ هن چيو تہ ”آءٌ ڏهاڙي پيو ڏسانس“. ”فردِ نند“ چيو تہ ”ڪڏهن تي پرڻجي؟“ هن چيو تہ ”جڏهن تنهنجي مرضي تيندي“. ”فردِنند“ چيو تہ ”مرابل، چرچا نہ ڪر، جيڪا سچي ڳالهہ هجي سا ٻڌاءِ“. هن چيو تہ ”آءٌ سچي ٿو چوان، مون کي يقين آهي تہ توکان سواءِ هوءَ ڪنهن بہ ٻئي سان شادي نہ ڪندي. مانٿفرڊ کي تہ ڪا بہ اميد ڪانهي، نڪا منهنجي مرضي آهي تہ انهيءَ سان هوءَ شادي ڪري“. ”فردِنند“ پڇيو تہ ”سو ڪيئن ٿو چوين؟“ هن چيو تہ مون کي آزمودو آهي: جوان، خوبصورت، دولتمند زال جي دل هڪڙي سان هوندي، تہ اُها ٻئي سان ڪڏهن بہ شادي نہ ڪندي. جڏهن پهرين بہ تو سان انجام ۾ ٻڌل آهي، تڏهن يقين چاڻ تہ هوءَ تو سان شادي ڪندي... آءٌ هينئر ئي تو کي مبارڪ ڏيو ٿو ڇڏيان! هاڻ وڃيو ٿو تنهنجي لاءِ ”ڪراڪي“ کي ڪاٺ هٽان ۽ تنهنجي لاءِ پيسا هٿ ڪريو ٿو اچان“. نيٺ ”ڪائونٽ“ هن ڪان موڪلائي هليو ويو ۽ دلاسو ڏيئي ويس تہ اڄهو ٿو تون اتان نڪرين.

## باب اُٺيتاليهون

# "فردننبڊ" جي آزادي

"ڪائونٽ مرابل" جي وڃڻ کان پوءِ "فردننبڊ" جي حالت بهتر ٿي - بک بہ لڳيس، ماني بہ کاڌائين ۽ دل ۾ بہ خوشي پيدا ٿيڻ لڳيس. رات جو ستو بہ چڱيءَ طرح. خواب بہ مزي مزي جا ڏٺائين... ڏسي ٿو تہ پاڻي "آرمن" جي محلات ۾ آهي، "هنرئيٽا" ٻاهران دريءَ وٽ اچي بيٺي آهي. مُرڪندڙ منهن سان پنهنجو رومال پيئي لوڏي ۽ هن کي پيئي سڏي. پاڻ ٻاهر نڪري وڃي گڏيو اٿس ۽ باغ مان گل پٽي هن کي ڏنا اٿس. هن کي سواريءَ جي پوشاڪ پيئي آهي، چوي ٿي تہ آءٌ تازي اٺليءَ مان آئي آهيان. سگهو ئي پوءِ چتائي ٿو ڏسيس تہ "هنرئيٽا" نظر مان نڪري ٿي وڃي ۽ انهيءَ جي جاءِ تي "ڊچيس" بيٺي آهي ۽ بيٺي حال احوال پڇي. ستت ئي وري اتي "گلئسٽن بيري" ٿو ڏسي. جو پري کان ڏيکاريس ٿو تہ "ڪئٽرائن" ۽ "لارڊمانٽفرڊ" گڏ پيا گهمن. "فردننبڊ" "هنرئيٽا" کي ٿو سڏي، پر هوءَ ڪانہ ٿي ڏسجي. هو محلات ۾ گهڙي وڃي ٿو، تہ "ڪائونٽ مرابل" کي ڏسي ٿو. جو اڪيلو ماني ويٺو کائي. انهيءَ سان گڏجي پاڻ بہ ويهي ماني ٿو کائي. هو دلجاءِ ٿو ڏئيس تہ "هنرئيٽا" اجها ٿي اچي!

جڏهن اک پٽيس، تڏهن اهڙي مٺي خواب مان جاڳڻ جو گهڻو افسوس ٿيس. اعتبار ۾ نہ پئي آيس تہ اهو خواب ڏٺو اٿم. نيٺ سج جي روشنائيءَ پنهنجي معلوم ٿيس تہ برابر جيل ۾ آهيان. "آرمن" ۾ ناهيان. اجا انهيءَ جي حيرانيءَ ۾ هو، تہ سپاهيءَ اچي ٻڌايس تہ ڪو ٻيو سڪر ماڻهو ملڻ لاءِ آيو آهي. هن اجا دل ۾ پئي خيال ڪيو تہ هي "ڪائونٽ" آهي يا "لارڊ ڪئچم هوڪئن" آهي، تہ اوچتو "لارڊ مانٽفرڊ" گهڙي آيو ۽ چوڻ لڳو تہ "پيارا دوست، معاف ڪجئين، مون تو کي ههڙو سوير اچي تڪليف ڏني، پر ڪالهہ مون کي تمام دير سان خبر پيئي ۽ تو سان ڪي ضروري ڳالهيون ڪرڻيون هيم. تنهنڪري ساجهر آيو آهيان". هن چيو تہ "اوهان جي گهڻي مهرباني، اوهان ناحق ايتري تڪليف ورتي". "لارڊ" چيو تہ "ههڙي وقت تڪليف ڪهڙي آهي، مون کي پاڻ اهو ارمان آهي تہ ڪالهہ چو نہ اچي سگهيس. پيارا دوست، پيسي جي بابت ذڪر ڪرڻ ڏکيو لڳندو، مگر مون کي اُميد آهي تہ پنهنجي دوستيءَ جي نظر

تي تون مون کان حجاب نہ ڪندين ۽ جيڪي ڏيڻ گهران ٿو سو قبول ڪندين" هن چيو تہ "سائين، آءٌ اوهان جو گهڻو شڪر گذار آهيان. اوهان جهڙو شريف ۽ وڏيءَ دل وارو ماڻهو ٻيو ڪو ٿورو هوندو. اوهان جي دوستيءَ ۽ خير خواهيءَ ۾ مون کي ڪو بہ شڪ ڪونهي. انهيءَ هوندي بہ، اوهين مون کي معاف ڪندؤ، جو اها آچ آءٌ قبول ڪري نٿو سگهان".

"لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "منهنجا پيارا آرمن، حد کان وڌيڪ دنيا جو ماڻهو بہ ٿيڻ نہ گهرجي، مهل مهل بہ ڏسڻ گهرجي، ائين ڪرڻ کان جيڪي نقصان ٿيندا ۽ جيترن ماڻهن کي تڪليف پهچندي، انهيءَ جو بہ خيال ڪرڻ گهرجي. جيسين آرمن جي جاگير اوهان جي هٿ ۾ آهي، تيسين دنيا جي ماڻهن وٽ اوهان جو درجو ۽ مرتبو قائم آهي: انهيءَ جي هٿان وڃڻ ڪري نہ رڳو اوهان جي خاندان کي، پر انهيءَ جي دوستن ۽ خير خواهن کي ڪيترو نہ درد ٿيندو! پهرين تنهنجن مائٽن کي هيءَ خبر ٻڌي ڪهڙو نہ عذاب ايندو! اجا هنن کي ڪا بہ خبر ڪانهي. مون جهڙن دوست جي احسان کڻڻ ۾ ڪهڙي حرڪت آهي؟ ٻيون هيتريون خرابيون تہ دفع ٿينديون!"

اهو سڀ "فرڊننڊ" اکين تي هٿ ڏيئي ويٺي ٻڌو. نيٺ چوڻ لڳو تہ "اوهين جيڪي چئو ٿا سو سڀ سچ آهي، پر تڏهن بہ مون کي حق ڪونهي تہ ٽن هزارن پائونڊن جيتري رقم آءٌ اوهان جهڙي دوست کان مفت وٺان يا اڌاري وٺان، جڏهن انهيءَ جي موٽائي ڏيڻ جو مون کي جلد امڪان ڪونہ ٿو سجهي". هن چيو تہ "تو کي ڪهڙي خبر آهي تہ تون ڪنهن دولتمند زال سان شادي نہ ڪندين؟... مون کي پڪ آهي تہ تون ڪندين!" "فرڊننڊ" چيو تہ اوهين شايد مون کي پنهنجيءَ ماروٽ جو اشارو ٿا ڏيو، پر اوهان کي خبر هوندي تہ اسين شادي ڪرڻ وارا ناهيون". هن چيو تہ "اها مون کي خبر آهي. تنهنجيءَ ماسات جو مون کي خيال ڪونہ هو - اها... آءٌ پانيان ٿو تہ ٻئي ڪنهن سان شادي ڪندي". "فرڊننڊ" چيو تہ "ائين" تڏهن آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. شل هوءَ خوش رهي! آءٌ ڪيٽ کي سچيءَ دل سان پانيان ٿو... پر اهو ڪهڙو نصيب وارو شخص آهي، جنهن سان هوءَ پرڻجڻي آهي؟" هن چيو تہ "اهو ڳجهہ في الحال آءٌ ظاهر ڪري نٿو سگهان. وري مطلب جي ڳالهہ تي ٿا اچون... پيارا آرمن، هاڻ يا تون منهنجي ڳالهہ مڃ، يا مون کي تو سان گڏ قيدي ٿي رهڻو ٿيندو، ڇا لاءِ

جو هڪڙي شريف ۽ نيڪ زال سان آءٌ انجام ڪري آيو آهيان تہ تو کان سواءِ آءٌ هن کي وري منهن ڪين ڏيکاريندس!"

اتي "فرڊننڊ" جو چهرو ڦري ويو. هن کي اهو شڪ آيو تہ "هنرئيٽا" سان هو اهو انجام ڪري آيو آهي. "هنرئيٽا" هن کي ڇڏائي ۽ سو بہ "لارڊ مانٽفرڊ" جي هٿان، سا ڳالهہ هن کي تمام ڳري لڳي - تنهن کان قيد ۾ رهڻ هن کي زيادہ پسند آيو. چوڻ لڳو تہ "پيارا لارڊ، مون کي معاف ڪريو. هينئر اهو ذڪر ڪٽي ڇڏيو، آءٌ اهي سبب ظاهر ڪرڻ مناسب نٿو ڄاڻان، جن ڪري آءٌ اوهان جي آڇ قبول ڪري نٿو سگهان". تنهن تي "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "چڱو، تڏهن آءٌ ٻيو ڪو ماڻهو منت ڪرڻ لاءِ پيش ڪندس - من اهو فتحياب ٿئي!" ائين چئي، هن "هنرئيٽا" جي هٿ جو لکيل خط ڪڍي هن کي ڏنو. اهو ڏسي، هو حيرت ۾ پئجي ويو. خط ٿي سندس هٿ مان ڪري پيو، جو لارڊ کڻي وري هن کي ڏنو ۽ پاڻ وڃي جاءِ جي ٻيءَ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. "فرڊ ننڊ" مشڪلات سان اهو لفافو ڦاڙي، خط ڪڍي پڙهيو. انهيءَ ۾ هيئن لکيل هو:"پيارا فرڊننڊ، جيڪي ڊگبي چوي ٿو سو مڃجئين! هو اسان جو نهايت خير خواهہ دوست آهي. ڊگبي ڪئٽرائن سان شادي ڪرڻ وارو آهي - هاڻ تہ خوش ٿيندين؟... هنرئيٽا".

هي خط پڙهي، "فرڊننڊ" هڪدم بيهوش ٿي ڪري پيو. "لارڊ مانٽفرڊ" ڊوڙي آيو ۽ گهنٽي وڄايائين. سپاهي آيو. ٿڌو پاڻي وڌائونس. برانڊيءَ ذرو پيارپائونس. جڏهن هوش ۾ آيو ۽ سپاهي نڪري ويو، تڏهن "فرڊننڊ" چيو تہ "منهنجا پيارا دوست، اڄ مون جهڙو خوش ۽ خوش نصيب ٻيو دنيا ۾ ڪونهي ۽ مون کي يقين آهي تہ تون بہ اهڙو ئي آهين، ڇالاءِ جو ڪئٽرائن ملائڪ جهڙو انسان آهي. مون کي هينئر ايتري خوشي ٿي آهي، جو آءٌ ڳالهائي نٿو سگهان!" هن چيو تہ "برابر آهي، پر هاڻ اسان کي هتان نڪرڻ جو بندوبست ڪرڻ کپي".

اتي سپاهي وري آيو ۽ هڪڙو خط ۽ هڪڙي بدڙي کڻي آيو ۽ چيائين تہ "ڪائونٽ مرابل جو نوڪر کڻي آيو آهي". "فرڊننڊ" خط کولي پڙهيو. هيئن لکيل هو:"پيارا دوست، مون "ڪراڪيءَ" سان ٿي رانديون کيون ۽ پندرهن هزار پائونڊ کٽيم. "آءٌ توکي ٽي هزار ذري کانپوءِ موڪلي ڏيندس ۽ باقي ٻيا پيسا تنهنجي شاديءَ تائين اڌارا ڏيئي سگهندس، جا اميد آهي تہ جلد ٿيندي. هينئر وڃي ٿو سمهان، جو سڄي رات جاڳيو آهيان - تنهنجو دوست، مرابل".

پوءِ "فرڊيننڊ" "لارڊ مانٽفرڊ" کي ڳالهہ ڪري ٻڌائي ۽ چيائينس تہ "مرابيل ڪالهہ مون وٽ آيو هو ۽ چئي ويو هو تہ ڪراڪيءَ سان وڃيو ٿو راند ڪريان، اميد آهي تہ ڪٿندس ۽ توکي پيسا موڪليندس - سو هن پنهنجو انجام پاريو". پوءِ بدڙي کوليائين، تہ انهن مان ڏهہ نوٽ ٽن ٽن سون جا نڪتا. هنن ٻنهي کي حيراني ٿي، تہ هي ڪنهن موڪليا آهن. "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "آءُ ڀانيان ٿو تہ ڪئٽرائن موڪليا آهن. ڇالاءِ جو ڪالهہ مون ڏٺو هو تہ گلئسٽن بيريءَ سان سس ڦس پئي ڪئي. بهتر آهي تہ هي قبول ڪري ڪم آڻجي - وقت بچي پوندو. رات وڏيڪ ڇو جيل ۾ رهجي". ائين چئي، سپاهيءَ کي سڏي چيائين تہ "ڪنهن عملدار کي وٺي آءُ تہ پيسا ڏيونس". هو ويو، ۽ وڃي هڪڙي عملدار کي وٺي آيو. قرض يا ڏڪريءَ وارا پيسا هن کي ڏنا ويا ۽ "فرڊ ننڊ" آزاد ٿيو.

بئي گاڏيءَ ۾ چڙهي اتي هليا ۽ رستي ۾ ڳالهيون ڪندا ويا. "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "ڏس خدا جا رنگ: تنهنجو جيل ۾ پوڻ، هڪڙو سباڳو سبب بنجي آيو! اڳي مس گرئنڊيسن جو مون کي فقط دل ۾ خيال رهندو آيو، پر هيءُ واقعو ٻُڌي مون کي لاچار ٿيو. ڪالهہ وڃي ڪيس بہ عرض ڪيم ۽ ساڻس صفائي ڪيم - انهيءَ ڪري تہ تو وٽ ڪالهہ اچي نہ سگهيس! ڏس تہ لکيو ڪيئن ‘هو: جنهن سان تو شادي ڪرڻ نہ گهري، تنهن سان منهنجي شادي لکيل هئي! پر، انهيءَ ڪري، هنرئيٽا سان ڪا منهنجي محبت گهٽ ناهي - منهنجي بہ هن سان اهڙي محبت آهي، جهڙي تنهنجي ڪئٽرائن سان آهي. اهو سچ آهي تہ جنهن زال جي دل ڪنهن ٻئيءَ ماڻهوءَ سان هجي، تنهن سان زور ڪري شادي ڪرڻ بيوقوفي آهي. اسان سيني کي ڳالهہ جي خاطري ٿي، تنهنڪري گهٽڻ ڏينهن ڪان وٺي صلاحون پئي ڪيونسين- نيٺ اهي پوريون ٿيون ۽ هاڻ اسين سڀ پاڻ ۾ گڏجي پياسين ۽ هڪبئي جا مائٽ ٿياسين".

"فرڊيننڊ" چيو تہ "پيارا مانٽفرڊ، سو تہ نهيو، پر مسٽر ٽيمپل ڇا چوندو؟" هن چيو تہ "انهيءَ سان آءُ پاڻيهي پڇندس: آءُ توکي پنهنجيءَ هوٽل ۾ ڇڏي هينئر ئي هن ڏي ويندس ۽ هن کي سمجهائيندس - اميد آهي تہ هو رنج نہ ٿيندو ۽ ڀيو کو رولو نہ وجهندو". "فرڊيننڊ، چيو تہ "شل ائين ٿئي، ڇالاءِ جو هو مون کي پسند نٿو ڪري، ۽ گهٽيءَ دولت جي ڪري مون تي اک ئي نہ ٻُــڏندي هونديس!، "لارڊ مانٽفرڊ" چيو تہ "انهيءَ کي آءُ پاڻيهي رسندس. مسٽر ٽيمپل

ڪي ڪهڙي اڀوچي آهي؟ هو دنيا جو ماڻهو آهي، فائدي جي نظر رهندي اٿس: هينئر سنديس ڏيءَ خوش ۽ سکي ٿيندي ۽ هڪڙي وڏي خاندان سان مائٽي ٿيندس ۽ ”ڊيوڪ“ نالي ٿيندس!“

”لارڊ مانتفرڊ“ ”فرڊ نند“ ڪي هوٽل ۾ ڇڏي، سڌو ويو مسٽر ٽيمپل ڏي، جنهن سان بہ - ٽي ڪلاڪ هن ڪي ڳالهيون ڪرڻيون پيون. انهيءَ ساڳئي عرصي ۾، ”فرڊ نند“ وري نڪري شاهي باغ ۾ هوا کائڻ ويو. دل ۾ هزار خيال اچڻ لڳس. مالٽا کان آئي هڪڙو ورهيہ مس گذريو هو، تہ انهيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا نہ حادثا ٿي گذريا! هن پاڻ کي هينئر ڏاڍو نصيب وارو ٿي سمجهيو. دولت بہ مليس ۽ جنهن خوبصورت زال سان محبت هيس سا بہ مليس. هن کي ڪيترا نہ خير خواهہ ۽ سچا دوست موجود هئا! هيترن ڏکن ڏسڻ کان پوءِ، نيٺ خدا سک نصيب ڪيس.

## باب چاليهون

# "فردِننڊ" جي لاءِ خوشيءَ جي مجلس

"فردِننڊ" جي دل نہ پئي چيو تہ پنهنجن دوستن مان يا مائٽن مان ڪنهن کي پهرين منهن ڏيکاري. سڀ کان اڳي هن "ڪائونٽ مرابل" وٽ وڃڻ مناسب ڄاتو. اتان اٿي، سڌو اوڏي ويو. هو بہ صبح جي ننڊ ڪري اٿيو هو. هن ساري ڳالهہ ڪري ٻڌيس. پوءِ جڏهن هن سندس آزاديءَ ۽ خوش نصيبيءَ تي خوشي ڏيکاري، تڏهن هن سندس دوستيءَ جي سچائيءَ ۽ وفاداريءَ ۽ نيڪدليءَ جي تعريف ڪئي ۽ سندس شڪر گذاري ڪيائين. هن پڇيس تہ "هاڻ تون ڇا ڪندين؟" "فردِ ننڊ" چيو تہ جيسين "لارڊ مانٽفرڊ" مون کي اطلاع ڏيندو، تيسين آءٌ پنهنجي لاءِ ڪي بہ ڪين ڪري سگهندس، تہ ڪنهن کي وڃي ملندس". هن چيو تہ "چڱو، تڏهن هل تہ توکي گاڏيءَ تي چاڙهي هوٽل ۾ ڇڏيو وڃان".

جڏهن "فردِ ننڊ" هوٽل ۾ آيو، تڏهن ڇهہ وڳا هئا. هڪڙو خط سندس نالي اڳي ئي آيل هو. "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "مسٽر تيمپل" جا ڪارڊ بہ اتي پيل هئا، جي سندس غير حاضريءَ ۾ اتي آيا هئا. خط ڦاڙي هو پڙهڻ لڳو. هي مضمون هوس: "منهنجا پيارا ڪئپٽن آرمن. آءٌ پاڻ سان هي خط لکي ڪٺي آيو هوس، انهيءَ لاءِ تہ متان تون نہ هجين. هنرئيٽا کان مون کي معلوم ٿيو تہ تون لنڊن ۾ آهين ۽ بيمار آهين - انهيءَ جو مون کي انتظار آهي. پاڻ کي گڏئي گهڻا ڏينهن ٿيا آهن، تنهنڪري اميد آهي تہ اڄ رات جي ماني اسان سان اچي کائيندين. مون کي تنهنجي ڏسڻ جو گهڻو شوق آهي، تنهنڪري ضرور اچجئين. رڳو گهر جا ياتي ۽ پنهنجا دوست هوندا. ٻيو ڪو ڌاريون ماڻهو ڪونہ هوندو - ٻڍي ليڊي بيليئر ۽ تنهنجي دوست ڪائونٽ مرابل کي سو سڏيو اٿم. هنرئيٽا جي مرضي آهي تہ ڪائونٽ ضرور اچي، تنهنڪري تون ڪنهن بہ طرح وٺيو اچجئينس. منهنجا ۽ هنرئيٽا جا سلام رسن - تنهنجو خير خواهہ، پيلهام تيمپل".

"ڪائونٽ" پڇيس تہ "خير جو خط آهي؟ مون کي ڏي تہ آءٌ بہ ڏسان". خط وٺي، پڙهي، چوڻ لڳو تہ "واهہ ڏاڍو چڱو خط آهي! منهنجي دل وٺان آهي. آءٌ چو نہ هلندس، خوشيءَ سان هلندس، منت ڪرڻ کان سواءِ هلندس - ڏس تہ اُتي

هلي کھڙيون نہ ہوليون ٿو ٻڌايان - هن چڱي مڙس ٽيمپل کي ڏس تہ کھڙو نہ سٺو ٿو ڪريان! پيارا آرمن، هاڻ خوش ٿي، ٽپا ڏي، . . . ڏس تہ ڪيئن تنهنجو ڪم ناهيو اٿم!“

شام جو، مانيءَ جي مهل تي، هي ٻئي دوست گڏجي مسٽر ”ٽيمپل“ جي، گھر آيا. اندر گھڙڻ سان ”فرڊ ننڊ“ جي دل لڏڻ لڳي. خبر نہ پئي پئيس تہ الائجي ڇا ٿو ٿئي - ڇڻ تہ هوش پورو نہ هوس. پر، ڪائونٽ جي سنگت ۾ ۽ انهيءَ جي ٽيڪ ۽ ڏڍ تي، لنگھي اندر ٿيو. ڪيترا ماڻهو وينل ڏٺائين، پر اڪين جي اڳيان لُڙاٽ هوس، تنهنڪري سماءُ ئي ڪونہ پيس تہ ڪٿي آهيان ۽ ڪير وينل آهن. . . خبر تڏهن پيس - جڏهن مسٽر ”ٽيمپل“ اچي هٿ ڏيئي لوڏو ڏنس - پوءِ اک پٽيس ۽ ڏٺائين تہ ”ڊچيس“ ۽ سندس ماءُ بہ اتي آهن. ”ليڊي بيليئر“ وري سندس پيءُ سان پئي ڳالهايو. پرپرو ”ڪائونٽ“، ”هنرئيٽا“، ”لارڊ مانٽفرڊ“ ۽ ڪن ٻين، جهُمٽ ڪريو، ٻيٺي ڪا تصوير ڏٺي. ”ڪائونٽ“ سڏي چيس تہ ”آرمن، هيءَ تصوير تہ اچي ڏس، ڪھڙي نہ چڱي نڪتل آهي!“ تنهن تي ”فرڊننڊ“ اتي ويو ۽ وڃي هنرئيٽا ۽ ٻين سان بہ گڏيو ۽ تصوير بہ ڏٺائين. ”هنرئيٽا“ ايترو چيس تہ ”تنهنجي اچڻ ڪري آءٌ گھڻو خوش ٿي آهيان“ - پر سندس منهن جو رنگ پئي بدليو ۽ اکيون پئي چمڪيس، جنهن مان ظاهر هو تہ سندس دل ۾ ڪي خوشيءَ ۽ شوق جا خيال پئي گذريا.

سگھو ئي مانيءَ جو سڏ ٿيو ۽ وڃي ميز تي گڏ ٿيا. ”ڪائونٽ“ ”ليڊي بيليئر“ جي پاسي ۾ ويٺو، ”مس ٽيمپل“ ”ڊيوڪ“ ۽ ”فرڊننڊ“ جي وچ ۾ ويٺي، ”ڊچيس“ مسٽر ”ٽيمپل“ جي پاسي ۾ هئي. ”ليڊي بيليئر“ هڪدم پنهنجو دس ”ڪائونٽ“ تي ڇنڊڻ لڳي: چوڻ لڳي تہ ”آءٌ خوش ٿي آهيان جو تون منهنجي پاسي ۾ ويٺو آهين! تنهنجي مون ناموس ٻڌي آهي. . . ناموس وارا ماڻهو مون کي وڻندا آهن. تون ڇو نہ مون وٽ ايندو آهين ۽ مون کي اچي ڏسندو آهين؟ ستينءَ، انيءَ يا نائينءَ تاريخ مون وٽ اچي ماني کائج. آءٌ ڏهاڙي ماني ڪارائيندي آهيان. . . گھڻا ئي ايندا آهن. . . اتي گھڻن ليڊين سان تنهنجي واقفيت ٿيندي - پر ڪنهن سان ڇرچو متان ڪرين! خبر ناهي تہ تون بہ پنهنجي ڏاڏي جهڙو ڇرچائي آهين يا نہ. سٺر ورهيہ ٿيندا جو آءٌ ساڻس ناچ ۾ نچي هيس.. مون کي ياد آهي“. ”ڪائونٽ“ چيو تہ ”اسان جي ڪٽنب جي ماڻهن کي

اها ڳالهہ ياد آهي!" "ليڊي بيليئر" کلي چيو تہ "ڏس بدمعاش وري ڪوڙ تو ڳالهائين، پر ڪڏهن مون ڪي ڪوڙ وڻندو آهي - مگر جي اهو ڪوڙ چڱو هوندو تہ! دستور آهي تہ سچ کان وڌيڪ ڪوڙ ۾ لذت آهي - "

انهيءَ وچ ۾ "فرڊ ننڊ" - جو "هنرئيٽا" جي پاسي ۾ ويٺل هو - ڪي خوشيءَ جي خيالن ۾ ۽ ڪي گذريل تازن حادثن جي خيالن ۾ اهڙو محو هو، جو برابر ڪاڏائين نٿي ۽ يا تہ ڪائڻ جي قانونن ۾ چوڪون پئي ڪيائين - ڪڏهن شوروي ۾ ڇُري پئي وڌائين، ڪڏهن مڇي چمچي سان پئي ڪاڏائين، تہ ڪڏهن شراب جي بدران پاڻيءَ جا ڍڪ پئي پريائين! جي هن جو اهو حال هو، تہ "هنرئيٽا" جو ڪانئس گهٽ نہ هو. انهيءَ کي خوشيءَ جي گهڻائيءَ کان پورو سماءُ ڪونہ هو. "فرڊ ننڊ" سان گهٽو ڳالهايائين ڪين ٿي ۽ نہ اکين کڻي هن ڏي ٿي نهاريائين. "گلئسٽن بيري"، جو "فرڊ ننڊ" جي ٻئي پاسي ويٺو هو، تنهن کي هن آهستي چيو تہ "مون کي الائجي ڇا ٿيو آهي؟....جيئن نہ ڪنهن جادوءَ جي اثر هيٺ هجان!" هن چيو تہ "بيشڪ هوندين - جنهن حالت ۾ تون آهين سا اهڙي ٿي آهي!" هوڏي وري "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "مس گرئنڊيسن"، جي گڏ وينا هئا، تن جو بہ اهڙو ئي حال هو. هو پاڻ ۾ پنهنجي مونجهاري بابت، توڙي "ڪائونٽ" ۽ "ليڊي بيليئر" جي مسخرين بابت ذڪر ڪرڻ لڳا. "هنرئيٽا" ۽ "فرڊننڊ" ۾ بہ اکيون وجهيو وينا هئا ۽ انهن بابت بہ پئي ڳالهايائون ۽ انهن جي نسبت ۾ پاڻ جيڪو منصوبو ڪيو هئائون ۽ جو نيٺ فتحياب ٿيو، تنهنجي تعريف پئي ڪيائون. مطلب تہ ماني خير جي پوري ٿي ۽ سيني اهو وقت خوشيءَ ۾ گذاريو. جڏهن ماني کائي اٿيا، تڏهن "فرڊ ننڊ" "ڪئنٽرائن" سان بہ گڏيو ۽ چرچا گهڻا ڪيائين، پنهنجي پيءُ - ماءُ سان بہ کي ڳالهايائين، جنهنڪري هو ڏاڍا خوش ٿيا. هنن کي ساري حقيقت "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "ڪئنٽرائن" کان معلوم ٿي هئي، انهيءَ ڪري ڏاڍيءَ حيرانيءَ ۾ پيا هئا. پوءِ خوشيءَ کان هنن کي دعائون ڪرڻ لڳا ۽ "هنرئيٽا" جي تعريف ڪرڻ لڳا. وري پوءِ "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "ڪئنٽرائن" جي تعريف ڪرڻ لڳا.

نيٺ سڀ وچي صفي ۾ گڏ ٿيا ۽ ڳالهيون ٻوليون ڪرڻ لڳا. "ليڊي بيليئر، "فرڊننڊ" کي چيو تہ "مون کي هڪڙو ڳجهہ معلوم ٿيو آهي... چو نہ تو مون کي ٻڌايو؟ پر مون پهريندي کان سهي ڪيو هو! تنهنجي لاءِ مون ڏاڍي

ڪوشش ڪئي هئي. مون کي سچي محبت وٽندي آهي - اوهان جي سچي محبت هئي. مون پنهنجو سڀ قيمتي چيني جو سامان وصيتنامي ۾ توکي ڏيئي ڇڏيو آهي. تون هميشه مون کي وڻندو هئين. مون ٻڌو آهي ته تون "ڪائونٽ ٽنگا باب" جو گهاٽو يار آهين... "ٽنگا باب" يا ڪو ٻيو نالو اٿس، مون کي ياد نٿو اچي - اهو ڪائونٽ، جنهن جي ڏاڏي سان ستر ورهي اڳي آءٌ نچي هيس! چڱو ٿو ڪرين... يار اهڙا ڪجن، بيعقل دوست اصل نه ڪجن! آءٌ هاڻ اوهان سيني کي پنهنجي گهر دعوت ڏيئي ماني ڪارائيندس. پوءِ سڀ ڪنهن کي خبر پوندي ته اوهان جي شاديءَ جو بندوبست مون ئي ڪيو آهي!"

"ڪائونٽ" وري مسٽر "ٽيمپل" کي ڳالهين ڪندي خاطري ڪرائي ته "فرڊننڊ" ڏاڍو چڱو ماڻهو آهي ۽ سندس ڌيءَ نصيب واري آهي، جو هن سان شادي ٿي ڪري. مسٽر "ٽيمپل" به اها ڳالهه قبول ڪئي ۽ خوشي ظاهر ڪيائين.

نيٺ سڀ اٿيا، ۽ موڪلائي هليا ۽ ٻاهر نڪتا. "فرڊننڊ" ۽ "هنرئيٽا" جاءِ ۾ اڪيلا رهجي ويا. هڪٻئي ۾ اکيون اٽڪائي، ڏسڻ ۽ مُرڪڻ لڳا. وجهه وٺي، ڏاڍي شوق ۽ محبت مان هڪٻئي کي پيار ڏيڻ لڳا. انهيءَ مهل هنن کي اڳوڻيون تڪليفون سڀ وسري ويون، رڳي خوشي دل ۾ هين، جنهن جي گهٽائيءَ کان وات مان وائي نڪري نٿي سگهين - پر سندين اکين ۽ سندين دلين ۽ سندن روحن پاڻ ۾ پئي ڳالهايو ۽ انهن جي ٻولي هنن چڱيءَ طرح پئي پروڙي.

اتي مسٽر "ٽيمپل" به مهمانن کي اماڻي موٽي جاءِ ۾ آيو. ايتري ۾ "هنرئيٽا" ڪسڪي نڪري ويئي. "فرڊننڊ" سان ٻه - ٽي ڳالهيون ڪري، پوءِ انهيءَ کي به اماڻيائين ۽ چيائينس ته "سياڻي ڏينهن جو ماني به اسان وٽ اچي کائج."

---

## باب ايڪيتاليهون

# پڇاڙي

انهيءَ ڪان پوءِ "فرڊيننڊ" اڪثر مسٽر "ٽيمپل" جي گهر گذاريندو هو - ۽ "هنرئيٽا" جي منيءَ صحبت ۾ گذاريندو هو. "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ ڪيٿرائن وري اڪثر پاڻ ۾ گڏ گذاريندا هئا. اگرچ هنن جي شادي جلد ٿيڻ واري هئي، تہ بہ نسبت ۾ البت ڪجهہ ڏينهن لڳي وين. انهيءَ وچ ۾ مسٽر "ٽيمپل" بہ گروي وارن کي پيسا ڏيئي، "آرمن" جي جاگير آجي ڪري، پنهنجي ڌيءَ جي اولاد کي ملڻ لاءِ وصيت ۾ لکي ڇڏي. ساليانہ پيدائش جو ڪجهہ ڀاڱو "آرمن" جي قلعي ۽ محلات نهرائڻ لاءِ ڌار رکيو ويو ۽ انهيءَ تي خرچ ٿيڻ لڳو. جيسين اهي جڙي تيار ٿين، تيسين "فرڊيننڊ" مسٽر "ٽيمپل" سان گڏ گهٽو ڪري "ڊوسي" ۾ رهڻ لڳو.

نيٺ اهو ڏينهن آيو، جڏهن هنن ٻنهي نصيب وارن جوڙن جي شادي ٿي. ٿي بہ هڪڙي ئي هنڌ ۽ مسٽر "گليسٽن بيريءَ" هنن جو نڪاح پڙهيو. "لارڊ مانٽفرڊ" ۽ "ليڊي مانٽفرڊ" ٻئي پنهنجي پيءُ جي جاگير ڏي "سسيڪس" ۾ وڃي رهڻ لڳا ۽ "فرڊ ننڊ" ۽ "هنرئيٽا" "آرمن" ۾ اچي رهيا. هنن کي سڀ فڪر ۽ انتظار وسري ويا. ڏکن پنيان سکن جي اچڻ جو هنن کي پوريءَ طرح يقين ٿيو ۽ انهن جي بہ ثابتي ملين تہ هن دنيا ۾ سچي محبت ڏکن ۽ تڪليفن کان سواءِ ڪين هلندي آهي، مصيبتن اچڻ جي ڪري انهيءَ جي چڱي آزمائش ٿئي ٿي. هنن کي پڪ ٿيندي ويئي تہ انهن مصيبتن ۽ تڪليفن جي ڪري پاڻ سندن محبت زيادہ رونق واري ٿي ٿـي ۽ سندن خوشي حد کان وڌيڪ زيادہ ٿي ٿِـي، جا شايد اهڙن حادثن کان سواءِ اهڙي نہ ٿئي ها. هينئر هنن جهڙو خوش ۽ سڀاڳو ٻيو دنيا ۾ ڪو ٿورو هو.

اهي ٽيئي خاندان، جن جي پاڻ ۾ اهڙي گهرائي ٿي ويئي هئي، سي هميشہ هڪٻئي وٽ ايندا رهندا هئا ۽ هڪٻئي جي صحبت ۾ خوشيءَ جو وقت گذاريندا هئا. "ڪائونٽ مرابل" بہ ڪڏهن ڪڏهن هنن وٽ ايندو هو، هنن سان گڏ شڪار ڪري خوش ٿيندو هو ۽ پنهنجن چرچن گهٻن سان هنن کي خوش ڪري ويندو هو. "فرڊيننڊ" سان هن جي دوستي اڳي جهڙي سچي هلي آئي. "فرڊيننڊ" پنهنجي دوست "لارڊ ڪيٿر هوڪئن" کي بہ نہ وساريو. هميشہ هن

سان مروت جي رستي هليو ايندو هو. بلڪ جيڪا مدد پڇي سگهندي هيس سا پيو ڏيندو هوس. جڏهن "فرڊننڊ" مسٽر "بانڊ شارپ" کي پنهنجا پندرهن سؤ پائونڊ موٽائي ڏنا، تڏهن وياج جي بدران هڪ کي هڪڙي سون جي رڪابي ڏنائين، جا هو عجيب تحفي وانگي سانڍڻ لڳو.

"ليڊي بيليئر" پوءِ به، پنهنجي ساليانِي گشت ۾، واري سان انهن ٽنهي ڪٽنبن سان رستو رکيو آئي، جو زور ڪري پيئي چوندي هئي ته "انهن ٻنهي شادين جو بندوبست منهنجي معرفت ٿيو آهي". جڏهن به وٽن ويندي هئي، تڏهن هنن کي پنهنجي زباني دسن سان ڪڪ به ڪندي هئي، ته خوش به ڪندي هئي.

مسٽر "ٽيمپل" کي به نيٺ معلوم ٿيو ته جيڪا پهريندي ڳٽتي هيس ته متان ڪو "ڊيوڪ" ناني نه ٿئيس، سا بيجا هئي. "فرڊننڊ آرمن" جي مٺيءَ طبيعت ۽ سهٽيءَ هلت هن کي هر طرح خوش ۽ راضي رکيو، جنهنڪري پنهنجي ڌيءَ ۽ پنهنجي نانيءَ سان زيادهه محبت ٿيندي ويس.

"لارڊ مانٽفرڊ" پوءِ سگهو ئي پارليامينٽ جو ڪمائو ميمبر ٿيو ۽ مسٽر "آرمن" کي به سٽت ئي پارليامينٽ ۾ داخل ٿيڻ جو وجهه مليو.

ڏينَــهنِ پٺي "فرڊ نند" کي پٽ ڄائو، جنهن جو نالو هن پنهنجي ٻڍي دوست ۽ اُستاد ۽ پادريءَ جي پنيان "گلئسٽن بيري" رکيو. اُهو خانداني جاگير ۽ لقب جو وارث ٿيو ۽ هن کي ٻه ننڍا ياءُ پوءِ به ڄاوا، جن جا نالا "ٽيمپل" ۽ "ڊگبي" رکيائون. انهن کان پوءِ هن کي هڪڙي ڀيڻ به ڄائي، جنهن تي وري به "هنرئيٽا" جو نالو رکيائون.

– انهيءَ طرح، هيءَ اسان جي "سچي محبت" جي ڳالهه پوري ٿي.

---



## سچي محبت

هيءُ ڪتاب، انگريزي ڪتاب "هنرئيٽا - ٽيمپيل" تان ورتل آهي، جو "آرل آف بِيڪَنسفيلڊ" جو لکيل آهي. اِهو صاحب انگلينڊ جو مشهور ملڪيَ مدبر ۽ فاَضل مصنف ٿي گذريوَ آهي. هن جي مشهور ڪتابن مان هي ٻـ هڪڙو آهي. انهيءَ جو سارو مضمون، ضروري ڦير گهير ۽ ڇيج گهٽ ڪرڻ ڪان پوءِ، هتي آندو ويو آهي. اميد آهي تـ پڙهندڙن کي گهڻو پسند ايندو.

- قليچ بيگ